الجزء ٢٠ اَمَّنۡ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضَ وَ اَنۡزَلَ لَكُمۡ مِّنَ السَّمَآءِ مَآءً ۚ فَاَنۡۢبَتۡنَا
بِهٖ حَدَآئِقَ ذَاتَ بَهۡجَةٍ ۚ مَا كَانَ لَكُمۡ اَنۡ تُنۡۢبِتُوۡا شَجَرَهَا ؕ ءَاِلٰهٌ مَّعَ
اللّٰهِ ؕ بَلۡ هُمۡ قَوۡمٌ يَّعۡدِلُوۡنَ ؕ ﴿٦٠﴾ اَمَّنۡ جَعَلَ الۡاَرۡضَ قَرَارًا وَّ جَعَلَ
خِلٰلَهَاۤ اَنۡهٰرًا وَّ جَعَلَ لَهَا رَوَاسِىَ وَ جَعَلَ بَيۡنَ الۡبَحۡرَيۡنِ حَاجِزًا ؕ ءَاِلٰهٌ
مَّعَ اللّٰهِ ؕ بَلۡ اَكۡثَرُهُمۡ لَا يَعۡلَمُوۡنَ ؕ ﴿٦١﴾ اَمَّنۡ يُّجِيۡبُ الۡمُضۡطَرَّ اِذَا دَعَاهُ وَ
يَكۡشِفُ السُّوۡٓءَ وَ يَجۡعَلُكُمۡ خُلَفَآءَ الۡاَرۡضِ ؕ ءَاِلٰهٌ مَّعَ اللّٰهِ ؕ قَلِيۡلًا مَّا
تَذَكَّرُوۡنَ ؕ ﴿٦٢﴾ اَمَّنۡ يَّهۡدِيۡكُمۡ فِىۡ ظُلُمٰتِ الۡبَرِّ وَ الۡبَحۡرِ وَ مَنۡ يُّرۡسِلُ
الرِّيٰحَ بُشۡرًۢا بَيۡنَ يَدَىۡ رَحۡمَتِهٖ ؕ ءَاِلٰهٌ مَّعَ اللّٰهِ ؕ تَعٰلَى اللّٰهُ عَمَّا
يُشۡرِكُوۡنَ ؕ ﴿٦٣﴾ اَمَّنۡ يَّبۡدَؤُا الۡخَلۡقَ ثُمَّ يُعِيۡدُهٗ وَ مَنۡ يَّرۡزُقُكُمۡ مِّنَ السَّمَآءِ
وَ الۡاَرۡضِ ؕ ءَاِلٰهٌ مَّعَ اللّٰهِ ؕ قُلۡ هَاتُوۡا بُرۡهَانَكُمۡ اِنۡ كُنۡتُمۡ صٰدِقِيۡنَ ﴿٦٤﴾
قُلۡ لَّا يَعۡلَمُ مَنۡ فِى السَّمٰوٰتِ وَ الۡاَرۡضِ الۡغَيۡبَ اِلَّا اللّٰهُ ؕ وَ مَا يَشۡعُرُوۡنَ
اَيَّانَ يُبۡعَثُوۡنَ ﴿٦٥﴾ بَلِ ادّٰرَكَ عِلۡمُهُمۡ فِى الۡاٰخِرَةِ ۚ بَلۡ هُمۡ فِىۡ شَكٍّ
مِّنۡهَا ۚ بَلۡ هُمۡ مِّنۡهَا عَمُوۡنَ ﴿٦٦﴾ ع ٥ ٨ ١

يلا اهو كير آهي، جنهن آسمانن ۽ زمين کي پيدا ڪيو ۽ جنهن آسمان
طرفان مينهن وسايو ۽ پوءِ ان جي ذريعي اسان پر رونق باغ اپايا. هي توهان

جي وس ۾ ناهي تہ اهي درخت اپايو، تہ پوءِ (ٻڌايو تہ) ڇا الله سان گڏ ڪو ٻيو معبود آهي (هرگز نہ)، پر ان هوندي بہ هي ماڻهو (حق کان) انحراف ڪري رهيا آهن. (60) ڀلا ڪنهن زمين کي سڪون ۽ قرار وارو بنايو ۽ ان ۾ درياءَ وهائي ڇڏيا ۽ ان تي (لڏڻ کان) پهاڙ بنايا ۽ ٻن دريائن جي درميان آڏ بنائي، پوءِ (ٻڌايو) ڇا خدا سان گڏ ڪو ٻيو معبود آهي؟ پر هنن جي اڪثريت نٿي ڄاڻي.(61) ڀلا اهو ڪير آهي، جو مجبور ۽ لاچار جو فرياد ٻڌي ٿو ۽ سندس تڪليف دور ڪري ٿو، جڏهن ڪيس پڪاريو وڃي ٿو ۽ جيڪو اوهان کي زمين تي جانشين (خليفو) بنائي ٿو، ڇا الله تعالىٰ کانسواءِ ڪو ٻيو معبود بہ آهي؟ اوهان ٿوري نصيحت ئي حاصل ڪريو ٿا. (62) ڀلا اهو ڪير آهي، جو بري ۽ بحري (خشڪي ۽ سمنڊ) جي اونداهين ۾ رستي جي رهنمائي ڪري ٿو ۽ اهو ڪير آهي، جو پنهنجي رحمت (برسات) کان اڳ ۾ خوشخبري ڏيندڙ هوائون موڪلي ٿو. پوءِ ٻڌايو ڇا هڪ الله تعالىٰ کانسواءِ ڪو ٻيو معبود آهي. هي ماڻهو جيڪو شرڪ ڪن ٿا، الله تبارڪ و تعالىٰ ان کان گهڻو بلند بالا ۽ برتر آهي. (63) ڀلا اهو ڪير آهي، جيڪو مخلوق کي ابتدا ۾ پيدا ڪري ٿو ۽ وري ان جو اعادو ڪري ٿو ۽ اهو ڪير آهي جيڪو توهان کي آسمان ۽ زمين مان رزق ڏئي ٿو، ڇا ان هڪ الله سان گڏ ڪو ٻيو معبود آهي؟ هنن کي چئو تہ جيڪڏهن اوهان سچا آهيو تہ پوءِ دليل ۽ ثبوت پيش ڪيو.(64) تون هنن کي چئو تہ جيڪو ڪجهہ آسمانن ۽ زمين ۾ آهي الله کانسواءِ انهن مان ڪنهن کي بہ غيب جو علم ناهي. هنن کي اهو بہ معلوم نہ آهي تہ ڪين ڪڏهن ڪين اٿاريو ويندو. (65) دراصل آخرت جي باري ۾ ڄاڻڻ کان هو عاجز آهن. بلڪ ان بابت هو شڪ ۾ مبتلا آهن ۽ ان بابت هو انڌا ٿي چڪا آهن. (66)

پوئين آيت ۾ ڪافرن ڪان اهو سوال پڇيو ويو هيو ته الله بهتر آهي يا اوهان جون اهي مورتيون، جن کي اوهان الله جل شانه جو شريڪ سمجهو ٿا. الله جل شانه ته قادر آهي، توانا آهي، نفعي ۽ نقصان جو مالڪ آهي. اهڙو بااختيار صاحبِ اقتدار، مالڪِ ڪل، الوهيت ۽ عبوديت جي لائق آهي، يا اوهان جا اهي بي بس، بي حس، فرضي ۽ جڙتو معبود، جيڪي نه نفعو ڏئي سگهن نه نقصان، جيڪي خود پنهنجي وجود لاءِ اوهان جا محتاج آهن. حقيقي الله ئي عبادت ۽ الوهيت جي لائق آهي، جنهن آسمانن ۽ زمين کي پيدا ڪيو آهي، (الزخرف: 43/87-9، العنڪبوت: 63/29، يونس: 3/10) جنهن جي اقتدار ۽ اختيار ۾ هي پوري ڪائنات ڪارفرما آهي. هي اهو پروردگار آهي، جيڪو اوهان جي ضرورياتِ حيات پيدا ڪرڻ لاءِ بادلن مان برسات وسائي ٿو. انهيءَ پاڻي سان نديون نهرون، تلاءَ ۽ چشما پرجي وڃن ٿا. زمين تي هر طرف سبزو ساوڪ نظر اچي ٿو. وڻ ٽڻ، باغات ۽ کيت آباد ٿين ٿا ۽ نوع انسان ۽ تمام جاندارن لاءِ سامانِ حيات مهيا ٿئي ٿو. خدا جا اهي عطيات زمين، پاڻي، هوا، روشني، حرارت هن قادرِ مطلق کانسواءِ ٻيو ڪير آهي، جو اهي نعمتون عطا ڪري ۽ پنهنجي ربوبيت ۽ رحمت سان پوري ڪائنات، هر ذي جان، ڪل نباتات، معدنيات، حجر، شجر سڀ کي سنڀالي رکي ٿو. ياد رهي ته هر خير الله جل شانه طرفان آهي. توهان جا معبود ته هڪ درخت يا هڪ بادل به بنائي نٿا سگهن. لڳاتار چئن آيتن ۾ "اَمَّنۡ" جي سواليه جملن ۾ دراصل استفهام ۽ سوال جواب مقصود نه آهي. پر پوري زور بيان سان حقائق تي حقائق بيان ڪرڻ آهي، جنهن ۾ ڪنهن کي ان جي برعڪس مخالف وٽ جواب ڏيڻ جي جرئت ناهي. اهي گمراهه، پليل ۽ پنڪيل ماڻهو پنهنجي جذبات جي تابع ٿي، هڪ طرف جهڪي پون ٿا ۽ غلط راهه روي اختيار ڪري، اهڙين ڪمزور، ناقص ۽ ناتوان شين کي الله جي همسر ڪرڻ گهرن ٿا . (العنڪبوت: 63/29، المؤمنون: 23/85-83)

پالتا ہے بیج کو مٹی کی تاریکی میں کون
کون دریاؤں کی موجوں سے اٹھاتا ہے سحاب
کون لایا کھینچ کر پچھم سے بادِ سازگار
خاک یہ کس کی ہے؟ کس کا ہے یہ نور آفتاب

(اقبال رحمۃ اللہ علیہ)

پلا ٻڌايو تہ توهان جي ٻي ٻس ۽ ٻي حس ٻتن کان اهو الله جل شانه بهتر ناهي، جيڪو زمين کي پاڻيءَ جي مٿان بيهاري، اهڙي طرح سڪون ۽ آرام سان ڪيس گردش ڏئي ٿو، جو ان تي رهڻ وارن کي خبر بہ نٿي پوي ۽ رات ڏينهن وجود ۾ اچن ٿا. زمين ۾ پهاڙن جون ميخون هڻي مضبوط رکيو آهي. درياءَ ۽ نهرون جاري ڪيون ۽ ٻن سمنڊن جي درميان هڪ اهڙي غير مرئي اوٽ (رڪاوٽ) ناهي، جنهن ۾ مٺي ۽ کاري پاڻيءَ جو ميلاپ ٿيڻ رڪجي ويو. (الفرقان: 53/25، فاطر: 12/35، الرحمان: 55/20-19)

منڪرؤ! ٻڌايو تہ پلا اهڙي ڪا ٻي شيءِ آهي، جو انهن جي اختيار جي مالڪ هجي ۽ هن ڪائنات جي نظم و نسق ۾ الله جو هٿ ونڊائيندي هجي؟ اهڙي ڪا بہ هستي يا شيءِ ناهي. جڏهن ڪو بہ شخص، هستي يا شيءِ اهڙو ناهي، جو الله جل شانه سان ڪنهن بہ شيءِ ۾ شريڪ هجي تہ پوءِ الله جل شانه سان الوهيت ۽ عبادت ۾ ڪير شريڪ ٿي سگهندو. هي صاف ۽ سڌي ڳالهہ آهي تہ هن ڪائنات جو حڪمران ۽ بااختيار مالڪ هڪ الله عزو جل آهي. اوهان جن کي پنهنجو سفارشي سمجهندا هئا تہ اهي اسان کي الله تعالىٰ کان معافي وٺي ڏيندا، اڄ ڪٿي آهن، انهن کي ڇو نٿا پڪاريو "هٰٓؤُلَآءِ شُفَعَآؤُنَا عِنۡدَاللّٰهِ (يونس: 18/10) پر هي ماڻهو علم و بصيرت ۽ غور و فڪر کان ڪم نٿا وٺن. پنهنجي توهم پرستي، جهالت ۽ انڌي عقيدت سبب غلط رستي تي هلي رهيا آهن. وري هنن کان اهو پڇو تہ اهو ڪير آهي، جڏهن ڪو مجبور، محڪوم ۽ مظلوم شخص يا قوم ۽ قبيلو وغيره پنهنجن پريشانين ۾ پڪاري ٿو تہ سندس مدد کي اچي ٿو ۽ هن جي ڏک جي دوا پريشانين جو حل ڏئي ٿو. (بني اسرائيل: 67/17، النحل: 53/16) اهڙي طرح مظلوم قومن کي وري اقتدار ڏئي ڪري ٿو. (النور: 55/24) گويا قومن جي موت و حيات يا زوال ۽ عروج جو اهو قانون آهي. ٻڌايو تہ پلا الله عزو جل کانسواءِ ڪو ٻيو آهي، جو اوهان جون مشڪلاتون دور ڪري ۽ عمل صالح جي نتيجي ۾ وري اقتدار عنايت ڪري. تمام ٿورا ماڻهو آهن، جيڪي انهن حقيقتن تي غور ڪن ٿا. وري هنن کان اهو پڇو تہ پلا رات اونداهين ۾ جڏهن اوهان صحرا جي ميدانن يا سمنڊ جي لهرن ۾ سفر ڪري رهيا آهيو تہ اهو ڪير آهي، جو تارن جي روشنيءَ سان آسمان ۾ قنديليون

روشن ڪري اوهان جي رهبري ۽ رهنمائي ڪري ٿو، يا ائين سمجهو تہ جهالت ۽ گمراهيءَ جي انڌيرن ۾ ڪير پنهنجي وحي ۽ رسول ڪرام موڪلي رهنمائي ڪري ٿو. خدا تعالىٰ جو هي اهڙو تہ مضبوط ۽ مربوط نظام آهي، جنهن ۾ ڪڏهن ڪنهن غلطي يا خاميءَ جي گنجائش ناهي. وري اها ڪهڙي هستي آهي، جيڪا هوائن ذريعي بادلن کي هلائي ٿي. تڏين هوائن سان گرميءَ جو زور ٽوڙي ٿي ۽ بادل وسائي، زمين کي ترو تازه بنائي، قسم قسم جا ڦل ميوا اناج ۽ سبزيون پيدا ڪري ٿي. خدا جي هن مضبوط نظام ۾ ٻيا الله جل شانه کانسواءِ ڪو ٻيو آهي، جو اهو سڀ ڪجهہ ڪري سگهي. اهو سڀ ان الله بزرگ بالا برتر جو نظام آهي، جنهن سان مجبور ۽ محڪوم خيالي خدائن کي شريڪ ڪرڻ وڏو ظلم آهي. هنن کان اهو بہ پڇو تہ هر شيءِ جي تخليق جي ابتدا ڪير ٿو ڪري ۽ پوءِ ان کي پنهنجي ربوبيت ۽ رحمت جي رستن تان گذاري، ارتقائي منزلون طئي ڪري، حدِ ڪمال تي پهچائي ٿو ۽ وري واپس اصل صورت ۾ آڻي ٿو. آسمان جي عنايتن ۽ زمين جي برڪتن سان هر شيءِ جو بلا مزد ۽ مزدوري رزق مهيا ڪري ٿو. ڇا اهڙي قادرِ مطلق، حاڪمِ اعلىٰ، مالڪِ ڪُلّ کانسواءِ ٻئي ڪنهن ۾ اهڙي اميد رکي سگهجي ٿي؟ هنن چٽن دليلن باوجود اوهان جي ذهن ۾ ڪا ٻي اهڙي شيءِ موجود آهي تہ دليل ۽ برهان سان ان کي پيش ڪريو، جيڪو اوهان ڪري نٿا سگهو. (المؤمنون: 117/23) هن ساري بحث جو خلاصو اهو آهي تہ جيڪڏهن الله جل شانه کي ڪير نٿو مڃي تہ هنن سوالن جا دليل ۽ برهان سان اطمينان بخش جواب ڏئي يا الله تعالىٰ کي بہ مڃي ٿو ۽ ان سان جعلي معبودن کي شريڪ ڪري ٿو پوءِ انهن معبودن جا دليل ڏئي. اهي ٻئي صورتون ناممڪن آهن.

گذريل آيتن ۾ حق تعالىٰ جي قدرت، ڪامله، رحمت عامه ۽ ربوبيت عامه ۽ واسمه جو بيان ٿي چڪو آهي. هاڻي الله عزو جل جي الوهيت تي هڪ ٻئي رنگ ۽ حيثيت ۾ دليل پيش ڪيو ٿو وڃي. يعني معبود هجڻ جي لائق صرف اهو ئي آهي، جيڪو تمام صفات ۾ ڪامل مڪمل ۽ حرف آخر هجي. اها صفت تہ آسمانن ۽ زمين تي موجوده ڪنهن کي بہ حاصل ناهي، بس ان هڪ ذاتِ واحد سان مخصوص آهي. ان ڪري معبود هجڻ جي لائق بہ ان جي ذات پاڪ بابرڪت آهي، جيڪا سمورن اسماءِ

حسنه جو مظهر آهي. هِن ايڏي وڏي مشاهدي ۽ حقيقت جي باوجود هنن نادان ۽ ڪم عقل ماڻهن جو اهو حال آهي، جو هو زنده انسان ته ڇڏيو، پر هو مرده، بي حس ۽ بي بس کي خدا تعاليٰ جي اقتدار ۽ اختيار ۾ شريڪ سمجهن ٿا. هنن جي مصنوعي معبودن کي ته پنهنجي به خبر ناهي ۽ ٻئي طرف آسمانن ۽ زمين ۾ جيڪي ڳجهه ۽ مخفي غير محسوس شيون آهن، ان جو پورو پورو علم الله جل شانه کي آهي، جن کي پنهنجو پتو ناهي، اهي ڪهڙي طرح ٿا هڪ عليم، بصير ۽ خبير جا شريڪ ٿي سگهن. (النحل: 23/16، الحشر: 22/59، النمل: 74/24، الانعام: 59/6، البقره: 255/2) هنن کي اها به خبر ناهي ته ڪڏهن وري (قبرن مان) اٿاريا ويندا. "بَلِ ادّٰرَكَ" اصل ۾ "بَلیٰ اِدَّارَكَ" هيو، جيڪو "اِدَّارَكَ" مان آهي، ۾ "بَلیٰ" جو الف ختم ڪيو ويو ۽ ۾ "اِدَّارَكَ" جو الف به صرف نحو موجب ختم ڪيا ويا. هنن کي اها به خبر ناهي ته وري ڪڏهن (قبر کان ) اٿاريا ويندا. يعني الله جل شانه پاران ڪجهه شين جو غيب ۾ رکڻ منظور آهي، سو يوم قيامت جو تعين به ان علوم غيب مان آهي. (لقمان: 34/31)

انسان کي جو ڪجهه آخرت بابت معلوم ٿئي ٿو، اهو وحيءَ جي طفيل آهي، جنهن جي خبر قرآن حڪيم ۾ اچي چڪي آهي، پر هو ماڻهو ان ۾ به شڪ ڪري رهيا آهن ۽ بلڪل اکيون بند ڪري ڇڏيون اٿن. اها اکين جي بينائي نه آهي، پر دل جي بصيرت ۽ بينائي مراد آهي. ياد رهي ته هر شيءِ جو هر وقت ڪلي علم صرف الله جل شانه کي آهي. الله تعاليٰ جو علم غيب ذاتي آهي، قديمي آهي ۽ لامحدود آهي، جڏهن ته پاڪ ڪريمن خاتم النبيين ﷺ جو علم غيب عطائي آهي، يعني الله تبارڪ و تعاليٰ جي تعليم سان کين حاصل ٿيو. حضور خاتم النبيين ﷺ جو علم لامحدود نه آهي، پر محدود ۽ متناهي آهي. سندن علم غيب قديم ناهي، پر حادث آهي، سمنڊ ۾ سئي ٻوڙي ٻاهر ڪڍجي ته ان سان جيترو پاڻي لڳل آهي، اهو الله جي وسيع علم واري سمنڊ جي ان پاڻيءَ جي قطري برابر به ناهي. پر حضور خاتم النبيين ﷺ کي پروردگار پاران ڪيترو علم عطا ٿيو، اهو انساني پروڙ کان ٻاهر آهي. جتي ڏيڻ وارو رب رحمان هجي ۽ حاصل ڪرڻ وارو باعث موجودات ۽ فخر ڪائنات هجي ته ان جو اندازو به لڳائڻ مشڪل آهي. الله جي علم غيب سان مخلوق جي علم غيب کي ڀيٽڻ عقل ۽ دانش جو ڏيوالو ڪڍڻ آهي.

وَ قَالَ الَّذِیْنَ كَفَرُوْۤا ءَاِذَا كُنَّا تُرٰبًا وَّ اٰبَآؤُنَاۤ اَىِٕنَّا لَمُخْرَجُوْنَ ﴿۶۷﴾ لَقَدْ
وُعِدْنَا هٰذَا نَحْنُ وَ اٰبَآؤُنَا مِنْ قَبْلُ ۙ اِنْ هٰذَاۤ اِلَّاۤ اَسَاطِیْرُ الْاَوَّلِیْنَ ﴿۶۸﴾
قُلْ سِیْرُوْا فِی الْاَرْضِ فَانْظُرُوْا كَیْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُجْرِمِیْنَ ﴿۶۹﴾ وَ لَا
تَحْزَنْ عَلَیْهِمْ وَ لَا تَكُنْ فِیْ ضَیْقٍ مِّمَّا یَمْكُرُوْنَ ﴿۷۰﴾ وَ یَقُوْلُوْنَ مَتٰى هٰذَا
الْوَعْدُ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِیْنَ ﴿۷۱﴾ قُلْ عَسٰۤى اَنْ یَّكُوْنَ رَدِفَ لَكُمْ بَعْضُ
الَّذِیْ تَسْتَعْجِلُوْنَ ﴿۷۲﴾ وَ اِنَّ رَبَّكَ لَذُوْ فَضْلٍ عَلَى النَّاسِ وَ لٰكِنَّ
اَكْثَرَهُمْ لَا یَشْكُرُوْنَ ﴿۷۳﴾

ءِ هي ڪافر چون ٿا تہ (ممڪن ناهي) تہ جڏهن اسان جا پيءُ ڏاڏا ءِ اسان مري
مٽيءَ سان مٽي ٿي ويندا سون تہ اسان کي وري (قبرن مان) ڪڍيو ويندو.(67)
اهو وعدو اسان سان بہ ڪيو ويو آهي ءِ اسان جي آباء و اجداد سان بہ ڪيو ويو
هيو (دراصل) اهڙي ڪا ڳالهہ ناهي، هي گذريل ماڻهن جون ڪهاڻيون آهن.
(68) هنن کي چئو تہ ذرا زمين جو چڪر لڳايو ءِ ڏسو تہ ڏوهارين جو ڪهڙو
نتيجو نڪتو.(69) اي پيارا حبيب خاتم النبيين ﷺ! تون هنن جي هن روش تي
ڏکارو نہ ٿيءُ ءِ جيڪي چال هو هلي رهيا آهن، تون تنگ دل نہ ٿيءُ.(70) ءِ
چون ٿا تہ هي وعدو (عذاب) ڪڏهن پورو ٿيندو، جيڪڏهن تون سچ چئي
رهيو آهين. (71) تون هنن کي آگاهہ ڪر تہ جنهن (عذاب) جي اوهان کي تڪڙ
آهي، ان مان ڪجهہ اوهان جي ويجهو اچي ويو هجي. (72) يقيناً تنهنجو
پروردگار ماڻهن جي حق ۾ وڏو مهربان ءِ فضل وارو آهي. (73)

يوم آخرت يا قيامت بابت ۽ بعث بعد الموت تي هنن ڪافرن جو ايمان نہ آهي. اسان ڪان اڳ ڪيترا مري چڪا آهن، جن جون هڏيون بہ ڳري ويون آهن، انهن مان ڪو بہ وري اٿي ناهي آيو، اسان توڙي اسان جا وڏا وري زندهہ ٿيڻ جو انڪار ڪريون ٿا. هي روايتي پراڻا قصا ڪهاڻيون آهن، جيڪي بار بار دهرايون ٿيون وڃن، جن جي اصل حقيقت ڪجهہ بہ ناهي. هنن ڪافرن کي چئو تہ قيامت بابت عقل ۽ نقل سان ثبوت پيش ڪيا ويا آهن، جنهن مان قيامت جو اچڻ ثابت آهي، اوهان رڳو ذاتي ضد ۽ حسد جي ڪري انڪاري ٿي، عذاب الاهي جا خواهان نہ ٿيو. هي حق ۽ سچ جا انڪاري رڳو يوم آخرت، قيامت ۽ بعث بعد الموت جا انڪار ڪندڙ آهن، پر هو قانون مڪافات کي بہ نٿا مڃين. هنن جو چوڻ آهي تہ هي جو اسان کي اسان جي اعمال جي پاداش ۾ سخت عذاب اچڻ وارو آهي، يا اسان کي دوزخ جي باهہ ۾ جلايو ويندو. اهي محض ڌمڪيون آهن، جن جي اصل حقيقت ڪجهہ بہ ناهي. هنن کي چئو اکيون کولي دنيا ۾ گهمي ڦري ڏسو، اوهان کي ڪيترين بستين جا ڪنبرات نظر ايندا. ڪڏهن اهي بارونق آباد شهر هئا، اڄ ويران پيا آهن. توهان کي معلوم ٿيندو تہ جن قومن سرڪشي اختيار ڪئي، مظلوم ۽ ڪمزور ماڻهن مٿان بجليءَ جي ڪڙڪ وانگر قهر ٿي ٽٽا. جرم ۽ فساد جا واقعا وڌندا ويا، حق ۽ سچ جي راهہ کان دوري ٿيندي وئي تہ آخرڪار قانون مڪافات جي گرفت ۾ اچي تباهہ ۽ برباد ٿي ويا.

اي حبيب خاتم النبيين ﷺ! تنهنجو فرض منصبي آهي تہ تون هنن تائين خدا تعالىٰ جا احڪام پهچائي ڇڏ. جيڪڏهن تنهنجي مخلصانا ۽ خيرخواهي واري دعوت قبول نٿا ڪن ۽ انڪار تي انڪار ڪري، تباهي ۽ بربادي طرف ڊوڙندا ٿا وڃن ۽ تنهنجي دعوت تي غور نٿا ڪن. تنهنجي خلوص ۽ همدرديءَ جو جواب غليظ ۽ غلط طريقي سان ٿا ڪن. هنن جي انهن سازشن، شرارتن ڪان تون رنجيده دل نہ ٿيءُ ۽ نہ وري ڪا دل جي تنگي محسوس ڪر. (الشعراء: 3/26) تون پنهنجو فريضو ڪما حقه ادا ڪيو آهي. هي تنهنجو وار بہ ونگو ڪري نہ سگهندا. پلي رات ڏينهن ڪوشش ڪندا رهن، پر تنهنجو ڪجهہ بہ بگاڙي نہ سگهندا. آخرڪار ڪاميابي توکي نصيب ٿيندي، ذلت ۽ خواري هنن جي حصي ۾ ايندي. هي ڪافر توکي چون ٿا تہ جنهن عذاب ڪان اسان کي ڊيڄاري رهيو آهين ۽ جنهن تباهي ۽ بربادي‌ءَ جي اسان کي ڌمڪي ڏئي رهيو آهين تہ پوءِ ٻڌاءِ تہ

تنهنجو ڌمڪين وارو وعدو ڪڏهن پورو ٿيندو. اڄ تائين ته اسان کي ڪجهه به نه ٿيو آهي. باقي تنهنجن هنن خيالي ڌمڪين سان اسان ڊڄي توتي ايمان آڻڻ وارا نه آهيون. ڪين ٻڌائي ڇڏ ته هن وقت اوهان کي مهلت مليل آهي ته سڌري وڃو، پر جڏهن اتمامِ حجت ٿي ويو ۽ اوهان انهيءَ بي ڍنگي رفتار ۽ گفتار تي قائم رهيا ته اوهان کي توهان جي بدعمالي، سرڪشي، ظلم ۽ زيادتيءَ جو بدلو ضرور ملندو. توهان جنهن تباهي ۽ عذاب جي لاءِ جلدي مچائي رهيا آهيو، ٿي سگهي ٿو ته اها اوهان جو پيڇو ڪري رهي هجي. ڏوهه جي وقوع پذير ٿيڻ شرط ٿي سزا جو فيصلو نٿو ٿئي. الله جل شانه پنهنجي ٻانهن تي ڏاڍو مهربان آهي. هن جي قانون مڪافات ۾ جلد بازي نه آهي، پر نرمي ۽ همدردي جي گنجائش آهي، ان ڪري ڏوهه ٿيڻ بعد اصلاح ۽ توبه لاءِ مهلت مهيا ڪئي وڃي ٿي. جڏهن انسان ان مهلت واري وقت ۾ به پنهنجي گناهه تي شرمسار ٿي، پنهنجي پروردگار ڏانهن رجوع نٿو ڪري ۽ ظلم و زيادتي ۾ وڌندو ٿو وڃي ته پوءِ اتمام حجت بعد الله عزو جل جو قانون مڪافات عمل پذير ٿئي ٿو ۽ ان بعد توبه يا اصلاح جي گنجائش باقي نٿي رهي ۽ هڪ سرڪش ظالم کي پنهنجي بدعمالي جو مزو چکڻو ٿو پوي.

وَ اِنَّ رَبَّكَ لَيَعْلَمُ مَا تُكِنُّ صُدُوْرُهُمْ وَ مَا يُعْلِنُوْنَ ۝۷۴ وَ مَا مِنْ غَآئِبَةٍ
فِي السَّمَآءِ وَ الْاَرْضِ اِلَّا فِيْ كِتٰبٍ مُّبِيْنٍ ۝۷۵ اِنَّ هٰذَا الْقُرْاٰنَ يَقُصُّ عَلٰى
بَنِيْۤ اِسْرَآءِيْلَ اَكْثَرَ الَّذِيْ هُمْ فِيْهِ يَخْتَلِفُوْنَ ۝۷۶ وَ اِنَّهٗ لَهُدًى وَّ رَحْمَةٌ
لِّلْمُؤْمِنِيْنَ ۝۷۷ اِنَّ رَبَّكَ يَقْضِيْ بَيْنَهُمْ بِحُكْمِهٖ ۚ وَ هُوَ الْعَزِيْزُ الْعَلِيْمُ ۝۷۸
فَتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ ؕ اِنَّكَ عَلَى الْحَقِّ الْمُبِيْنِ ۝۷۹ اِنَّكَ لَا تُسْمِعُ الْمَوْتٰى وَ لَا
تُسْمِعُ الصُّمَّ الدُّعَآءَ اِذَا وَلَّوْا مُدْبِرِيْنَ ۝۸۰ وَ مَآ اَنْتَ بِهٰدِي الْعُمْيِ
عَنْ ضَلٰلَتِهِمْ ؕ اِنْ تُسْمِعُ اِلَّا مَنْ يُّؤْمِنُ بِاٰيٰتِنَا فَهُمْ مُّسْلِمُوْنَ ۝۸۱

وَ اِذَا وَقَعَ الْقَوْلُ عَلَيْهِمْ اَخْرَجْنَا لَهُمْ دَآبَّةً مِّنَ الْاَرْضِ تُكَلِّمُهُمْ ۙ اَنَّ النَّاسَ كَانُوْا بِاٰيٰتِنَا لَا يُوْقِنُوْنَ ﴿۸۲﴾

ع ۲ ۱۶

يقينًا تنهنجو پروردگار چڱي طرح ڄاڻي ٿو جو ڪجهه هو پنهنجن سينن ۾ پوشيده رکن ٿا يا هو جو ڪجهه ظاهر ڪن ٿا. (74) زمين ۽ آسمان ۾ جو ڪجهه مخفي آهي، اهو ڪتاب مبين ۾ موجود آهي. (75) يقينًا هي قرآن بني اسرائيل تي اهي ڳالهيون جن ۾ هو پاڻ ۾ اختلاف ڪن ٿا، کولي کولي بيان ڪري ٿو.(76) يقينًا هي قرآن مؤمنن لاءِ هدايت ۽ رحمت آهي. (77) يقيناً اوهان جو پروردگار پنهنجي حڪم سان فيصلو ڪندو، هو (الله) زبردست، غالب ۽ سڀ ڪجهه ڄاڻڻ وارو آهي.(78) اي نبي محترم خاتم النبيين ﷺ! الله تي توڪل ڪر، بيشڪ تون ئي واضح حق تي آهين. (79) البته تون مئلن کي نٿو ٻڌائي سگهين ۽ نه ٻوڙن کي پنهنجو پيغام پهچائي سگهين ٿو، جڏهن هو (ٻڌڻ بنا) پٺي ڏئي هليا وڃن. (80) ۽ نه تون انڌن کي هنن جي گمراهيءَ مان ڪڍي راهه راست تي آڻڻ جو ذميدار آهين، تون رڳو انهن کي ٻڌائي سگهين ٿو، جيڪي اسان جي آيتن تي ايمان آڻين ٿا ۽ اهي فرمانبرداري واري روش اختيار ڪن ٿا.(81) (هن وقت ته اي پيغمبر ﷺ! تون هنن کي سمجهائي رهيو آهين، پر) جڏهن اسان جي ڳالهه هنن لاءِ پوري ٿي ويندي (اتمام حجت ٿي ويندو ۽ فيصلي جو وقت اچي ويندو) ته اسان انهن لاءِ زمين مان ڪو جانور ڪڍي ٻاهر ڪنداسون، جيڪو هنن کي ٻڌائيندو ته ماڻهو اسان (الله) جي آيتن تي يقين نه رکندا هئا (سو هاڻي اهي قهر خداوندي ٻڌجي سامهون اچي ويون آهن). (82)

الله تعالىٰ هنن جي هر حال ۽ هر ڪيفيت کان آگاهه آهي. هو جيڪي ڪجهه زبان سان چون ٿا. يا جيڪي جذبات هنن جي دل ۾ موجزن آهن. پر اجان ٻڙڪ ٻاهر نٿا ڪن، پر الله جل شانه سندن انهيءَ ٻنهي ڪيفيتن ظاهر ۽ باطن کان پوري طرح واقف آهي. هنن جون دليون ته تسليم ڪري چڪيون آهن، خدا جو رسول حضرت محمد مصطفىٰ ﷺ صادق ۽ امين آهي. سراپا سچ ۽ حق آهي ۽ قرآن حڪيم به الله تعالىٰ طرفان نازل ڪيل ڪتاب برحق ۽ سچ آهي. هنن جي اها اندروني ڪيفيت فرعون ۽ ان جي قوم جي روش سان مشابهت رکي ٿي، جنهن جو بيان هن کان اڳ آيت 14 ۾ آهي. "وَ جَحَدُوۡا بِهَا وَ اسۡتَیۡقَنَتۡهَاۤ اَنۡفُسُهُمۡ ظُلۡمًا وَّ عُلُوًّا" فرعونين جي دل ۾ ته يقين اچي ويو هيو، پر ظلم ۽ تڪبر ۾ اچي انڪار ڪيائون، اهڙي ساڳي ڪيفيت جي تصوير البقره: 146/2) ۽ الانعام: 20/6 ۾ اهل ڪتاب جي علماء جي اندروني حالت جي بيان ڪئي وئي آهي. الله تعالىٰ انهن سمورن حالتن اخفاءِ يا اظهار کان يڪسان واقف آهي. (الملڪ: 13/67، المؤمن: 19/40، البقره: 284/2) الله تعالىٰ کان ڪا به شيءِ مخفي يا غيب ۾ نه آهي، ظاهر ۽ پوشيده هن وٽ يڪسان آهن. زمين ۽ آسمان جي ڪنهن به حصي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڪا شيءِ پوشيده پئي آهي، جيڪا ماڻهن جي نظرن کان مخفي يا غائب آهي، پر الله تعالىٰ جي ڪتاب مبين (لوح محفوظ) ۾ هر شيءِ صاف صاف لکيل آهي.

ظهورِ اسلام ۽ نزولِ قرآن وقت عرب ۾ ٻن قسمن جا ماڻهو هئا. هڪ اهي جن وٽ علمي ديني ذخيره ڪونه هيو نه آسماني يا الهامي ڪتاب هيو، هي گروهه گهڻو ڪري بت پرست ۽ مشرڪ هيو، رڳو اسلام جون غلط رويتون ۽ رسمون هيون. حضور ﷺ جي بعثت هن گروهه مان ٿي. ٻيو گروهه علم جو دعويدار، مذهبي ڪتابن جو حامل هيو، جن کي علمي طور سَنَد سمجهيو ويندو هيو، اهي ڪجهه عيسائي ۽ ڪجهه يهودي هئا. مگر اهل ڪتاب ۾ ملاوٽ ۽ هيرا ڦيري ڪري اصل دين کان دور ٿي ويا هئا. هنن ۾ اختلاف پيدا ٿي ويا هئا. ذاتي مفادن لاءِ هنن آسماني ڪتابن جو حليو ئي بگاڙي ڇڏيو هيو. هر عالم ۽ هر گروهه رڳو پاڻ کي صحيح سمجهندو هو. اهڙي ماحول ۾ قرآن جو نزول ٿيو، جنهن اهل ڪتاب جي غلطين ۽ خامين جي نشاندهي ڪئي. هنن جي معاشي، معاشرتي، اخلاقي ۽ مذهبي معاملن جي اصلاح جو پيغام ڏنو. قرآن حڪيم

هنن جي ڇڙواڳ زندگي ۽ بي راهه روي جي سختي سان ممانعت ڪئي، جنهن کي قبول ڪرڻ بدران ڪافر وڌيڪ عناد ۽ سرڪشي ۾ هليا ويا. پر مؤمنن ان کي دل و جان سان قبول ڪيو ۽ قرآن جي هدايت، رحمت، برڪت ۽ شفا سان ڪُندن بڻجي ويا. يهود ۽ نصاریٰ جو هڪ ٻئي خلاف هجڻ ته عالم آشڪار آهي، سندن مذهبي عقيدا به هڪ ٻئي جي بلڪل برخلاف آهن. ان ڪري انهن جون عبادت گاهون الڳ الڳ آهن، حضرت عيسیٰ ۽ مريم عليهما السلام کي عيسائي ابن الله ۽ ٽن مان هڪ الله جو درجو ڏين ٿا، وري يهودي (نعوذبالله) کين زانيه ۽ ولد الزنا چون ٿا. خود بيت المقدس جي هڪ ڪنڊ ۾ هڪ گروهه ته ٻئي ڪنڊ ۾ ٻيو گروهه عبادت ڪري ٿو. ان ڪان علاوه ٻيون قومون به ڪيترن حصن ۾ ونديل آهن ۽ هر حصو ٻئي گروهه جي خلاف آهي. قرآن ڪريم کين افراط ۽ تفريط جي قيد مان ڪڍي، متوازن ۽ هم آهنگيءَ واري تعليم ڏني، جيڪڏهن هو قرآن ڪريم جي هن حڪمت آور دعوت کي قبول ڪن ته سندن ذاتي اختلاف ختم ٿي وڃن ۽ وحدت انساني جي تصوير بڻجي وڃن. اهي ڪافر پنهنجي عناد، انا، ضد ۽ سرڪشيءَ جي ڪري قرآن جي سڌي راهه ڪان پري آهن. هي قرآن ته انهن مؤمنن لاءِ هدايت ۽ رحمت آهي، جيڪي هن قرآن جي تعليم کي دل ۾ سانڍين ٿا. (بني اسرائيل: 82/17-41-9، البقره: 2/ 23) هي جن جن ڳالهين ۾ اختلاف ڪري رهيا آهن، يقينًا قيامت جي ڏينهن الله تعالیٰ پنهنجي حڪم جي روشني ۾ هنن جي اختلاف ۾ حق ۽ ناحق، سچ ۽ ڪوڙ جي درميان انصاف سان فيصلو ڪندو. اهو الله زبردست ۽ غالب آهي. عليم ۽ خبير آهي. کيس هر هڪ جي اعمال جي خبر آهي. تون هنن جي مخالفت جو ڪو فڪر نه ڪر ۽ نه وري سندن حالت زار تي افسوس ۽ ڏک جو اظهار ڪر. الله تي پورو يقين ۽ ڀروسو ڪر. تون حق ۽ سچ جو پيغمبر آهين. هنن جو ضمير مري چڪو آهي، تون هنن مُردن کي ڪجهه ٻڌائي نٿو سگهين. تون رڳو انهن ماڻهن کي هدايت جي راهه تي لڳائي سگهين ٿو، جيڪي قرآني آيتون دل جي سماعت سان ٻڌن ٿا ۽ هو حق ۽ سچائيءَ تي يقين رکن ٿا ۽ ان مان ديني، دنياوي فائدا حاصل ڪن ٿا.

مطلب ته هي انڪاري گروهه مئلن، انڌن ۽ گونگن جي صورت ۾ آهي. هنن جون دليون حق قبول ڪرڻ لاءِ تيار نه آهن. هنن جا ڪن حقيقي سماعت ڪان محروم

آهن. هنن جون اکيون حق ۽ سچ کي ڏسڻ کان انکاري آهن. ان ڪري هنن جي هدايت ۽ اصلاح جي توقع رکڻ فضول آهي. هو تنهنجي نصيحت ۽ دعوت ڏيان سان ٻڌڻ ۽ دل ۾ سانڍڻ بدران منهن موڙي پٺي ڏئي هليا ٿا وڃن. تنهنجي نصيحت تہ اهي ٻڌندا، جيڪي الله جي آيتن تي ايمان آڻين ٿا ۽ هن جي آڏو سر تسليم خم ڪن ٿا. سنت الاهي بہ هدايت ۽ ضلالت بابت اها آهي تہ هدايت ان ڪي ملي ٿي، جيڪو تعصبات، هٺ ۽ ضد کان پاڪ هجي ۽ دل جي سچاين سان ان جو استقبال ڪري. انڌا ۽ ٻوڙا هن مان ڪجهہ حاصل ڪري نٿا سگهن ۽ هميشہ محروم ٿا رهن.

اي پيغمبر عليک التحية والسلام! هن وقت تہ تون هنن کي سمجهائي رهيو آهين، پر ان هوندي هو حق تي اچڻ کان انکاري آهن. هي ٻوڙا گونگا ٿي ويا آهن. هنن جون دليون آيات الاهي کي سمجهڻ واسطي ٻڌڻ لاءِ تيار نہ آهن ۽ هنن جون زبانون حق ۽ سچ بيان ڪرڻ کان گونگيون آهن، گويا خَتَمَ اللّٰهُ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ وَ عَلٰى سَمْعِهِمْ وَ عَلٰٓى اَبْصَارِهِمْ غِشَاوَةٌ وَّ لَهُمْ عَذَابٌ عَظِيْمٌ ○ (البقره: 7/2، يٰس: 70/36) گويا هنن جي بداعماليءَ سبب هنن جي دلين تي نہ سمجهڻ جي، ڪنن تي نہ ٻڌڻ جي ۽ اکين تي نہ ڏسڻ جي مهر ۽ پردا هٽي چڙيا آهن. خدا جا رسول ڪرام ۽ وحي الاهي بہ هنن کي گمراهي کان نہ ڪڍي سگهيا آهن. هي اتمامِ حجت جو مرحلو آهي، جنهن بعد عذاب الاهي اچڻ وارو هوندو. ان وقت ان زمين مان ئي هڪ جانور (جاندار) منظر عام تي آڻيندو، جيڪو انهن گمراهہ ماڻهن سان گفتگو ڪندو ۽ ڪين ٻڌائيندو تہ ماڻهو منهنجن (الله جي) آيتن تي يقين نہ رکندا هئا، سو هاڻي انهن آيتن جا نتيجا عذاب جي صورت ۾ انهن تي ڪڙڪڻ وارا آهن. هي ان حقيقت ڏانهن ڏيان ڪن، جنهن ڏينهن اسان هر امت مان هڪ فوج جي فوج انهن ماڻهن جي ڪٺو ڪنداسون، جيڪي اسان جي آيتن کي ڪوڙو چوندا هئا ۽ انهن جي سنڌن جرم مطابق صف بندي ڪئي ويندي.

هت "دَآبَّةٌ" جو لفظ غور طلب آهي، جيڪو قرآن ۾ ڪيترا ڀيرا آيو آهي، جنهن ۾ هو ذي جان يا جاندار معنىٰ ۾ جانور ۽ انسان لاءِ استعمال ٿئي ٿو. "وَمَا مِنْ دَآبَّةٍ فِي الْاَرْضِ اِلَّا عَلَى اللّٰهِ رِزْقُهَا" (هود: 6/11) زمين تي هلڻ چلڻ وارا جاندار آهن، انهن سمورن جي روزي الله جل شانه جي ذمي آهي. هلڻ چلڻ واري هر مخلوق انسان هجي يا جِنّ،

چرند پرند، ننڍڙي هجي يا وڏي، بحري هجي يا بري (يا زمين تي حرڪت سان گهمڻ ڦرڻ وارا) الله انهن سمورن جي خوراڪ مهيا ڪري ٿو. "وَ كَاَيِّنْ مِّنْ دَآبَّةٍ لَّا تَحْمِلُ رِزْقَهَا اَللّٰهُ يَرْزُقُهَا وَ اِيَّاكُمْ" (العنڪبوت: 60/29) ۽ ڪيترا ذي جان (جاندار) آهن، جيڪي پنهنجي روزي پاڻ سان کنيو نٿا ڦرن. انهن سڀني کي ۽ توهان (انسانن) کي الله جل شانه ئي روزي ڏئي ٿو. رزق (هر جاندار کي) الله ئي ڏئي ٿو (العنڪبوت: 17/29) (تفسير احسن البيان) لغت ۾ "دَآبَّةٌ" جو لفظ نانگ بلا وانگر پيٽ ڀلا، ڊوڙندڙ سمنڊ جون مڇيون، بري بحري پکي، جانور، جيت جٽيا، ٻن ڄنگهن وارا ساهدار، ماڻهو پکي وغيره ۽ چئن ٽنگن تي هلڻ وارا، بهائم، حلال ۽ حرام جانور، هوا ۾ اڏامندڙ پکي، ٻيا جيت وغيره سڀ جن کي روزي الله جل شانه طرفان، ملي ٿي، "دَآبَّةٌ" (جاندار) ۾ شامل آهن. "وَلَوْ يُؤَاخِذُ اللّٰهُ النَّاسَ بِظُلْمِهِمْ مَّا تَرَكَ عَلَيْهَا مِنْ دَآبَّةٍ" (النحل: 16/60) جيڪڏهن الله ماڻهن جي ظلم سبب سندن فوري گرفت ڪري ها ته زمين تي ڪوئي دابه (جاندار) نه ڇڏي ها. "وَلَوْ يُؤَاخِذُ اللّٰهُ النَّاسَ بِمَا كَسَبُوْا مَا تَرَكَ عَلٰى ظَهْرِهَا مِنْ دَآبَّةٍ" (فاطر: 45/35) جيڪڏهن الله انسانن کي سندن ڪارنامن تي (فورًا) پڪڙي ها ته زمين تي ڪو به جاندار (ساهه وارو) نه رهي ها. انسانن کي ته سندن گناهن جي ڪري ۽ جانورن کي به انسانن سان گڏ اجتماعي عذاب ۾ وجهي ها. "اِنَّ شَرَّ الدَّوَآبِّ عِنْدَ اللّٰهِ الصُّمُّ الْبُكْمُ الَّذِيْنَ لَا يَعْقِلُوْنَ" (الانفال: 22/8) بيشڪ الله جل شانه وٽ بدترين جاندار (ساهه وارو) اهي ٻوڙا ۽ گونگا آهن، جيڪي ڪجهه به نٿا سمجهن. اهڙو ساڳيو مفهوم الاعراف: 179/7 ۾ آهي. سوره سبا: 14/34 ۾ "دَآبَّةٌ" جو لفظ به حضرت سليمان عليه السلام جي ناهل، نالائق (جانشين پٽ) لاءِ آيو آهي، جنهن کي به گهڻن تفسيرن اڏيهيءَ سان منسوب ڪيو آهي. ان جو وڌيڪ تفصيل اتي ملندو. "وَ مِنْ اٰيٰتِهٖ خَلْقُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ وَ مَا بَثَّ فِيْهِمَا مِنْ دَآبَّةٍ وَ هُوَ عَلٰى جَمْعِهِمْ اِذَا يَشَآءُ قَدِيْرٌ○" (الشورىٰ: 29/42) ۽ الله جي نشانين مان هي به آهي جو هن ارض و سموات زمين ۽ فضائي حصن کي پيدا ڪيو آهي ۽ جو ان جي اندر هن ذي حيات (ساهدار) پکيڙي ڇڏيا آهن.

قرآن حڪيم جي هنن آيتن کي ملائي پڙهجي ۽ غور ڪجي ته "دَآبَّةٌ" جو لفظ انسانن لاءِ به اچي ٿو ۽ جانورن ۽ جاندار شين لاءِ به استعمال ٿو ٿئي. علامه بغوي رحمه الله

لکيو آهي تہ حضرت علي ﷺ فرمايو آهي تہ اهو "دَآبَّةٌ" اهڙو دابة نہ هوندو، جنهن جو پڇ (دُم) هجي، پر ڏاڙهيءَ وارو "دَآبَّةٌ" هوندو. ان جي هن ڪلام مان اهو اشارو آهي تہ اهو "دَآبَّةٌ" انسان هوندو. "دَآبَّةٌ" بابت قرآن حڪيم جي هيترن سارن حوالن انسان کي بہ "دَآبَّةٌ" ۾ نمبر اول شمار ڪيو آهي، جنهن مان معلوم ٿو ٿئي تہ هن آيت ۾ بہ "دَآبَّةٌ" مان مراد انسان يا جماعت هجي، پوءِ آيت جو مفهوم ٿيندو تہ جڏهن قوم غلط روش اختيار ڪري ٿي ۽ مهلت جو ميعاد گذرڻ بعد اتمامِ حجت جو وقت اچي ٿو، جنهن ۾ نتيجا ظاهر ٿيندا آهن تہ ملڪ ۾ ڪوئي شخص يا جماعت يا ٻي قوم ايرندي آهي، جيڪا پهرين نالائق ۽ نااهل قوم تي مسلط ٿئي. هن جي سرڪشي غرور ۽ تڪبر کي چڪناچور ڪري ڇڏيندي آهي، جنهن سان نالائق ۽ نااهل قوم جو علاج ٿي ويندو آهي. (الانعام: 65/6) ۽ اهڙي طرح قومن جو عروج و زوال ۽ حيات و موت ٿيندو رهندو آهي.

ياد رهي تہ گهڻن تفسيرن "دَآبَّةٌ" مان مراد جانور ورتو آهي، جنهن جي ايرڻ جون مختلف جايون بہ ٻڌايو ويون آهن ۽ ڪيترين حديثن کي حوالي طور پيش ڪيو آهي، انهن حديثن تي صحيح تحقيق بہ هن موقف يعني "دَآبَّةٌ" مان مراد انسان/ شخص يا قوم نڪري ايندو. هن آيت کي خرق العادة پيش ڪري خدا جي قدرت جو اظهار ڪيو ويو آهي، جنهن جي ضرورت نہ هئي. (والله اعلم بالصواب) هن آيت جي اڳ وارين ۽ بعد ۾ اچڻ وارين آيتن جي مفهوم تي غور ڪنداسون تہ "دَآبَّةٌ" مان انسان وارو مفهوم وڌيڪ مضبوط ۽ مرتب ملندو.

وَ يَوْمَ نَحْشُرُ مِنْ كُلِّ اُمَّةٍ فَوْجًا مِّمَّنْ يُّكَذِّبُ بِاٰيٰتِنَا فَهُمْ
يُوْزَعُوْنَ ﴿۸۳﴾ حَتّٰٓى اِذَا جَآءُوْ قَالَ اَكَذَّبْتُمْ بِاٰيٰتِىْ وَ لَمْ تُحِيْطُوْا بِهَا
عِلْمًا اَمَّاذَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿۸۴﴾ وَ وَقَعَ الْقَوْلُ عَلَيْهِمْ بِمَا ظَلَمُوْا فَهُمْ لَا
يَنْطِقُوْنَ ﴿۸۵﴾ اَلَمْ يَرَوْا اَنَّا جَعَلْنَا الَّيْلَ لِيَسْكُنُوْا فِيْهِ وَ النَّهَارَ مُبْصِرًا ؕ
اِنَّ فِىْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ ﴿۸۶﴾ وَ يَوْمَ يُنْفَخُ فِى الصُّوْرِ فَفَزِعَ

مَنْ فِى السَّمٰوٰتِ وَ مَنْ فِى الْاَرْضِ اِلَّا مَنْ شَآءَ اللّٰهُ ؕ وَ كُلٌّ اَتَوْهُ
دٰخِرِيْنَ ﴿۸۷﴾ وَ تَرَى الْجِبَالَ تَحْسَبُهَا جَامِدَةً وَّ هِىَ تَمُرُّ مَرَّ السَّحَابِ ؕ
صُنْعَ اللّٰهِ الَّذِىْٓ اَتْقَنَ كُلَّ شَىْءٍ ؕ اِنَّهٗ خَبِيْرٌۢ بِمَا تَفْعَلُوْنَ ﴿۸۸﴾ مَنْ جَآءَ
بِالْحَسَنَةِ فَلَهٗ خَيْرٌ مِّنْهَا ۚ وَ هُمْ مِّنْ فَزَعٍ يَّوْمَئِذٍ اٰمِنُوْنَ ﴿۸۹﴾ وَ مَنْ
جَآءَ بِالسَّيِّئَةِ فَكُبَّتْ وُجُوْهُهُمْ فِى النَّارِ ؕ هَلْ تُجْزَوْنَ اِلَّا مَا كُنْتُمْ
تَعْمَلُوْنَ ﴿۹۰﴾ اِنَّمَآ اُمِرْتُ اَنْ اَعْبُدَ رَبَّ هٰذِهِ الْبَلْدَةِ الَّذِىْ حَرَّمَهَا وَ لَهٗ
كُلُّ شَىْءٍ ۫ وَّ اُمِرْتُ اَنْ اَكُوْنَ مِنَ الْمُسْلِمِيْنَ ﴿۹۱﴾ ۙ وَ اَنْ اَتْلُوَا الْقُرْاٰنَ ۚ
فَمَنِ اهْتَدٰى فَاِنَّمَا يَهْتَدِىْ لِنَفْسِهٖ ۚ وَ مَنْ ضَلَّ فَقُلْ اِنَّمَآ اَنَا مِنَ
الْمُنْذِرِيْنَ ﴿۹۲﴾ وَ قُلِ الْحَمْدُ لِلّٰهِ سَيُرِيْكُمْ اٰيٰتِهٖ فَتَعْرِفُوْنَهَا ؕ وَ مَا رَبُّكَ
ع ۷ ۱۱ ۳ بِغَافِلٍ عَمَّا تَعْمَلُوْنَ ﴿۹۳﴾ ع

هي ماڻھو ان ڏينھن جو خيال ڪن، جنھن ڏينھن اسان هراست مان هڪ فوج جي فوج انھن ماڻھن جي ڪنو ڪنداسون، جيڪي اسان جي آيتن کي ڪوڙو چوندا هئا، پوءِ انھن جي درجابندي ڪئي ويندي.(83) ايتري قدر جو جڏھن هو سمورا اچي ويندا تہ ڪين الله جل شانه فرمائيندو تہ ڇا توهان منھنجن آيتن کي ڪوڙ سمجھيو هيو، حالانڪہ توهان جو علم انھن جو احاطو ڪونہ ڪري سگھيو هيو. هاڻي ٻڌايو تہ توهان ڇا ڪندا هئا.(84) سو انھن جو فيصلو ٿي چڪو، ڇوتہ هنن پنھنجو پاڻ تي پاڻ ظلم ڪيا ۽ هو ڪو جواب ڏئي نہ سگھندا.(85) (هي توڪان نشانيون گھرن ٿا) ڇا هو ڏسن نٿا تہ اسان رات کي

تاريڪ ڪيو آهي ته جيئن ان ۾ آرام ڪن ۽ ڏينهن کي روشن ڪيو آهي ته ان ۾ ڪم ڪار ڪن. حقيقت ۾ جيڪي ماڻهو ايمان آڻڻ گهرن ٿا، انهن لاءِ گهڻيون نشانيون (رهنمائيءَ لاءِ) موجود آهن.(86) جيڪڏهن هو ڪرڻ گهرن، ان ڏينهن جو خيال ڪيو، جڏهن صور ڦوڪيو ويندو ته جيڪي ڪجهه آسمانن ۾ آهن ۽ جيڪي زمين ۾ آهي، اهي سمورا گهٻرائجي اٿندا، سواءِ انهن جي جيڪي مشيت ايزدي جي اوٽ ۾ هجن ۽ هن جي اڳيان سڀ عاجزيءَ سان سر جهڪائي حاضر ٿي ويندا. (87) ۽ تون پهاڙن کي ڏسندين ته گويا هو ساڪن (جامد) آهن، پر ان ڏينهن هو ائين هلندا، جيئن بادل هلندا آهن، هي الله جل شانه جي ڪاريگري آهي، جنهن هر شيءِ کي محڪم (مضبوط) ٺاهيو آهي، يقينًا هو ان هر شيءِ کان آگاهه آهي، جيڪا اوهان ڪري رهيا آهيو.(88) جيڪو شخص به ان ڏينهن پاڻ سان نيڪي گڏ کڻي ايندو ته ان لاءِ بهترين صلو (معاوضو) هوندو. اهي ان ڏينهن واري گهٻراهٽ کان امن ۾ هوندا. (89) ۽ جيڪو شخص پاڻ سان گڏ برائي کڻي ايندو ته اهڙن ماڻهن کي باهه ۾ اونڌي منهن اڇلايو ويندو ۽ کين چيو ويندو ته اوهان جيڪو عمل ڪندا رهيا آهيو، ان جو نتيجو اهو آهي. (90) ڏسو! مون کي ته اهو حڪم مليو آهي ته مان ان شهر جي رب جي بندگي ڪيان، جنهن ان کي محترم بنايو آهي ۽ هر شيءِ هن جي اختيار ۾ آهي. مون کي حڪم مليو آهي ته مان ان جي فرمانبردار (مسلمان) ٻانهن ۾ شامل ٿي وڃان. (91) ۽ ٻيو هي ته مان قرآن جي تلاوت جاري رکان، ته پوءِ جيڪو شخص به هدايت حاصل ڪندو، اهو پنهنجي ڀلي لاءِ ئي هدايت حاصل ڪندو، پر جيڪڏهن ڪو گمراهيءَ جي راهه اختيار ڪندو ته تون کين ٻڌاءِ ته مان رڳو اوهان کي (برن نتيجن کان) خبردار ڪرڻ وارو آهيان. (92) ۽ تون چوندو رهه ته سمورا حمد ۽ سموريون

**ثنائون الله جل شانه لاءِ خاص آهن، عنقريب هو اوهان کي پنهنجون آيتون (نشانيون) ڏيکاريندو تہ توهان ان کي سڃاڻي وٺندا. جيڪي اعمال اوهان ڪري رهيا آهيو، الله ذوالجلال انهن کان غافل نہ آهي. (93)**

هن کان اڳ الله عزو جل جي وحدانيت، قدرت ۽ الوهيت جو بيان هيو، هاڻي قيامت جو ذڪر ٿيو ۽ قرآن جو نزول باعث هدايت ۽ رحمت هيو، پر ڪافرن ان مان نفعو حاصل نہ ڪيو. هنن جا ذهن ۽ دليون حق ٻڌڻ، حق ڏسڻ ۽ حق پروڙڻ کان محروم ٿي ويون، حقيقي سماعت، حقيقي بصيرت ۽ حقيقت فهم و فراست جي صلاحيت انهن کان سلب ڪئي وئي، اهڙين قومن لاءِ الله ٻين فرمانبردار قومن کي جانشين ڪندو آهي. اهڙين گمراهہ جماعتن مان قيامت جي ڏينهن وڏا وڏا ٽولا فوج در فوج وانگر هڪ هنڌ ڪٺا ڪيا ويندا ۽ انهن تي سندن ڪارڪردگي جرم جي نوعيت، بت پرستي ۽ آباء و اجداد جي انڌي تقليد سبب گمراهہ ٿيندڙ ماڻهن جي صف بندي، درجابندي ڪئي ويندي ۽ آخرڪار هر هڪ ٽولي کي سندس اعمال ۽ اعتقاد موجب دوزخ جي مختلف درجن ۽ طبقن ۾ داخل ڪري رهايو ويندو. الله تعالیٰ هنن کي چوندو تہ اوهان اهي بيوقوف نادان ۽ نالائق انسان آهيو، جن ڏانهن حق ۽ سچائيءَ جو پيغام پهتو، پر هنن ان تي غور و فڪر ڪرڻ بدران ان کي ڪوڙو قرار ڏئي ڇڏيو. (يونس: 39/10) هي رڳو ارضي ۽ سماوي مناظر آهن، پر هن کان اڳتي اجان نوري سالن جي فاصلي تائين هڪ وسيع ۽ عظيم ڪائنات آهي ۽ خود اوهان ۾ بہ هڪ عالمِ صغير آهي، جنهن سان عالم ڪبير جي معلومات حاصل ٿئي ٿي. يعني آفاق ۽ انهن تي غور ڪرڻ. هاڻي اوهان سان توهان جي اعمال ۽ ظلم جي نتيجي ۾ عذاب آهي، جنهن تي هنن جي زبانن تي تالا لڳل هوندا ۽ هڪ مجرم جي حيثيت ۾ حيران پريشان ۽ مدهوش هوندا. هنن آڏو آيات الاهي سان گڏ رات ۽ ڏينهن جو منظر پيش ڪيو ويندو، رات آرام لاءِ ۽ ڏينهن روشنيءَ ۾ ڪم ڪار لاءِ ڏنا ۽ اهو پيغام ڏنو ويندو تہ زندگيءَ جي رات مان ڏينهن ڏينهن مان رات ڪرڻ اوهان جي عمل، ارادي ۽ اختيار ۾ آهي ڇا؟ توهان پلي اونداهين ۾ ڌڪا ٿاٻا کائيندا وتو، خواهہ ايمان جي روشنيءَ ۾ نيڪ اعمال ڪريو. رات ڏينهن جي هير ڦير، قيامت ڏانهن بہ اشارو ڪري ٿي ۽ الله جي وحدانيت، قدرت ۽حڪمرانيءَ جو بہ چٽو دليل آهي.

ياد رهي تہ رات ۽ ڏينهن جي گردش لاءِ هڪ غير متزلزل قانون مقرر آهي. اهڙي طرح قومن جي عروج و زوال ۽ حيات و موت لاءِ بہ اٽل ۽ اڻ ٽر قانون آهن، جيڪي قوم جي اجتماعي ڪارڪردگي بعد ظهور پذير ۽ اثرانداز ٿيندا آهن.

کافر کی یہ پہچان کہ آفاق میں گم ہے
مؤمن کی یہ پہچان کہ گم اس میں ہے آفاق

ستاروں سے آگے جہاں اور بھی ہیں
ابھی عشق کے امتحان اور بھی ہیں
قناعت نہ کر عالمِ رنگ و بو پر
زمین اور بھی آسماں اور بھی ہیں

(اقبال رحمة الله عليه)

جتي عرش نہ اپ زمين ناه ذرو
نکو چارو چنڊ جو نکو سج سرو،
اتي آديسين جو لڳو دڳن درو
پري پيين پرو ناٿ ڏنائون ناهہ ۾

(شاهہ لطيف رحمة الله عليه)

انهيءَ قانونِ مڪافات مطابق جڏهن حشر جو بگل وڄي ويندو، يعني صور ڦوڪيو ويندو ۽ ايتري قدر تہ دهشت طاري ٿي ويندي، جو تمام ڪائنات سهمجي، ڪنبي ۽ گهٻرائجي ويندي. هر طرف نفسانفسي جو عالم هوندو، سواءِ انهن جي جن نيڪ اعمال ڪيا هوندا، اهي هن دهشت واري عذاب ڪان محفوظ هوندا. باقي پورو عالم بارگاهِ خداوندي ۾ حاضر ٿي ويندو، سڀ جا سڀ الله تعالىٰ جي حضور گردن جهڪائي، عجز و نيزاري جي تصوير ۾ هوندا ۽ پنهنجي پنهنجي فيصلي جو انتظار ڪري رهيا هوندا. هي تفسير هن آيت جي آخرت واري زندگي جو هيو، پر ڪجھ تفسيرن موجب جڏهن ظالم قومن ۾ ٽڪراءُ ٿيندو ۽ جنگ جو بگل وڄي ويندو تہ ان وقت هڪ عالمگير انقلابي هل چل ۽ پريشاني ۽ غير يقيني واري حالت سبب هر طرف

دهشت، خوف ۽ پريشاني چائنجي ويندي، رڳو اهي قومون محفوظ رهنديون، جن عدل و انصاف جو بول بالا رکيو ۽ احکام الاهي جي دل و جان سان پابندي ڪئي هوندي، اهي امن عام جا داعي هوندا. (النمل: 27/90-89) باقي ٻي ساري مخلوق دهشت زده هوندي. ان وقت حق و باطل جي جنگ ۾ تمام سرڪش ۽ زوردار قوت ۽ سازو سامان قومون خدا جي قانون مڪافات آڏو جهڪي پونديون. (الانعام: 73/6، الڪهف: 99/18، طٰهٰ: 102/20، الزمر: 68/39) ان ڏينهن توکي پهاڙ جيڪي مضبوطي سان زمين ۾ ميخون هنيا بيٺا آهن، اهي اتان اکڙيل اڏامندا نظر ايندا، جهڙا بادل هجن. زمين کان بادل ته مضبوط ۽ ٺوس ڪڪر ڏسجن ٿا، پر جڏهن جهاز ان مان ائين گذري وڃي ٿو جيئن دونهين جو غبار هجي، سو جبل پهاڙ به ائين اڏامندا نظر ايندا. (القارعة: 101/5-4) هي الله جي قدرت ۽ قوت آهي، جنهن جبل جهڙين شين کي ٺوس ۽ مضبوط بنايو آهي ۽ هو ان تي قادر آهي ته اهڙن مضبوط جبلن کي روئيءَ وانگر غبار ڪري اڏاري ڇڏي. هي قيامت جو منظر پيش ڪيو ويو، پر اهڙي طرح هن دنيا ۾ به قانون مڪافات هيٺ اهڙن وڏين وڏين قومن ۽ ماڻهن کي جن بابت تنهنجو خيال آهي ته اهي وڏي قوت، سگهه ۽ زور سبب نهايت مستڪم آهن ۽ ڪير به انهن کي سندن مقام تان لوڏي يا هٽائي نٿو سگهي، اهي به مڪافات عمل جي گهاٽي ۾ پيڙجي دز ۽ غبار ٿي بادلن وانگر هوا جي جهونڪي سان هيڏي هوڏي ڦرندا رهندا. ”وَ تِلۡكَ الۡاَیَّامُ نُدَاوِلُهَا بَیۡنَ النَّاسِ“ (آل عمران: 140/3) ان ڪي ئي قومن جو عروج زوال يا حيات و موت سڏيو ويو آهي، جو ته خدا تعالىٰ جي قانون ۽ نظام جي مقابلي ۾ انسان جا بنايل قانون ۽ نظام جٽاءُ نه ڪندا آهن ۽ شڪست کائي پورا پورا يا پرزا پرزا ٿي ويندا آهن. پر جيڪي ماڻهو يا جيڪا قوم پنهنجي حسن ڪارڪردگي، سچائي ۽ محنت سان الله جي نظام تي پوري طرح ڪاربند ۽ عمل پيرا هوندا، الله تعالىٰ کين سندن ڪوشش کان وڌيڪ نوازشون ۽ نعمتون عطا ڪندو. هڪ نيڪيءَ جي حسن ڪارڪردگيءَ وارا ڏهه تمغا سندس سيني تي سجايا ويندا ۽ سندس نيڪ نيتي ۽ جوانمردي جي قدر شناسي ڪئي ويندي. ”لَا یَحۡزُنُهُمُ الۡفَزَعُ الۡاَکۡبَرُ“ (الانبياء 103/21، النمل: 87/27) پر جيڪي هن دنيا ۾ برائي ڪندا ۽ برائيءَ وارو ثمر پاڻ سان گڏ کڻي ويندا، اهي اونڌي منهن باهه ۾ اڇلايا ويندا، کين سندن برائيءَ جي برابر سزا ڏني ويندي. اهو آهي قيامت جو احوال، پر هن دنيا ۾ جيڪي ماڻهو الله جي زمين تي خدا

جي مخلوق سان پنهنجي طاقت جي زور ۽ اقتدار جي نشي ۾ اچي پاڻ کان ڪمزور طبقي يا قومن سان زيادتيون ۽ ناهمواريون پيدا ڪري، ملڪ ۾ فتني فساد واري غلط نظام تي بضد رهندا، اهي آخرڪار هڪ ڏينهن ان تباهيءَ جي آڙاهه ۾ اونڌي منهن اچلايا ويندا، جيڪا هنن جو سارو سرمايهءِ حيات ساڙي راک ڪري ڇڏيندي ۽ ڪين بڌايو ويندو تہ هي اوهان جي بداعماليءَ جو فطري نتيجو آهي ۽ انهن ڪمن جو بدلو آهي، جيڪي اوهان ڪندا رهيا آهيو. توهان جا اعمال پاڻ اوهان لاءِ عذاب جا آثا بڻجي اوهان تي نمايان نظر ايندا.

اي الله جا رسول ﷺ! هنن کي چئو تہ هنن حقيقتن جي بيان ٿي وڃڻ ۽ توهان کي انهن کان آگاهي ڏيڻ بعد اوهان ان تي عمل پيرا ٿيو ٿا يا نٿا ٿيو، اها اوهان جي ذميداري آهي، جيڪا مون اوهان تائين پهچائي. مون پنهنجو فريضو ادا ڪيو آهي، مون کي تہ اهو حڪم ڏنو ويو آهي تہ مان ان الله عزو جل جي حڪمن جي پوري طرح اطاعت ۽ فرمانبرداري ڪيان، جهڙي طرح هن الله هن مڪي شهر کي تمام نوع انسان جي لاءِ واجب الاحترام بڻايو آهي. هن شهر کي جنهن ۾ بيت الله آهي، پوري نوع انسان جي ڀلائي، بهتري ۽ امن جو ضامن ۽ ڪين پاڻ پرو ڪرڻ جو اجتماعي مرڪز آهي. (البقره: 2 /144-125، القصص: 57/28، العنڪبوت: 68/29، آل عمران: 96/3، الحج: 22/26-25، المائده: 97/5) ڪائنات جي هر شيءِ سماوي، ارضي ۽ بحري بري سڀ الله عزو جل جي قانون مطابق عمل پيرا آهي. ڪا بہ اهڙي شيءِ ناهي، جيڪا هڪ تِر جيترو بہ انحرافي جي مرتڪب ٿئي. مون کي بہ رب تعالىٰ پاران حڪم آهي تہ مان بہ ان جي آڏو سجده ريز ٿيان ۽ سر تسليم خم ڪيان ۽ ان الله عزو جل پاران مون کي ڏنل پروگرام يعني خدائي نظام، خدائي حڪمن موجب قائم ڪريان. يعني مان قرآن جي تلاوت ڪندو رهان ۽ ان قرآن جي اکر اکر جو اتباع ڪريان ۽ پنهنجي زندگي هڪ مسلمان جي زندگي گذاريان. ان ڪري اي پيارا حبيب ﷺ ! پهريان تون پاڻ ائين ڪر، يعني قرآن کي نظام حيات بنائي ڇڏ، جهڙي طرح امان سائڻ حضرت عائشه صديقہ رضي الله عنها کان پڇيو ويو تہ پاڻ ڪريمن ﷺ جو ڪهڙو خلق آهي ؟ فرمايائين تہ هن جو خلق ”قرآن“ آهي. هنن ماڻهن کي چئو تہ جيڪو شخص بہ سندس اتباع ۾ منهنجي پنيان سڌي راهہ تي هلندو تہ ان جو سمورو فائدو ان کي ملندو ۽ جيڪڏهن منهنجي پيروي ڇڏي، غلط راهہ اختيار ڪندو تہ

ان جو نقصان بہ ان کي ٿيندو. منهنجو اهو فرض آهي تہ مان توهان کي خبردار ڪريان ٿو. اوهان جي غلط راهہ رويءَ جو نتيجو ڪيترو تباهہ ڪن، پيانڪ ۽ خوفناڪ آهي. ياد رهي تہ هت "لِلۡمُتَّقِیۡنَ" ۾ قرآن کي راهہ هدايت ۽ صراط مستقيم سڏيو ويو آهي. اهڙي طرح سورت يٰس ۾ "یٰسٓ ○وَ الۡقُرۡاٰنِ الۡحَکِیۡمِ ○اِنَّکَ لَمِنَ الۡمُرۡسَلِیۡنَ○ عَلٰی صِرَاطٍ مُّسۡتَقِیۡمٍ○" ۾ پاڻ ڪريمن ﷺ کي مخاطب ٿي "وَ الۡقُرۡاٰنِ الۡحَکِیۡمِ" قرآن جي عظمت کي گواهہ بنائي چوي ٿو: "اِنَّکَ لَمِنَ الۡمُرۡسَلِیۡنَ" تون الله تعالیٰ طرفان موڪليل ان جو رسول آهين. "عَلٰی صِرَاطٍ مُّسۡتَقِیۡمٍ" تون پاڻ صراط مستقيم تي آهين. (سبحان الله وبحمده)

اي حبيب خدا ﷺ! تون هنن ڪافرن جي مخالفت ۽ شرارت جو ڪو اونو نہ ڪر. الله جل شانه تنهنجو ڪارساز ۽ حمايتي آهي. تون هميشہ ان جي حفاظت ۾ آهين. ان ڪري هنن ڪافرن کي علي الاعلان چئي ڏي تہ توهان جيتري بہ مخالفت ڪري سگهو ٿا، اها پلي دل کولي ڪريو. جيڪو نظام الله جو آهي ۽ مون کي دنيا ۾ ان نظام کي قائم ڪرڻو آهي، نظام ڪامياب ۽ مڪمل ٿي ويندو. جيڪو نظام خدا جي ڪبريائي، بزرگي، جلال ۽ حمد و ستائش جو زندهہ تصوير هوندو. اهو نظام اوهان جي آڏو اهڙو تہ چٽو ۽ واضح هوندو، جو جڏهن اوهان جي اکين آڏو ايندو تہ اوهان سڃاڻي وٺندا تہ واقعي هي اهو سدابهار، خوشگوار معاشرو آهي، جنهن لاءِ اوهان کي چيو ويو هيو. مگر اوهان ان تي ڪو توجه نہ ڏنو. (حٰم السجده: 53/41) وري جيڪا تباهي توهان مٿان اچي ڪڙڪندي ۽ اوهان کي نيست و نابود ڪري ڇڏيندي، اها توهان جي پنهنجي عمل جو ڦل هوندي. خدا جو قانون اوهان جي شب و روز جي هر ڪارنامي کان آگاهہ آهي، جيڪو تنهنجي اعمال جي وڊيو ۾ پريو ويندو ۽ ان ڏينهن اوهان کي فلم وانگر ڏيکاريو ويندو، جنهن کان اوهان انڪار ڪري نہ سگهندا.

---

الحمد لله ! اڄ 30 محرم الحرام 1445 هجري مطابق 18 آگسٽ 2023ع جمعة المبارڪ جي ڏينهن سورة النمل جي آخري رهيل حصي جو شرح البيان بہ پورو ٿيو. الله تعالیٰ در درخواست گذار آهيان تہ هي هڪ ٻانهي طرفان هديو سمجهي قبول فرمائي. (آمين)

بارڪ الله لي ولڪم في القرآن العظيم ونفعني و اياڪم بالآيات والذڪر الحڪيم

حيدرآباد، سنڌ، پاڪستان

# سُوۡرَةُ الۡقَصَصِ

هن سورت جو نالو آيت نمبر 25 ۾ آيل ”وَ قَصَّ عَلَيۡهِ الۡقَصَصَ“ مان ورتل آهي. انهيءَ لفظ جي اعتبار سان ۽ تفصيل سان بيان ٿيل موسىٰ عليه السلام جي قصي جي ڪري هن جو نالو ”القصص“ آهي. هيءَ مڪي سورت آهي. قرآن مجيد جي موجوده ترتيب جي لحاظ سان 28 سورت ۽ نزول جي حساب سان 79 شمار ڪئي وڃي ٿي. يعني 78 سورتون هن کان اڳ مڪہ معظمہ ۾ نازل ٿي چڪيون هيون ۽ 11 سورتون ان کان بعد هجرت کان اڳي مڪي ۾ نازل ٿيون ۽ پوءِ 24 سورتون مديني منوره ۾ نازل ٿيون. هن سورت ۾ 88 آيتون ۽ 9 رکوع آهن. مڪي سورتن وانگر هن سورت ۾ بہ توحيد ورسالت جو ثبوت، شرڪ جي مذمت ۽ مؤمنن جي مدح ۽ نبي اڪرم خاتم النبيين صلى الله تعالیٰ عليه وآله وسلم جن کي ڪوڙو چوندڙن جي مذمت ڪيل آهي. آخرت جي تعليم، ڪفار مڪہ جا شڪ شبهن ۽ اعتراضن جو جواب ڏنو ويو آهي. هن سورت جي نزول وقت ڪافرن نبي ڪريم خاتم النبيين صلى الله تعالیٰ عليه وآله وسلم ۽ مؤمنن کي بيحد تنگ ڪري رکيو هيو ۽ ڪين اهڙيون تڪليفون ڏيندا هيا، جنهن جو برداشت ڪرڻ نهايت مشڪل هيو، پر نبي اڪرم خاتم النبيين صلى الله تعالیٰ عليه وآله وسلم جا هي پروانا هر تڪليف سهڻ لاءِ راضي هيا. هن سورت ۾ موسىٰ عليه السلام جو تفصيل سان ذڪر آيو آهي، جنهن مان ڪافرن کي ٻڌايو ويو آهي تہ الله تعالىٰ پنهنجي نبين جي ڪهڙي طرح سان مدد ڪندو آهي. فرعون جي قصي سان گڏ بعد ۾ قارون جو قصو بہ آيل آهي. هن ۾ قرآن ڪريم جي برحق هجڻ لاءِ بہ ڪافي آيتون موجود آهن. مڪي جي ڪافرن لاءِ ڪڏهن بہ قابل قبول نہ هيو تہ هنن جي سرداري، رئيسي، حڪومت ۽ دٻدٻو ختم ٿي ويندو ۽ هنن غريب مسڪين مؤمنن جي اسان تي حڪمراني هوندي .

●●●

## سُوْرَةُ الْقَصَصِ (مكي سورت)

آيتون ٨٨ | رڪوع ٩

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

طٰسٓمّٓ ﴿١﴾ تِلْكَ اٰيٰتُ الْكِتٰبِ الْمُبِيْنِ ﴿٢﴾ نَتْلُوْا عَلَيْكَ مِنْ نَّبَاِ مُوْسٰى وَ
فِرْعَوْنَ بِالْحَقِّ لِقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ ﴿٣﴾ اِنَّ فِرْعَوْنَ عَلَا فِي الْاَرْضِ وَ جَعَلَ
اَهْلَهَا شِيَعًا يَّسْتَضْعِفُ طَآىِٕفَةً مِّنْهُمْ يُذَبِّحُ اَبْنَآءَهُمْ وَ يَسْتَحْيٖ
نِسَآءَهُمْ ؕ اِنَّهٗ كَانَ مِنَ الْمُفْسِدِيْنَ ﴿٤﴾ وَ نُرِيْدُ اَنْ نَّمُنَّ عَلَى الَّذِيْنَ
اسْتُضْعِفُوْا فِي الْاَرْضِ وَ نَجْعَلَهُمْ اَىِٕمَّةً وَّ نَجْعَلَهُمُ الْوٰرِثِيْنَ ﴿٥﴾ وَ
نُمَكِّنَ لَهُمْ فِي الْاَرْضِ وَ نُرِيَ فِرْعَوْنَ وَ هَامٰنَ وَ جُنُوْدَهُمَا مِنْهُمْ مَّا
كَانُوْا يَحْذَرُوْنَ ﴿٦﴾

---

الله جي نالي سان شروع جو نهايت مهربان ۽ هميشہ رحم ڪرڻ وارو آهي.

ط س م (طا، سين، ميم) خدائي ذي الطول ۽ سميع ۽ عليم جو ارشاد آهي يا بحق طول وَسنا و ملک من (حضرت نوح مخدوم سروري رحمة الله عليه) منهنجي قوت، ڪبريائي ۽ بادشاهيءَ جي واسطي سان ارشاد آهي (1) تہ هي نهايت واضح (لاريب فيه) ڪتاب جون آيتون آهن. (2) اسان انهن ماڻهن جي لاءِ جيڪي ايمان آڻڻ جا خواهشمند آهن، موسىٰ عليه السلام ۽ فرعون جي سرگشت (روئداد) جو ڪجهہ حصو ٺيڪ ٺيڪ توکي ٻڌايون ٿا. (3) اصل واقعو هي آهي تہ مصر جي سر زمين تي

فرعون سرڪشي اختيار ڪئي هئي. اتان جي باشندن (شهرين) کي هن ٽولن ٽولن ۾ تقسيم ڪري ڇڏيو هيو. انهن مان هڪ گروهہ کي سختي سان دٻائي رکيو هيو. هنن جي پٽن (نرينه اولاد) کي هو ڳولي ڳولي ذبح ڪري ڇڏيندو هيو. هنن جي عورتن کي زندهہ ڇڏيندو هيو، سچ پچ هو وڏو فسادي انسان هيو. (4) ۽ اسان جي مشيت هئي تہ جن ماڻهن کي ملڪ ۾ ڪمزور ڪيو ويو آهي، انهن تي احسان ڪريون ۽ انهن کي امامت عطا ڪريون ۽ انهن کي ملڪ (مصر) جو وارث بنايون. (5) ۽ هنن کي ان ملڪ ۾ اقتدار عطا ڪريون ۽ فرعون ۽ هامان جي لشڪرن کي اهو منظر ڏيکاريون، جنهن کان هو ڊڄندا هئا. (6)

طٰسم جو تفصيل ترجمي ۾ اچي ويو. الله جل شانه پنهنجي پياري حبيب حضرت محمد مصطفیٰ خاتم النبيين ﷺ کي ٻڌائي ٿو تہ هي مضامين جيڪي وحي جي ذريعي تو تي نازل ٿي رهيا آهن، اُهي واضح ڪتاب جون آيتون آهن، جيڪو ڪتاب مبين آهي، يعني پنهنجو پاڻ چٽو ظاهر ۽ روشن آهي تہ نوع انسان کي ظاهر ۽ روشن ڪرڻ وارو آهي، قرآن ۾ اهي صفتون موجود آهن. هي قرآن حق کي باطل کان صحيح کي غلط کان، خير کي شر کان، سچ کي ڪوڙ کان ايمان کي ڪفر کان ۽ هدايت کي گمراهي کان جدا ڪرڻ وارو فرقان ۽ هر هڪ جي فائدي ۽ نقصان کي چٽي طرح بيان ڪرڻ وارو آهي، جنهن سان هڪ مؤمن جي سعادت ۽ نجات جون راهون کلي وڃن ٿيون. قرآن پنهنجي آسماني ڪتاب هجڻ جي صداقت ۽ حقانيت جي هجڻ جو خود ثبوت ڏئي ٿو، سورت جي شروعات قرآن ڪريم جي فضائل سان ڪري، ان وقت جي عرب ماڻهن کي چيو ٿو وڃي تہ هي ڪتاب انساني هدايت ۽ نجات لاءِ الله طرفان موڪليل رسولن ۽ نبين سڀ ڳورن معرفت آسماني وحي جو آخري ڪامل ۽ مڪمل ڪتاب آهي، جيڪوحضرت محمد مصطفیٰ خاتم النبيين ﷺ تي نازل ڪيو ويو آهي، جهڙيءَ طرح هن کان اڳ موسیٰ عليه السلام تي توريت نازل ڪيو ويو. موسیٰ عليه السلام ۽ فرعون جي قصي مان ڪجهہ

ايترو حصو جيڪو هت هدايت ۽ اصلاح لاءِ ضرورت مؤمنن ۽ ايمان جي خواهش رکندڙن لاءِ بيان ڪري رهيا آهيون. هي قصو قرآن ڪريم ۾ سورة البقره کان سورة النازعات تائين تقريبًا 17 دفعا اچي چڪو آهي، خاص طور سورة الشعراءِ، سورة النمل ۽ سسورة القصص ۾ وڏيڪ تفصيل سان آيو آهي،چوته اهڙا خوشنصيب ئي هن مان فائدو حاصل ڪري سگهندا. جهڙي طرح هن ڪتاب مان هدايت اهي حاصل ڪندا، جيڪي متقي آهن. (البقره: 2/2) پر جيڪي بدنصيب ايمان جي دولت کان خالي آهن، انهن کي ان ڪري هدايت نصيب نه ٿيندي ته بنيادي سرمايو ايمان نٿا رکن، هن واقعي ۾ مؤمن کي تسلي ۽ اطمينان ڏنو ٿو وڃي ته جهڙي طرح الله تعالىٰ ڪمزور ۽ محڪوم اسرائيلين کي موسىٰ عليه السلام جي معرفت فرعون تي ڪاميابي نصيب ڪئي، فرعون لاءِ آيو آهي: ”عَلَا فِي الْاَرْضِ“ يعني بغاوت اختيار ڪري، پاڻ کي وڏو بڻايو هيو. اهڙي طرح نبي اڪرم خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم جي معرفت اوهان مڪي جي قريش کي ڪفار ۽ مشرڪن تي ڪاميابي ڏيندو. اهو واقعو هي آهي ته فرعون مصر جي سرزمين تي سرڪشي اختيار ڪئي هئي. هو مغرور، متڪبر ۽ جابر ٿي ويو هو. هن اتان جي باشندن، شهرين کي جدا جدا ٽولن ۾ تقسيم ڪري ڇڏيو هيو، جنهن ڪري هنن مان قومي يڪجهتي ۽ اتحاد واري صلاحيت سلب ٿي چڪي هئي. (البقره 105-106/2) اختلاف ۽ فرقه بازي سبب هڪ ٻئي جا مخالف ٿي ويا. هر هڪ ٽولي کي ذبح ڪندو رهيو ۽ عورتن کي زنده ڇڏيندو رهيو. هو هڪ وڏو دهشتگرد، فسادي ۽ تخريبڪار هيو، جنهن زمين تي هنن جي قومي حميت ۽ غيرت ختم ڪري ڇڏي هئي. (البقره: 49/2، الاعراف: 141/7، المؤمن: 25/40) بادشاهن جو اهوئي خاصو هوندو آهي. (النمل: 24/27)

غلامی میں نہ کام آتی ہیں شمشیریں نہ تدبیریں
جو ہو ذوقِ یقین پیدا تو کٹ جاتی ہیں زنجیریں

(اقبال رحمة الله عليه)

ڪجهه تفسيرن ۾ آهي ته چاپلوس، خوشامندڙين ۽گهٽ عقلي سطح وارن ماڻهن کي نوازڻ ۽ هوشيار دانا ۽ اعلىٰ طبقي جي انسانن کي نظرانداز ڪرڻ، قتل

ڪرڻ گھرندو هيو ۽ عورتن کي نوڪرياڻيون بنائڻ لاءِ زنده رکڻ جو فعل شنيع ڪندو هيو. موسىٰ ؑ جي سرگزشت مان جو ڪجھ حصو هت بيان ڪري رهيا آهيون، برحق ۽ سچو آهي، فرعون جي سرڪشي ۽ قوم جي تقسيم ۽ ڪيس ڪمزور ڪرڻ بابت بيان ٿيل حقيقت برحق ۽ سچي آهي. بلاشڪ فرعون فسادي ماڻهن مان هيو، جيڪو بني اسرائيل جي ظلم تي ظلم ڪري رهيو هيو. ٻئي طرف وري مشيت خداوندي جو فيصلو هيو ته جن ماڻهن (بني اسرائيل) کي فرعون، هامان ۽ قبطين دٻائي محڪوم ڪري رکيو هيو، انهن تي احسان ڪريون. هت ”نَّمُنَّ“ جي اُها معنىٰ آهي، جنهن ۾ ”نِعۡمَتِيَ الَّتِيٓ اَنۡعَمۡتُ عَلَيۡكُمۡ“ آيو آهي. هنن کي امامت عطا ڪيون ۽ ڪين ملڪ جو وارث بنايون ۽ ڪين ملڪ جي اقتدار جي نعمت بخش ڪريون. امامت ۽ پيشوا بنائڻ جو ذڪر (البقره: 124/2 ۾) حضرت ابراهيم ؑ لاءِ آهي. ”اِنِّيۡ جَاعِلُكَ لِلنَّاسِ اِمَامًا“ ان ڪري هنن لاءِ فلسطين جي زمين جو انتخاب ڪيو ويو. الله تعالىٰ هن خطي کي پنهنجي دعوت لاءِ خاص ڪري بني اسرائيل جي حوالي ڪيو، تنهن ڪري حڪم ڏنو ويو ته اتان جي باشندن کان سرزمين فلسطين آزاد ڪرائي وڃي ۽ گردونواح جي حڪومت کي ان جو خراج ڏيندڙ ڪيو وڃي. هن پوري علائقي تي انبياءؑ جي قيادت ۾ خدا جي حڪومت يعني نظام الاهي قائم ڪيو وڃي. ان ڪري هن سر زمين کي بني اسرائيل جي ميراث سڏيو ويو آهي. ڪين اها عزت، عظمت، اقتدار ۽ اختيار عطا ڪيو وڃي، جن جو هو فرعون، هامان وارا خوف رکندا هئا. ڪين خوف هيو ته اسرائيلي اڪثريت ۾ نه اچي وڃن ۽ پوءِ غلبو حاصل ڪري وٺن. يا نجومين جي چوڻ موجب ته بني اسرائيل مان ڪو مرد هوندو جيڪو فرعون جو تختو التي ڇڏيندو. پر هڪ ڏينهن ظلم جا انڌيرا ڇٽجڻ وارا آهن ۽ الله تعالىٰ جي حڪمت سان مغلوب قوم غلبو حاصل ڪري وٺندي ۽ ٿيو به ائين. (الاعراف: 137/7، بني اسرائيل: 4/17)

بني اسرائيل جو اصل وطن فلسطين جو اهو خطو هيو، جتي مسلسل انبياء ڪرام ايندا رهيا ۽ الله تبارڪ و تعالىٰ هن خطي کي بابرڪت بنايو ۽ سڏيو آهي، حضرت يوسف ؑ جي زماني ۾ بني اسرائيل مصر آيا، جتي آباد ٿيا ۽ هر طرف پکڙجي ويا. فرعون، هامان ۽ انهن جي مشيرن کي خطرو هيو ته متان اسرائيل وڏي

اڪثريت حاصل ڪري، ملڪ تي غالب ٿي وڃن، ان ڪري اسرائيلين تي ظلم ۽ زيادتيون انهيءَ انديشي جو نتيجو هيون. سورة البقره: 49/2، سوره ابراهيم: 6/14، سورة الاعراف: 141/7 ۾ آهي: "يَسُوْمُوْنَكُمْ سُوْٓءَ الْعَذَابِ" يعني فرعون بني اسرائيل تي سخت عذاب ڪندو هيو. موسىٰ عليه السلام به مصر ۾ ئي پيدا ٿيو هيو ۽ هڪ قبطي جي اتفاقي قتل سبب فرعون جي ظلم ڪان بچڻ لاءِ مصر ڇڏي فلسطين آيو هيو. جتي ڪجهه وقت رهڻ بعد مصر وڃڻ لاءِ روانو ٿيو. مدين ۾ شعيب عليه السلام سان ملاقات بعد ان جي نياڻي ڪي نڪاح ۾ آندو ۽ پورا ڏهه سال شعيب عليه السلام جي صحبت ۾ رهيو. بزرگ ان ڪري پنهنجي معتقدين ڪي ڏهو ڪرائيندا آهن. "ثُمَّ جِئْتَ عَلٰى قَدَرٍ يّٰمُوْسٰى" جنهن بعد هو ان لائق ٿي ويو، جنهن لاءِ ڪيس ذميواري ڏيڻي هئي. يعني انهن اندازن تي پورو اچي ويو هيو، جيڪي نبوت جهڙي اهم ڪم لاءِ تقويت ۽ اطمينان جو باعث بڻجن.

اگر کوئی شعیب آئے میسر
شبانی سے کلیمی دو قدم ہے

(اقبال رحمة الله عليه)

جيڪڏهن شعيب جهڙي پارس شخص جي صحبت ملي وڃي ته پوءِ هڪ رات جي سفر شباني ڪان ڪليمي ٻن قدمن جي فاصلي تي آهي.

مدين ڪان مصر ويندي رات جي اونداهيءَ ۾ پري ڪان باهه نظر آئي. موسىٰ عليه السلام بيبي صاحبه ڪي ويهاري، پاڻ باهه طرف ويو ته ڪو سڌي رستي جو ڏس ڏئي يا ڪم از ڪم ٽانڊو آڻي، سياري جي سرديءَ ڪان هٿ سيڪجن. موسىٰ عليه السلام اتي پهتو ته ڪوهه طور تي جلوه نور سان مشرف ٿيو. الله سان هم ڪلام ٿيو، نبوت جو تاج ڍڪي عصا ۽ يدِ بيضا سان مسلح ٿي، الله تعالىٰ جي حفاظت ۽ معيت ۾ مصر پهچي، فرعون جي دربار ۾ اچي الله جل شانه جي وحدت جو پيغام ڏنو ۽ بني اسرائيل ڪي فرعوني ظلم ۽ زيادتين ڪان آزاد ڪرڻ جو چيو. فرعون جي سخت مخالف رهي، پر آخرڪار بني اسرائيل ڪي وٺي رات جي پيٽ ۾ سمنڊ ڪناري پهتو، جتان الله جي اذن سان دريا پار ڪري ويو ۽ فرعون سندس پيڇو ڪندي لشڪر سميت درياءَ ۾ ٻڏي ويو. موسىٰ عليه السلام بني اسرائيل ڪي سينا جي ميدان تي وٺي آيو. فرعونين جو اهو ئي حشر ٿيو، جنهن ڪان

هو ڏيندا هئا، هي قصي جو مختصر بيان هيو، جيڪو قرآن جي ڪيترين ئي سورتن ۾ موجود آهي. گهڻن تفسيرن ۾ هڪ ٻئي ڪان نقل ٿيل هي قصو مشهور آهي ته فرعون خواب ڏٺو هيو يا ڪيس جادوگرن چيو هيو ته بني اسرائيل مان هڪ نوجوان ايندو جو تنهنجي حڪومت ختم ڪندو، ان ڪري هن بني اسرائيل جي مردن کي ذبح ڪرڻ شروع ڪيو. هن روايت جو ثبوت قرآن ۾ ڪٿي ناهي، تورات ۾ به نه آهي. ٻي روايت آهي، هن ڪان وڌيڪ قابل اعتماد اها ڳالهه آهي ته فرعون ۽ سندس مشير بني اسرائيل جي اڪثريت جو خوف ڪان ئي ڏجي بني اسرائيل جي مردن خاص طرح عقل و شعور وارن ماڻهن کي قتل ڪرڻ شروع ڪيو. باقي خوشامندڙين، چاپلوس ۽ ڪم عقل مردن ۽ عورتن کي زنده رکيو. ٻنهي روايتن جو درست هجڻ به ٿي سگهي ٿو، ان مان ڪا هڪ هجي يا ٻئي هجن. پر اڪثريت جي خوف ڪان قتل ڪرڻ واري روايت وڌيڪ معتبر لڳي ٿي. والله اعلم بالصواب. (بيان القرآن: ڈاڪٽر اسرار احمد رحمه الله)

وَ اَوۡحَيۡنَاۤ اِلٰۤى اُمِّ مُوۡسٰٓى اَنۡ اَرۡضِعِيۡهِ ۚ فَاِذَا خِفۡتِ عَلَيۡهِ فَاَلۡقِيۡهِ فِى
الۡيَمِّ وَ لَا تَخَافِىۡ وَ لَا تَحۡزَنِىۡ ۚ اِنَّا رَآدُّوۡهُ اِلَيۡكِ وَ جَاعِلُوۡهُ مِنَ
الۡمُرۡسَلِيۡنَ ﴿٧﴾ فَالۡتَقَطَهٗۤ اٰلُ فِرۡعَوۡنَ لِيَكُوۡنَ لَهُمۡ عَدُوًّا وَّ حَزَنًا ؕ اِنَّ
فِرۡعَوۡنَ وَ هَامٰنَ وَ جُنُوۡدَهُمَا كَانُوۡا خٰطِـئِيۡنَ ﴿٨﴾ وَ قَالَتِ امۡرَاَتُ فِرۡعَوۡنَ
قُرَّتُ عَيۡنٍ لِّىۡ وَ لَكَ ؕ لَا تَقۡتُلُوۡهُ ۖ عَسٰٓى اَنۡ يَّنۡفَعَنَاۤ اَوۡ نَـتَّخِذَهٗ وَلَدًا وَّ
هُمۡ لَا يَشۡعُرُوۡنَ ﴿٩﴾ وَ اَصۡبَحَ فُـؤَادُ اُمِّ مُوۡسٰى فٰرِغًا ؕ اِنۡ كَادَتۡ لَـتُبۡدِىۡ بِهٖ
لَوۡ لَاۤ اَنۡ رَّبَطۡنَا عَلٰى قَلۡبِهَا لِتَكُوۡنَ مِنَ الۡمُؤۡمِنِيۡنَ ﴿١٠﴾ وَ قَالَتۡ لِاُخۡتِهٖ
قُصِّيۡهِ  فَبَصُرَتۡ بِهٖ عَنۡ جُنُبٍ وَّ هُمۡ لَا يَشۡعُرُوۡنَ ۙ ﴿١١﴾ وَ حَرَّمۡنَا عَلَيۡهِ
الۡمَرَاضِعَ مِنۡ قَبۡلُ فَقَالَتۡ هَلۡ اَدُلُّكُمۡ عَلٰٓى اَهۡلِ بَيۡتٍ يَّكۡفُلُوۡنَهٗ لَكُمۡ

وَ هُمۡ لَهٗ نٰصِحُوۡنَ ﴿۱۲﴾ فَرَدَدۡنٰهُ اِلٰۤی اُمِّهٖ کَیۡ تَقَرَّ عَیۡنُهَا وَ لَا تَحۡزَنَ وَ
لِتَعۡلَمَ اَنَّ وَعۡدَ اللّٰهِ حَقٌّ وَّ لٰکِنَّ اَکۡثَرَهُمۡ لَا یَعۡلَمُوۡنَ ﴿۱۳﴾ ع

ع ۱۳

۽ اسان موسىٰ ﷤ جي والده ڏانهن وحي ڪئي تہ تون هن کي کير پياريندي رهہ، پر جڏهن هن جي جان جو خطرو محسوس ڪرين تہ پوءِ ان ٻار کي درياءَ حوالي ڪرءِ ڪو بہ انديشو ۽ غم نہ ڪر، اسان هن کي وري تو وٽ پهچائي ڏينداسون ۽ هن کي پيغمبرن مان هڪ پيغمبر بڻائينداسون. (7) ٻار کي فرعون ۽ سندس زال پاڻ وٽ محل ۾ رکيو تہ جيئن فرعون وارن لاءِ عداوت ۽ غم جو ڪارڻ بڻجي، يقينًا فرعون هامان ۽ سندن پورو لشڪر پنهنجي تدبيرن ۽ دانائي ۾ غلطيءَ ۾ هيا. (8) فرعون جي زال (فرعون کي) چيو تہ هي اسان جي اکين جو ٺار آهي. هن کي قتل نہ ڪريو، يقينًا اسان لاءِ سود مند ٿيندو يا اسان هن کي پنهنجو پٽيلو ڪري پاليون ٿا، ڪين الله تعالىٰ جي حڪيمانا پروگرام جو پتو ڪو نہ هيو.(9) موسىٰ ﷤ جي ماءُ جي دل گهبرائجي رهي هئي، ممڪن هيو تہ هوءَ هن راز تان پردو کڻي وٺي ها، جيڪڏهن اسان سندس دل کي اطمينان ۽ سڪون سان مضبوط نہ ڪريون ها. اهو اهتمام ان ڪري هيو تہ هوءَ الله تعالىٰ جي وعدي تي يقين ۽ ايمان واري ٿي وڃي. (10) هن پنهنجي ڌيءَ کي چيو تہ پنهنجي ڀاءُ جو پيڇو ڪر ۽ پل پل جي خبر رک، سندس ڀيڻ پنهنجي ڀاءُ کي پري کان ڏسندي رهي، پر فرعونين کي ان جي خبر نہ پئي. (11) اسان موسىٰ ﷤ تي (مشيت خدائي سبب) ٻين عورتن جي ٿڃ اڳ ۾ حرام ڪري ڇڏي هئي. (اخت موسىٰ) چيو تہ مان اوهان کي اهڙي گهر وارن جو ڏس ڏيان، جيڪي هن ٻار جي توهان خاطر پرورش ڪن ۽ اهي هن ٻار جا همدرد ۽ خير خواهہ بہ هجن (12) پوءِ اسان

**ڪيس پنهنجي ماءُ طرف لوٽائي آندو تہ جيئن سندس ماءُ جون اکيون ٺري پون ۽ هو رنجيده نہ ٿئي ۽ ڪيس يقين ٿي وڃي تہ الله جو وعدو سچو آهي، پر اڪثر ماڻهو ان حقيقت کان آگاهہ نہ آهن. (13)**

هن کان اڳ فرعون جي ظلم ۽ زيادتي جو بيان هيو ۽ بني اسرائيل جي ڪمزوري، بي بسي، غلامي ۽ محڪوميءَ جو ذڪر هيو. اهڙي دور ۾ موسىٰ ؑ جي ولادت ٿي جڏهن بني اسرائيل جي نرينہ اولاد کي قتل ڪرڻ جو سلسلو جاري هيو. موسىٰ ؑ جي پيدا ٿيڻ تي سندس ماءُ کي انديشو لاحق ٿيو تہ مبادا هن معصوم ٻار کي فرعوني ٽولو قتل ڪري ڇڏي. ان ڪري موسىٰ ؑ جي والده ماجده کي اطمينان ۽ سڪون ڏيڻ لاءِ ڪيس الله تعالىٰ طرفان وحي ٿي تہ هاڻي تون هن کي کير پياريندي رهہ. پر جڏهن هن جي جان جو خطرو محسوس ڪرين تہ پوءِ ان کي درياءَ حوالي ڪرءِ ڪو بہ انديشو ۽ غم نہ ڪر. اسان فيصلو ڪري ڇڏيو آهي تہ اسان هن ننڍڙي معصوم ٻار کي وري تو وٽ پهچائي ڏينداسون ۽ هن کي پيغمبرن مان هڪ پيغمبر بڻائينداسون. 'موسىٰ' قبطي زبان جو لفظ آهي، جنهن جي معنىٰ آهي پاڻي مان ڪڍيل، ممڪن آهي تہ فرعون جي گهر اهو نالو رکيو ويو هجي. سندس والد جو نالو عمرام آهي جو بعد ۾ عمران ٿي ويو، حضرت يعقوب ؑ جي فرزند لاوي جي اولاد مان هيو. "وحیٰ" جي معنىٰ دل ۾ وجهڻ يا فرشتن جو انساني شڪل ۾ اچي اطمينان ڏيارڻ يا ڪنهن بہ طريقي يقين ڏيارڻ. ام موسىٰ ؑ تي وحي ڪهڙي نموني ٿي، ان جو ذڪر ناهي. پر اها وحي اهڙي ضرور هئي، جنهن تي اُمِّ موسىٰ کي يقين ٿي پيو، جنهن جي روشنيءَ ۾ درياءَ حوالي ڪيو ۽ ڪيس پڪ هئي تہ ٻار زندهہ رهندو ۽ وري هن جي گود ۾ ايندو. ان ڪري سندس ماءُ کير (ٿڃ) پياريندي رهي پوءِ جڏهن حالتون اجان وڌيڪ سخت ٿي ويون، ڀهريان رڳو داين کي حڪم هيو تہ نرينہ اولاد کي ڄمندي قتل ڪريو، پر جڏهن ان مان خاطر خواهہ نتيجا نہ نڪتا تہ پوءِ هر قبطيءَ کي حڪم ڪيو ويو تہ بني اسرائيل جي هر نرينہ اولاد قتل ڪن. ام موسىٰ ؑ اهو خطرو محسوس ڪندي پنهنجي اکين جي نور کي صندوق ۾ بند ڪري درياءَ حوالي ڪيو. درياءَ جون موجون ان صندوق کي فرعون

جي محل وٽ ڪٽي آيون، جيڪو درياءَ جي ڪپ تي تهيل هيو. صندوق کي فرعون جي گهر پهچايو ويو، جنهن ۾ هڪ چنڊ کي شرمائيندڙ خوبصورت ٻار موجود هيو. ٻار کي فرعون ۽ سندس زال پاڻ وٽ محل ۾ رکيو ۽ شاهانا تربيت سان موسىٰ ؑ پلجي جوان ٿيو ۽ شاهي خاندان جي فرد هجڻ سبب عزت ۽ احترام سان ڏٺو ويندو هيو ۽ پاڻ به آداب ۽ ڪردار جي سکيا وٺي جواني کي پهتو. فرعون جيڪو پاڻ کي خدا سڏائي رهيو هيو، ان کي هن جوان جي پروگرامن جو پتو به نه پيو، جيڪي فرعون وارن لاءِ عداوت ۽ غم جو ڪارڻ بڻجڻ وارو هيو. يقينًا فرعون هامان ۽ سندن مشير سردار، امراءَ ۽ سندس پورو لشڪر پنهنجي تدبيرن ۽ دانائي ۾ ڏوڪو ڪائي ويا.

فرعون جي زال جيڪا نيڪ سيرت عورت هئي، تنهن جڏهن اهڙو چوڏهين جو چنڊ جهڙو خوبصورت ٻار جو خوبصورت چهرو ڏٺو ته هن فرعون کي چيو ته اسان هن کي پالينداسون، هي اسان جي اکين جو ٺار آهي. اجا معصوم بي سمجھ ٻار آهي، پر اسان جي گهر اسان جي پيار ۾ پلجي اسان جي اولاد وانگر ٿي ويندو. هن کي ان وقت ڪهڙي خبر هوندي ته هو ڪنهن جي اولاد آهي. ان ڪري هن کي قتل نه ڪريو، يقينًا اسان لاءِ سود مند ٿيندو يا اسان هن کي پنهنجو پٽيلو ڪري پاليون ٿا، هو اسان کي ئي امان ابا سمجهندو. پر چوندا آهن ته

ما در چه خیالیم و فلک در چه خیال

اسان جا هڪڙا خيال آهن ته فلڪ جون ٻيون تدبيرون آهن.

کار ساز ما بفکرِ کار ما
فکر ما در کار ما آزار ما

اسان جو پروردگار ته اسان جي (بهتريءَ جي) فڪر ۾ آهي ۽ اسان جي سوچ اسان لاءِ آزار جو سبب ٿيو پوي.

هي ته فرعون ۽ سندس زال جا منصوبا هئا، ڪين الله تعالىٰ جي حڪيمانا پروگرام جو پتو ڪو نه هيو. ننڍڙي جگر جي ٽڪڙي اکين جي نور پياري پٽ کي درياءَ حوالي ڪرڻ ۽ ان جي فرعون جي محل تائين پهچي وڃڻ ڪري سندس ماءُ جي دل گهٻرائجي رهي هئي ۽ ڪجھ دير لاءِ سندس حوصلو به پست ٿي ويو. ممڪن هيو ته هو

هن بيچيني، بي آرامي ۽ اضطراري واري حالت سبب هن راز تان پردو کڻي وٺي ها جيڪڏهن اسان سندس دل کي اطمينان ۽ سکون سان مضبوط نہ ڪريون ها. الله طرفان هي سارو جوڙيل انتظام ۽ ام موسىٰ لاءِ اهتمام ان ڪري هيو تہ هو الله تعالىٰ جي وعدي تي يقين ۽ ايمان واري ٿي وڃي. هن بعد ام موسىٰ عليه السلام پنهنجي ڌيءَ کي چيو تہ پنهنجي ڀاءُ جو پيڇو ڪر ۽ پل پل جي خبر رک سندس ڀيڻ پنهنجي ڀاءُ کي پري کان ڏسندي رهي پر فرعونين کي ان جي خبر نہ پئي. اها ڇوڪري هوشياريءَ سان فرعون جي محل تائين پهچي وئي. ائين محسوس ڪرائڻ لڳي تہ هو ٻين ماڻهن وانگر هي حيرت انگيز منظر ڏسڻ آئي آهي ۽ هن جو هن ٻار سان ڪو تعلق ناهي. موسىٰ عليه السلام تي اسان (مشيت خدائي سبب) ٻين عورتن جي ٿڃ اڳ ۾ حرام ڪري ڇڏي هئي. هن ننڍڙي ڇوڪري ڏٺو تہ کير پيارڻ لاءِ عورتون هڪ ٻئي پٺيان اچي رهيون هيون، پر ننڍڙي معصوم ٻار ڪنهن بہ عورت جي ڇاتيءَ (ٻبن) کي منهن نٿي لڳايو "وَ اَلۡقَیۡتُ عَلَیۡكَ مَحَبَّةً مِّنِّیۡ" (طٰهٰ: 39/20) مون توکي محبت جو منظر بنائي ڇڏيو هيو. هر هڪ ماڻهو سندس محبت جو گرويده ٿي رهيو هيو، هر دائي يا عورت هن ٻارڙي جي ڪفالت حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشان هئي، پر ٻار ڪنهن جي ٿڃ وٺڻ لاءِ راضي نہ هيو. سڀ پريشان هئا تہ هاڻي ڇا ڪجي. ان وقت اخت موسىٰ ننڍڙي ڇوڪري چيو تہ مان اوهان کي اهڙي گهر وارن جو ڏس ڏيان، جيڪي هن ٻار جي توهان خاطر پرورش ڪن ۽ اهي هن ٻار جا همدرد ۽ خير خواهہ بہ هجن. هن ننڍڙي ڇوڪريءَ واتان اتساهہ ڏيندڙ خبر ٻڌي هن ڪان پورو پار پتو معلوم ڪيو، جيڪا هنن کي پنهنجي ماءُ وٽ وٺي آئي يا ماءُ کي اتي وٺي وئي. ٻار ام موسىٰ عليه السلام جي ٿڃ پيئڻ لاءِ سندس سيني سان لڳي ويو، فرعون ۽ سندس زال جو فڪر گهٽيو ۽ ٻار کي سندس اصلي ماءُ جي حوالي ڪيو. اهڙي طرح هي ننڍڙو ٻار صندوق ذريعي درياءَ ۾ لڙهي فرعون جي محل پهچي، شاهي خاندان جو فرد سڏجڻ لڳو پر الله تبارڪ و تعالىٰ پنهنجي وعدي مطابق کيس پرورش لاءِ پنهنجي ماءُ طرف لوٽائي آندو تہ جيئن سندس ماءُ جون اکيون ٺري پون ۽ هو رنجيده نہ ٿئي ۽ کيس يقين ٿي وڃي تہ الله ذوالجلال جو وعدو سچو آهي. الله تعالىٰ وحي ذريعي سندس والده ماجده سان وعدو ڪيو هيو ۽ کيس يقين ڏياريو هيو تہ بي خوف و خطر ٻار کي درياءَ حوالي ڪر،

اسان هن كي مختلف مرحلن مان گذاري صحيح سلامت تو وٽ موٽائي آڻينداسون. "اِنَّ اللّٰهَ لَا يُخۡلِفُ الۡمِيۡعَادَ" الله تعالىٰ كڏهن بہ وعده خلافي نہ كندو آهي. پر اكثر ماڻهو ان حقيقت كان آگاهہ نہ آهن. (البقره: 216/2، النساء: 19/4)

وَ لَمَّا بَلَغَ اَشُدَّهٗ وَ اسۡتَوٰۤى اٰتَيۡنٰهُ حُكۡمًا وَّ عِلۡمًا ؕ وَ كَذٰلِكَ نَجۡزِى
الۡمُحۡسِنِيۡنَ ﴿۱۴﴾ وَ دَخَلَ الۡمَدِيۡنَةَ عَلٰى حِيۡنِ غَفۡلَةٍ مِّنۡ اَهۡلِهَا فَوَجَدَ فِيۡهَا
رَجُلَيۡنِ يَقۡتَتِلٰنِ ۫ هٰذَا مِنۡ شِيۡعَتِهٖ وَ هٰذَا مِنۡ عَدُوِّهٖ ۚ فَاسۡتَغَاثَهُ الَّذِىۡ
مِنۡ شِيۡعَتِهٖ عَلَى الَّذِىۡ مِنۡ عَدُوِّهٖ ۙ فَوَكَزَهٗ مُوۡسٰى فَقَضٰى عَلَيۡهِ ۫ قَالَ هٰذَا
مِنۡ عَمَلِ الشَّيۡطٰنِ ؕ اِنَّهٗ عَدُوٌّ مُّضِلٌّ مُّبِيۡنٌ ﴿۱۵﴾ قَالَ رَبِّ اِنِّىۡ ظَلَمۡتُ
نَفۡسِىۡ فَاغۡفِرۡ لِىۡ فَغَفَرَ لَهٗ ؕ اِنَّهٗ هُوَ الۡغَفُوۡرُ الرَّحِيۡمُ ﴿۱۶﴾ قَالَ رَبِّ بِمَاۤ
اَنۡعَمۡتَ عَلَىَّ فَلَنۡ اَكُوۡنَ ظَهِيۡرًا لِّلۡمُجۡرِمِيۡنَ ﴿۱۷﴾ فَاَصۡبَحَ فِى الۡمَدِيۡنَةِ
خَآئِفًا يَّتَرَقَّبُ فَاِذَا الَّذِى اسۡتَنۡصَرَهٗ بِالۡاَمۡسِ يَسۡتَصۡرِخُهٗ ؕ قَالَ لَهٗ
مُوۡسٰۤى اِنَّكَ لَغَوِىٌّ مُّبِيۡنٌ ﴿۱۸﴾ فَلَمَّاۤ اَنۡ اَرَادَ اَنۡ يَّبۡطِشَ بِالَّذِىۡ هُوَ عَدُوٌّ
لَّهُمَا ۙ قَالَ يٰمُوۡسٰۤى اَتُرِيۡدُ اَنۡ تَقۡتُلَنِىۡ كَمَا قَتَلۡتَ نَفۡسًۢا بِالۡاَمۡسِ ۖ اِنۡ
تُرِيۡدُ اِلَّاۤ اَنۡ تَكُوۡنَ جَبَّارًا فِى الۡاَرۡضِ وَ مَا تُرِيۡدُ اَنۡ تَكُوۡنَ مِنَ
الۡمُصۡلِحِيۡنَ ﴿۱۹﴾ وَ جَآءَ رَجُلٌ مِّنۡ اَقۡصَا الۡمَدِيۡنَةِ يَسۡعٰى ۫ قَالَ يٰمُوۡسٰۤى
اِنَّ الۡمَلَاَ يَاۡتَمِرُوۡنَ بِكَ لِيَقۡتُلُوۡكَ فَاخۡرُجۡ اِنِّىۡ لَكَ مِنَ النّٰصِحِيۡنَ ﴿۲۰﴾
فَخَرَجَ مِنۡهَا خَآئِفًا يَّتَرَقَّبُ ۫ قَالَ رَبِّ نَجِّنِىۡ مِنَ الۡقَوۡمِ الظّٰلِمِيۡنَ ﴿۲۱﴾ ع ۲ ۸ ۵

۽ جڏهن موسىٰ عليه السلام جوانيءَ تي پهتو ۽ پرپور جوان ٿي ويو تہ اسان هن کي حڪمت ۽ علم عنايت ڪيو ۽ اسان نيڪوڪارن کي اهڙا ئي بدلا ڏيندا آهيون.(14) ۽ هو هڪ ڏينهن اهڙي ريت شهر ۾ داخل ٿيو جو ان وقت شهر جا ماڻهو (هن جي اچڻ کان) بي خبر هئا. هن ڏٺو تہ ٻہ ماڻهو پاڻ ۾ وڙهي رهيا آهن. هڪ هن جي قوم جو هيو ۽ ٻيو هن جي دشمنن جي قوم مان هيو. موسىٰ عليه السلام کي قوم واري شخص مد مقابل شخص خلاف مدد لاءِ پڪاريو جيڪو دشمن قوم (قبيلي) جو فرد هيو، موسىٰ عليه السلام هن کي مڪو هنيو تہ ان قبطيءَ جو موت واقع ٿي ويو، موسىٰ عليه السلام چيو هي تہ مون کان شيطاني ڪم ٿي ويو، ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ شيطان (انسان جو) چٽو چٽو گمراهہ ڪرڻ وارو دشمن آهي. (15) هن پنهنجي پروردگار کي (عجز و نياز) شرمنديءَ کان پڪاري چيو تہ مان پاڻ سان پاڻ ئي ظلم جو مرتڪب ٿيو آهيان، سو منهنجا رب! مون کي بخش ڪر تہ سندس پروردگار کيس بخش، معاف ڪري ڇڏيو، حقيقت ۾ اصل بخش ڪرڻ وارو الله عزو جل ئي آهي ۽ ان جي شفقت رحمت ابدي آهي.(16) شڪر ادا ڪندي موسىٰ عليه السلام چيو تہ اي منهنجا پروردگار! تو جيڪا هيءَ مهرباني ڪئي آهي، مان (اڳتي) ڪڏهن بہ ڏوهارين جو مددگار نہ ٿيندس. (17) وري ٻي صبح تي موسىٰ عليه السلام شهر ۾ داخل ٿيو تہ وري ان اسرائيليءَ کي ٻئي قبطيءَ سان وڙهندي ڏٺو تہ وري ساڳئي اسرائيلي موسىٰ عليه السلام کي مدد لاءِ پڪاريو. موسىٰ عليه السلام کيس چيو تہ بيشڪ تون چٽو چٽو گمراهہ آهين.(18) پوءِ جڏهن موسىٰ عليه السلام کين وڙهڻ کان ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي تہ (اسرائيلي ماڻهو سمجهيو تہ موسىٰ عليه السلام هن جي مدد ڪري رهيو آهي، ان تي) هن رڙ ڪري چيو تہ جهڙيءَ طرح ڪالهہ قتل ڪيو هيو، اڄ مون کي قتل ڪرڻ گهرين ٿو ڇا؟ تون گهرين ٿو تہ ملڪ ۾ ظلم

**ڪندو رهين ۽ توکي اصلاح جو ڪوبہ ارادو ناهي.(19) شهر جي ٻئي طرف ڪان هڪ شخص ڊوڙندو آيو، هن موسىٰ عليه السلام کي چيو تہ شهر جا امراء ۽ رئيس ماڻهو تنهنجي قتل ڪرڻ جو مشورو ڪري رهيا آهن، سو تون هتان هليو وڃ، مان تنهنجو خير خواهہ آهيان. (20) پوءِ موسىٰ عليه السلام (فرعون جي ظالماڻي) خوف سبب اتان هليو ويو تہ ڏسان ڇا ٿو ٿئي. هن الله کي ٻاڏائي عرض ڪيو تہ منهنجا پروردگار! مون کي هن ظالم قوم ڪان ڇوٽڪارو عنايت ڪر.(21)**

---

موسىٰ عليه السلام جي ابتدائي زندگي ۾ ولادت بعد ڪجهہ ڏينهن والده ماجده جي گود ۾ رهيو، پوءِ وحي الاهي جي روشني ۾ صندوق اندر دريا ۾ لڙهندو، فرعون جي مهل لڳ پهتو، جتان ڪيس فرعون جي گهر پهچايو ويو. فرعون ۽ سندس نيڪ سيرت زال آسيه هن کي پٽ وانگر پالڻ جو فيصلو ڪيو، فرعون کي ڪو پنهنجي اولاد ڪو نہ هيو. فرعون جي محل ۾ موسىٰ عليه السلام ڪنهن بہ عورت جي ٿڃ قبول نہ ڪئي. سندس ڀيڻ جي مشوري تي فرعون ۽ آسيه ڪيس پنهنجي ماءُ وٽ ٿڃ لاءِ رکيو. هنن کي اهو معلوم نہ هيو تہ هي موسىٰ عليه السلام جي حقيقي ماءُ آهي، رضاعت ٿڃ ونڻ واري مدت بہ سال ختم ٿيڻ سان وري فرعون جي بادشاهي محل آيو، جتي هڪ شهزادي وانگر پلجي جواني تي پهتو ۽ پوري طرح ڀرپور تندرست ۽ توانا نوجوان ٿي ويو، جڏهن هو ڀرپور جوانيءَ تي پهتو تہ اسان هن کي جسماني طور متوازن ۽ جسماني سگهہ ۽ قوت عطا ڪئي. متناسب بنايو ۽ ڪيس علم و دانش سان سرفراز ڪيو. الجهيل معاملن کي سمجهڻ ۽ سلجهائڻ ۽ صحيح فيصلن ڪرڻ جي صلاحيت سان نوازيو. ”حُڪمُ“ مان مراد قوت فيصلہ ۽ علم مان مراد معرفت حقائق آهي. اهي نعمتون اهڙن خوشنصيب ۽ نيڪ بخت ماڻهن کي عطا ٿينديون آهن، جيڪي ان جو صحيح استعمال ڪرڻ گهرندا آهن. ڪجهہ عالمن جو خيال آهي تہ ان مان نبوت مراد آهي. پر نبوت تہ بعد ۾ ڪوهہ طور تي عطا ٿي. الله جل شانه پاران حڪم يعني قوتِ فيصلہ عطا ڪئي وئي ۽ علم و معرفت سان

نوازيو ويو. مشهور قول آهي: "كُلُّ شَيْءٍ يَّرْجِعُ اِلٰى اَصْلِهٖ" سو موسىٰ ﷺ کي پنهنجي آباء و اجداد جي نبوت واري منصب کان بہ آگاهي ٿي چڪي هئي ۽ الله تعالىٰ طرفان ڪيس بہ معامله فهمي ۽ حق ۽ ناحق ۾ تميز جي قوت عطا ٿي وئي هئي. سو جڏهن هن ڏٺو تہ فرعون تہ پاڻ کي الله بڻايو ويٺو آهي ۽ ماڻهن کان پنهنجي پرستش ڪرائي رهيو آهي. موسىٰ ﷺ جو موحد ذهن هن صريحًا شرڪ کي زياده عرصو گواره نہ ڪري سگهيو. جنهن تي هن نرم لهجي ۾ فرعون کي ان ناشائستہ حرڪت کان باز رهڻ جو چيو، پر فرعون جي متڪبرانہ، هٺيلي ۽ ضدي روش هن نصيحت کي قبول ڪو نہ ڪيو، پر موسىٰ ﷺ جي سخت خلاف ٿي ويو، جنهن ڪري موسىٰ ﷺ پاڻ کي محفوظ رکڻ لاءِ روپوش ٿي ويو ۽ شاهي محل جي شهزادن واري ناز نخري واري رويي کان محروم ٿي ويو، ڇو تہ فرعون ڪيس پنهنجي اقتدار ۽ اعزاز لاءِ خطرو محسوس ڪيو، جنهن سبب موسىٰ ﷺ پنهنجي جان جي حفاظت لاءِ في الحال روپوش ٿي ويو.

هڪ دفعي هو اهڙي وقت شهر ۾ داخل ٿيو، جو ڪا بہ گهما گهمي نہ هئي، رستا بازارون ويران هيون. گويا ٻاهر جي دنيا کان بي خبر هئا. اهڙي سناٽي واري وقت ۾ موسىٰ ﷺ ڏٺو تہ بہ شخص هڪ اسرائيلي ۽ ٻيو قبطي پاڻ ۾ دست و گريبان آهن. موسىٰ ﷺ کي اهو بہ معلوم ٿي ويو هيو تہ قبطي سندس قوم اسرائيلي سان خواهہ مخواهہ زياتي ڪري رهيا آهن. اسرائيلي موسىٰ ﷺ کي پنهنجي مدد لاءِ پڪاريو تہ موسىٰ ﷺ اڳتي وڌي اسرائيليءَ کي بچائڻ لاءِ قبطي شخص کي زيادتي کان منع ڪئي، جڏهن هن موسىٰ ﷺ جي هڪ بہ نہ ٻڌي ۽ قبطي اسرائيلي شخص کي ڪٽيندو رهيو تہ موسىٰ ﷺ ڇڏائڻ لاءِ ڪيس مڪو هنيو، جيڪو قبطي جو جان ليوا ثابت ٿيو، ڇو تہ هن مڪو قتل ڪرڻ لاءِ نہ هنيو هيو، پر اتفاقي ۽ غير ارادي طور اهو مقتول قبطي لاءِ موت جو سبب بڻيو. هن اچانڪ اتفاقي ۽ غير ارادي عمل جي نتيجي ۾ هڪ جان تلف ٿي وڃڻ جو ڏک بہ ٿيو ۽ سندس ذات جي يعني روحاني اذيت بہ محسوس ڪئي. هن ندامت ۾ چيو تہ هي شيطاني عمل سرزد ٿيو آهي. بيشڪ شيطان ورغلائڻ لاءِ کلم کلا دشمن آهي. موسىٰ ﷺ هن واقعي کي شيطاني عمل ان ڪري چيو جو قتل هڪ سنگين جرم آهي، جيڪو غضب جي حالت ۾ اچانڪ ٿي پيو. هن جو ارادو صلح

صفائي ڪرڻ هيو، قتل ڪرڻ جو هرگز ارادو نہ هيو. هن يڪدم پنهنجي پروردگار ڏانهن رجوع ڪيو ۽ چوڻ لڳو تہ اي منهنجا پروردگار! مان هي اچانڪ حادثو ڪري پاڻ سان وڏو ظلم ڪري وينو آهيان، منهنجا رحيم ڪريم ۽ عليم رب! توکي منهنجي اندر جي پوري پوري خبر آهي تہ هي قتل مون کان غير ارادي طور تي ويو آهي، منهنجي حال تي رحم ڪري مون کي معاف ڪرڻ فرمائ ۽ مون کي ان جي سخت نتيجن کان حفاظت ۾ رک. الله جيڪو هن پوري عمل جي ڳجهہ ۽ ظاهر کان باخبر هيو. تنهن موسىٰ عليه السلام جي عرضداشت يعني توبه کي قبول ڪري ورتو. بيشڪ الله جل شانه بخش ڪرڻ وارو ۽ دائمي رحم ڪرڻ وارو آهي. جنهن جي ڪري پروردگار غلط عمل جي نتيجن کان بچائي اڳتي وڌڻ ۽ ذات جي ترقي جون راهون کولي ڇڏي ٿو. جنهن تي موسىٰ عليه السلام خدا تعالىٰ جو شڪر ادا ڪيو ۽ چيائين تہ منهنجا پروردگار! اڳتي لاءِ آءٌ محتاط رهندس تہ جيئن ڪنهن مجرم جي مدد نہ ڪيان.

رات خير سان گذري وئي. صبح جو وري موسىٰ عليه السلام ڊجندي ڊجندي شهر ۾ داخل ٿيو، وري ڏٺائين تہ ڪالهوڪو ساڳيو اسرائيلي شخص هڪ ٻئي قبطيءَ سان وڙهي رهيو هو. جنهن وري موسىٰ عليه السلام کي مدد لاءِ پڪاريو، جهڙي طرح ڪالهہ پڪاريو هيو. موسىٰ عليه السلام ان اسرائيليءَ کي چيو تہ يقيناً تون وڏو شرير انسان آهين، جو روزانو ڪنهن نہ ڪنهن قبطيءَ سان وڙهي رهيو آهين. موسىٰ عليه السلام ٻن ماڻهن جي لڙائيءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ انساني همدردي ۽ اخلاقي ذميداري محسوس ڪندي خيال ڪيائين تہ قبطي کي لڙائي کان روڪي، جيڪو اسرائيلي قوم جو ۽ موسىٰ عليه السلام جو دشمن هيو. اسرائيلي جنهن کي موسىٰ عليه السلام اڳ ۾ ئي سخت لفظن سان جهڻڪيو هيو، تنهن موسىٰ عليه السلام کي ايندو ڏسي سمجهيو تہ مون کي (اسرائيلي کي) مڪو هڻڻ اچي ٿو، سو هن شڪ جي بنا تي موسىٰ عليه السلام کي چيو تہ تو جهڙي طرح ڪالهہ مڪو رسيد ڪري قبطيءَ کي ماريو هيو، ڇا اڄ مون کي مارڻ گهرين ٿو. تون شايد امن امان لاءِ نہ، پر جابر شخص ٿي رهڻ گهرين ٿو. قبطيءَ اهو سڀ ٻڌي ورتو ۽ حڪام تائين خبر ڏني تہ ڪالهہ قبطيءَ جو قتل موسىٰ عليه السلام ڪيو آهي، جنهن سبب فرعون جي حڪومت جو اڳ ۾ ئي موسىٰ عليه السلام تي ناراض هئي، هاڻي هن جي هٿان قبطيءَ جي قتل جو ٻڌي وڌيڪ سخت دشمني تي وئي ۽ انتقام جي باهہ سندن دلين ۾ ڀڙڪڻ لڳي ۽ هنن گڏجي يڪ راءِ تي موسىٰ

عَلَيۡهِ السَّلَامُ جي قتل جو فيصلو ڪيو. اهڙي سازش جو ٻڌي هڪ شخص شهر جي ٻاهرين پاسي
شاهي محل جي ويجهو رهندڙ موسىٰ عَلَيۡهِ السَّلَامُ وٽ ڊوڙندو آيو تہ درٻارين تنهنجي قتل جو
فيصلو ڪري ڇڏيو آهي، ان ڪري تون هتان نڪري هليو وڃ. يقين ڪر تہ مان تنهنجي
خيرخواهہ ماڻهن مان آهيان. ان ڪري موسىٰ عَلَيۡهِ السَّلَامُ اتان نڪري ويو. ان وقت هن بارگاهہ
باري تعالىٰ ۾ دعا گهري تہ منهنجا پروردگار! مون کي هنن ظالمن جي ظلم کان نجات
ڏيار. هن دعا جي قبوليت جي نتيجي ۾ الله تعالىٰ موسىٰ عَلَيۡهِ السَّلَامُ جي اهڙي سڌي رستي
طرف سندس رهنمائي ڪرڻ فرمائي، جنهن ۾ هن جي دنيا توڙي آخرت ٻئي سنورجي ويا.
جتي هو خود بہ هدايت يافتہ ٿيو ۽ ٻين کي هدايت جي رستي تي هلائڻ وارو رهبر ٿي ويو.

وَ لَمَّا تَوَجَّهَ تِلۡقَآءَ مَدۡيَنَ قَالَ عَسٰى رَبِّيۡۤ اَنۡ يَّهۡدِيَنِيۡ سَوَآءَ
السَّبِيۡلِ ﴿۲۲﴾ وَ لَمَّا وَرَدَ مَآءَ مَدۡيَنَ وَجَدَ عَلَيۡهِ اُمَّةً مِّنَ النَّاسِ
يَسۡقُوۡنَ ۬ وَ وَجَدَ مِنۡ دُوۡنِهِمُ امۡرَاَتَيۡنِ تَذُوۡدٰنِ ۚ قَالَ مَا خَطۡبُكُمَا ؕ قَالَتَا
لَا نَسۡقِيۡ حَتّٰى يُصۡدِرَ الرِّعَآءُ ٜ وَ اَبُوۡنَا شَيۡخٌ كَبِيۡرٌ ﴿۲۳﴾ فَسَقٰى لَهُمَا ثُمَّ
تَوَلّٰۤى اِلَى الظِّلِّ فَقَالَ رَبِّ اِنِّيۡ لِمَاۤ اَنۡزَلۡتَ اِلَيَّ مِنۡ خَيۡرٍ فَقِيۡرٌ ﴿۲۴﴾
فَجَآءَتۡهُ اِحۡدٰىهُمَا تَمۡشِيۡ عَلَى اسۡتِحۡيَآءٍ ۫ قَالَتۡ اِنَّ اَبِيۡ يَدۡعُوۡكَ لِيَجۡزِيَكَ
اَجۡرَ مَا سَقَيۡتَ لَنَا ؕ فَلَمَّا جَآءَهٗ وَ قَصَّ عَلَيۡهِ الۡقَصَصَ ۙ قَالَ لَا
تَخَفۡ ٝ نَجَوۡتَ مِنَ الۡقَوۡمِ الظّٰلِمِيۡنَ ﴿۲۵﴾ قَالَتۡ اِحۡدٰىهُمَا يٰۤاَبَتِ
اسۡتَاۡجِرۡهُ ۫ اِنَّ خَيۡرَ مَنِ اسۡتَاۡجَرۡتَ الۡقَوِيُّ الۡاَمِيۡنُ ﴿۲۶﴾ قَالَ اِنِّيۡۤ اُرِيۡدُ
اَنۡ اُنۡكِحَكَ اِحۡدَى ابۡنَتَيَّ هٰتَيۡنِ عَلٰۤى اَنۡ تَاۡجُرَنِيۡ ثَمٰنِيَ حِجَجٍ ۚ فَاِنۡ

اَتْمَمْتَ عَشْرًا فَمِنْ عِنْدِكَ ۚ وَمَآ اُرِيْدُ اَنْ اَشُقَّ عَلَيْكَ ؕ سَتَجِدُنِيْٓ اِنْ
شَآءَ اللّٰهُ مِنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿۲۷﴾ قَالَ ذٰلِكَ بَيْنِيْ وَ بَيْنَكَ ؕ اَيَّمَا الْاَجَلَيْنِ
قَضَيْتُ فَلَا عُدْوَانَ عَلَيَّ ؕ وَاللّٰهُ عَلٰى مَا نَقُوْلُ وَكِيْلٌ ﴿۲۸﴾ ع

ع ۳ / ۷

۽ جڏهن مدين ڏانهن رخ ڪيو تہ (دل ۾) چيائين مون کي اميد آهي تہ
منهنجو رب مون کي سڌي رستي تي رهنمائي ڪندو.(22) ۽ جڏهن مدين جي
پاڻيءَ واري (کوھ) تي پهتو تہ ڏٺائين ماڻهن جو ميڙ جانورن کي پاڻي پياري
رهيو هيو ۽ ڏٺائين انهن جي پر ۾ ٻہ عورتون آهن، جيڪي پنهنجن جانورن
(ٻڪرين) کي روڪي بيٺيون آهن. موسىٰ ؑ کانئن پڇيو تہ توهان ڇو
ٻڪرين کي روڪي رکيو آهي، چيائين جيستائين هي ڌنار (ماڻهو) پنهنجن
جانورن کي پياري واپس وڃن، تيستائين اسان پاڻي پاري نٿيون سگهون.
اسان جو والد ماجد پوڙهو آهي، ان ڪري اسان اچون ٿيون. (23) اهو ٻڌي
موسىٰ ؑ هنن (عورتن) جي ڌڻ کي پاڻي پياري ورتو ۽ پوءِ اتان هٽي هڪ
سائي وٽ آيو ۽ دعا گهري تہ منهنجا پروردگار! هن وقت جيڪو بہ خير مون
تي نازل ڪرين تہ ان جو محتاج آهيان. (24) ايتري ۾ هنن مان هڪ نياڻي
شرم و حيا رکندي هن وٽ آئي ۽ چيائين تہ منهنجي والد محترم اوهان کي
سڏرايو آهي تہ جيئن توکي هن جو ڪجهہ اجورو (عيوضو) ڏئي، جيڪو پاڻي
تو اسان جي ٻڪرين کي پياريو آهي، پوءِ جڏهن موسىٰ ؑ ان (پوڙهي
شخص) وٽ آيو ۽ پنهنجو پورو قصو بيان ڪيائين تہ ان ڪيس چيو تہ هاڻي
ڪو خوف نہ ڪر، تون ظالمن جي چنبي مان نڪري چڪو آهين. (25) هنن ٻن
مان هڪ چيو تہ بابا سائين! هن کي پگهاردار مقرر ڪيو. يقينًا تون جنهن کي
پگهار تي رکين اهو شخص قوي، توانا ۽ ايماندار هجي تہ بهتر آهي.(26) هن

موسىٰ عَلَيْهِ السَّلَامُ کي چيو تہ مان گھران ٿو تہ هنن ٻن نياڻين مان هڪ توکي نڪاح ۾ ڏيان، هن شرط تي تہ اٺ سال مون وٽ اجوري تي ڪم ڪرين، پر جيڪڏهن ڏهہ سال پورا ڪرين تہ اها تنهنجي مرضي آهي، پر مان توکي وڏيڪ مشقت ۾ وجهڻ نٿو گھران. ان شاءَ الله مون کي ڀلو ماڻهو ڏسندين. (27) موسىٰ عَلَيْهِ السَّلَامُ چيو تہ چڱو پنهنجو معاهدو ٿي ويو، مان جهڙي بہ مدت گھران، پوري ڪندس، ان بعد مون تي ٻيو ڪجهہ وڌيڪ نہ هوندو. اسان جيڪو معاهدو ڪيو آهي، الله ان جو گواهہ آهي. (28)

---

جڏهن مصر جي سر زمين موسىٰ عَلَيْهِ السَّلَامُ تي تنگ ٿي وئي ۽ ڪيس جان جو خطرو محسوس ٿيو، جنهن جي وڌيڪ خبر ان خيرخواهہ شخص ڏني، جنهن ڪيس مصر ڇڏي وڃڻ جو مشورو ڏنو، جنهن سبب موسىٰ عَلَيْهِ السَّلَامُ مدين طرف وڃڻ جو ارادو ڪيو. ڇوتہ هي علائقو فرعون جي بادشاهيءَ کان ٻاهر هيو ۽ آباد بہ هيو. اتان جا باشندا حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَامُ جي فرزند مدين جا پيروڪار هئا، جن سان رت جو رشتو بہ آهي. فرعون جي قبضي کان ٻاهر خوشحال ۽ آباد خطو بہ آهي. موسىٰ عَلَيْهِ السَّلَامُ الله تبارڪ و تعالىٰ تي توڪل ڪري مدين طرف روانو ٿيو. ڪيس نہ سواري ميسر هئي ۽ نہ وري خاطر خواهہ زاد راهہ هيو. رستي جو پورو پتو بہ نہ هيو، پر دل ۾ يقين ۽ اطمينان پوري طرح موجزن هيو، الله تعالىٰ ضرور راهہ ڪيندو. پروردگار سندس دعا قبول ڪئي ۽ اهڙي سڌي رستي طرف سندن رهنمائي ڪئي، جتي هن جي دنيا بہ سنورجي وئي تہ آخرت بہ، يعني مدين جي رهائش واري مدت دوران هو هادي بہ بڻجي ويو تہ مهدي بہ ٿي ويو. " ثُمَّ جِئْتَ عَلٰى قَدَرٍ يّٰمُوْسٰى " (طٰهٰ: 40/20) هاڻي تون انهن اندازن، استعداد ۽ صلاحيتن جي تڪميل حاصل ٿيڻ ۾ مڪمل ٿي ويو آهين. شعيب عَلَيْهِ السَّلَامُ جي ڏهہ سالن جي صحبت توکي پرکي پارس ڪري ڇڏيو آهي.

اگر کوئی شعیب آئے میسر
شبانی سے کلیمی دو قدم ہے

جڏهن موسىٰ علیه السلام مدين پهتو ته ڏٺائين ته هڪ پاڻيءَ جي گهاٽ، چشمي يا کوهه تي ماڻهن جو ميڙ آهي، جيڪو پنهنجن جانورن کي پاڻي پياري رهيو آهي، پر ٻه عورتون آهن، جيڪي پنهنجن اجارن ٻڪرين کي پاڻيءَ ڏانهن اچڻ کان روڪي رهيون آهن. حالانڪ ٻڪريون اڃ سبب پاڻي پيئڻ لاءِ تڙپي رهيون آهن. موسىٰ علیه السلام هنن ٻن عورتن (ڀينرن) کان پڇيو ته اوهان ڇو پنهنجي جانورن کي پاڻيءَ کان روڪي رهيون آهيو. هنن چيو ته پلي ڌنارن جو انبوهه پنهنجي جانورن کي پاڻي پياري واپس وڃي ته پوءِ اسان ٻڪرين کي پاڻي پاريندیون سون. اسان جو والد محترم پوڙهو آهي، ان ڪري اسان جانور آندا آهن. موسىٰ علیه السلام کي اها ڳالهه ته طاقت وارن ماڻهن جي بالادستي ۽ ڪمزور ماڻهن جي بي بسي ڏاڍي ڏکي لڳي. ان ڪري هو ان ٻن ڀينرن ڏانهن وڌيو ۽ سندس ٻڪرين کي پاڻي جي هنڌ وٺي آيو ۽ ٻڪرين کي رڄ ڪري پاڻي پياريو. نياڻيون پنهنجون ٻڪريون ڪاهي گهر پهتيون. موسىٰ علیه السلام ٻه ٿڪل ٽٽل ۽ پنڌ جو ماريل هيو، سو ڪجهه آرام لاءِ ويجهو وڻ جي سائي ۾ ويهي رهيو. موسىٰ علیه السلام بارگاهه الاهي ۾ عرض گذارشت ٿيو ته منهنجا رب! مصر ۾ ته ظلم ۽ زيادتي جو راڄ هيو، پر هت ٻه جو ڏاڍو سوگابو آهي. مان تنهنجي رهنمائي ۾ هت پهتو آهيان. هاڻي تنهنجي طرفان خاص عنايت، مهرباني ۽ ڀلائيءَ جو محتاج آهيان. مون لاءِ مناسب حالات پيدا ڪرڻ فرماءِ. هو اڃان پنهنجي رب سان ڪلامي هيو ته ايتري ۾ هن ٻن ڇوڪرين مان هڪ ڇوڪري شرم و حياءَ جي پردي ۾ پاڻ ڏانهن ايندي ڏٺائين. جنهن اچي موسىٰ علیه السلام کي چيو ته منهنجي والد اوهان کي سڏايو آهي ته توکي هن مدد ڪرڻ، جنهن ۾ تو اسان جي ٻڪرين کي پاڻي پياريو آهي، ان جو ڪجهه اجورو ۽ عيوضو ڏئي. جڏهن موسىٰ علیه السلام ان بزرگ شخص سان مليو ۽ حال احوال ڪندي ڪيس فرعون جي ظلمن ۽ زيادتيءَ جو ذڪر ڪيو ۽ اهو انديشو ظاهر ڪيو ته هو منهنجي خون جو پياسو ٿي ويو آهي ۽ مون کي قتل ڪرڻ جو پڪو پختو پروگرام بنايو آهي، ان ڪري مان پنهنجي جان جي حفاظت لاءِ مصر ڇڏي آيو آهيان. بزرگ شخص سندس پوري ڳالهه ٻڌي ڪيس چيو ته هاڻي ڪو فڪر نه ڪر، ڪو ٻه ڊپ ڊاءِ نه ڪر، مدين ۾ تون هن جي ظلمن کان بلڪل محفوظ آهين. ان بزرگ شخص جي نياڻين مان هڪ ڪيس چيو ته بابا! تون ڪمزور ٿي ويو آهين، اسان عورتن لاءِ ماڻهن جي انبوهه ۾ وڃڻ، ٻڪرين سنڀالڻ چارڻ پاڻي پيارڻ مشڪل ٿي ويو آهي. ڪيترو نه ڀلو

ٿئي جيڪڏهن تون هن شخص کي پاڻ وٽ اجوري تي ڪم ڪار لاءِ رکين. اڄ اسان پنهنجن اکين سان ڏٺو تہ پاڻيءَ جي گهاٽ رکيل هڪ ڳرو پٿر، جنهن کي ڏهہ ماڻهو گڏجي هٽائيندا ۽ رکندا هئا. هن هڪڙي شخص ان کي هٽايو ۽ رکيو. هي تندرست توانا طاقتور جوان آهي، حيادار، ديانتدار ۽ با اخلاق بہ ڏسجي ٿو. ملازمن ۾ اهڙيون خوبيون هجڻ لازم آهن، جيڪي سڀ هن ۾ موجود آهن ۽ بلڪل هي اوهان جي خدمت لاءِ موزون شخص آهي. ان بزرگ شخص پنهنجي نياڻي واتان هن اوپري شخص لاءِ اهڙي مثبت ۽ چڱن خيالن کي مد نظر رکندي ۽ پنهنجي مردم شناسي جي حڪمت کي ڪم آڻيندي فيصلو ڪيو تہ موسىٰ ﷺ سان گفتگو ڪئي وڃي ۽ ڪيس اعتماد ۾ ورتو وڃي، جيڪڏهن هو راضي ٿئي تہ پوءِ هڪ نياڻي سان ان جو نڪاح ڪيو وڃي. هن بزرگ شخص پنهنجي ڪمزوري محسوس ڪندي اهڙي قوي طاقتور، ديانت دار ۽ ايماندار کي پاڻ سان گڏ رکڻ لاءِ ڪيس چيو تہ نڪاح بعد اٺ سال توکي مون سان گڏ ڪم ڪار ۾ هٿ ونڊائڻا پوندا ۽ منهنجو سارو ڪاروبار سنڀالڻو پوندو. جيڪڏهن تون خوشيءَ سان مون وٽ ڏهہ سال گذاريندين تہ اهو تنهنجي طرفان پلو عمل هوندو. موسىٰ ﷺ چيو تہ منهنجو اوهان سان وعدو پڪو پختو ٿيو ويو، جيڪڏهن اٺ سال صلح صفائي سان رهيا ۽ ڪا زيادتي نہ ٿي تہ پوءِ مون کي ڏهہ سال رهڻ جو بہ اختيار هوندو. جنهن تي هن پوڙهي مرد چيو تہ باقي رهيو منهنجو سلوڪ ۽ رويو تہ ان شاءَ الله تون مون کي وعدي جو پڪو، نيڪوڪار ۽ سٺو شخص محسوس ڪندين ۽ هميشہ خوش رهندين. موسىٰ ﷺ ڪيس يقين ڏياريو تہ هي معاملو اسان جي درميان پڪو پختو طئي ٿي چڪو آهي، جيڪڏهن حالات سازگار رهيا تہ ڏهہ سال گڏ گذاري سگهان ٿو. مون کي ٻنهي مدتن مان ڪنهن بہ هڪ کي پورو ڪرڻ لازم هوندو. اسان جي درميان ٿيل هن پرخلوص معاهدي تي عمل پيرا ٿيڻ لاءِ ڪوشش ڪبي. الله تبارڪ و تعالىٰ اسان جي هن ساري معاملي جو شاهد آهي.

فَلَمَّا قَضٰى مُوْسَى الْاَجَلَ وَ سَارَ بِاَهْلِهٖۤ اٰنَسَ مِنْ جَانِبِ الطُّوْرِ نَارًا ۚ قَالَ لِاَهْلِهِ امْكُثُوْۤا اِنِّیْۤ اٰنَسْتُ نَارًا لَّعَلِّیْۤ اٰتِیْكُمْ مِّنْهَا بِخَبَرٍ اَوْ جَذْوَةٍ مِّنَ

النَّارِ لَعَلَّكُمْ تَصْطَلُوْنَ ﴿۲۹﴾ فَلَمَّآ اَتٰىهَا نُوْدِيَ مِنْ شَاطِئِ الْوَادِ الْاَيْمَنِ
فِي الْبُقْعَةِ الْمُبٰرَكَةِ مِنَ الشَّجَرَةِ اَنْ يّٰمُوْسٰٓى اِنِّيْٓ اَنَا اللّٰهُ رَبُّ
الْعٰلَمِيْنَ ﴿۳۰﴾ وَ اَنْ اَلْقِ عَصَاكَ ؕ فَلَمَّا رَاٰهَا تَهْتَزُّ كَاَنَّهَا جَآنٌّ وَّلّٰى
مُدْبِرًا وَّ لَمْ يُعَقِّبْ ؕ يٰمُوْسٰٓى اَقْبِلْ وَ لَا تَخَفْ ۫ اِنَّكَ مِنَ الْاٰمِنِيْنَ ﴿۳۱﴾
اُسْلُكْ يَدَكَ فِيْ جَيْبِكَ تَخْرُجْ بَيْضَآءَ مِنْ غَيْرِ سُوْٓءٍ ۫ وَّ اضْمُمْ اِلَيْكَ
جَنَاحَكَ مِنَ الرَّهْبِ فَذٰنِكَ بُرْهَانٰنِ مِنْ رَّبِّكَ اِلٰى فِرْعَوْنَ وَ مَلَا۟ئِهٖ ؕ
اِنَّهُمْ كَانُوْا قَوْمًا فٰسِقِيْنَ ﴿۳۲﴾ قَالَ رَبِّ اِنِّيْ قَتَلْتُ مِنْهُمْ نَفْسًا فَاَخَافُ
اَنْ يَّقْتُلُوْنِ ﴿۳۳﴾ وَ اَخِيْ هٰرُوْنُ هُوَ اَفْصَحُ مِنِّيْ لِسَانًا فَاَرْسِلْهُ مَعِيَ رِدْاً
يُّصَدِّقُنِيْٓ ۫ اِنِّيْٓ اَخَافُ اَنْ يُّكَذِّبُوْنِ ﴿۳۴﴾ قَالَ سَنَشُدُّ عَضُدَكَ
بِاَخِيْكَ وَ نَجْعَلُ لَكُمَا سُلْطٰنًا فَلَا يَصِلُوْنَ اِلَيْكُمَا ۚۛ بِاٰيٰتِنَآ ۚۛ اَنْتُمَا وَ مَنِ
اتَّبَعَكُمَا الْغٰلِبُوْنَ ﴿۳۵﴾

معانقة ۱۱
عند المتاخرين

پوءِ جڏهن موسىٰ عليه السلام وعدي واري مدت پوري ڪئي ۽ پنهنجي اهل سان روانو ٿيو تہ ڪيس طور جبل طرف باهہ نظر آئي. پنهنجي اهليہ کي چيائين تہ اوهان هت ترسو، (مون کي باهہ نظر آئي آهي) ممڪن آهي تہ مان اتان (اڳتي جي) رستي جو پيچي اچان يا (ڪم از ڪم) باهہ جو ٽانڊو ڪڍي اچان تہ اوهان (هن سياري جي ٿڌي رات ۾) هٿ سيڪي وٺو.(29) تہ جڏهن هو اتي پهتو تہ اتي ڪيس ان بابرڪت جڳهہ ۾ هڪ درخت ڪان ندا ڏني وئي، جيڪو واديءَ

جي ساڄي ڪناري طرف هيو تہ اي موسىٰ! مان ئي الله آهيان، جيڪو تمام جهانن جو پروردگار آهيان. (30) (۽ ايئن ڪر) تہ تون پنهنجي عصا (لٺ) زمين تي ڦٽو ڪر تہ هن ڏٺو تہ (اها لٺ) هڪ نانگ جي صورت ۾ لهرائي رهي آهي تہ هو منهن ڦيري پنتي هليو ويو ۽ پوئتي منهن ڪري ڏسڻ بہ نہ گهريو. (الله عزو جل طرفان اواز آيو) اي موسىٰ! اڳتي اچ ۽ ڪوبہ خوف خطرو نہ ڪر توکي هر طرف امن حاصل آهي. (31) پنهنجو هٿ پنهنجي گريبان ۾ وجهہ تہ اهو ٻاهر نڪرندو تہ سفيد چمڪندڙ هوندو، ڪنهن بيماري سبب نہ هوندو (پر الله طرفان معجزي طور) ۽ پنهنجا بازو (خوف وقت) پنهنجي پاسي ۾ (بغل طرف) لڳائي رکو (تہ خوف دور ٿي ويندو) هي بہ معجزا آهن، جيڪي فرعون ۽ انهن جي سردارن لاءِ تنهنجي رب طرفان توکي ڏنا ويا آهن. (32) موسىٰ ﷺ چيو تہ منهنجا رب! منهنجي هٿان هنن جو هڪ ماڻهو قتل ٿي ويو هيو، مون کي انديشو آهي تہ هو مون کي قتل ڪري ڇڏيندا. (33) ۽ منهنجو ڀاءُ هارون ﷺ مون کان وڌيڪ فصيح زبان وارو آهي، تون هن کي منهجو مددگار ڪري موڪل تہ هو منهنجي (هر قول) جي تصديق ڪري. (34) الله عزو جل فرمايو اسان تنهنجا بازو تنهنجي ڀاءُ سان مضبوط ڪرڻ گهرون ٿا ۽ اسان اوهان ٻنهي کي اهڙو غلبو ۽ رعب عطا ڪنداسون تہ جيئن دشمن اوهان خلاف ڪا ڪارروائي نہ ڪري سگهن ۽ هو اوهان جو ڪجهہ بہ بگاڙي نہ سگهندا، اسان جي نشانين (معجزن) جي ڪري توهان ٻئي (ڀائر) ۽ توهان جا پيروڪار سڀ جا سڀ غالب رهندا. (35)

موسىٰ ﷺ حضرت شعيب ﷺ جي صحبت ۾ رهڻ ڪري سندس خداداد صلاحيتون پختہ ٿي ويون. الله طرفان ڪيس مدين کان مصر ورڻ جي خواهش پيدا ٿي. جتي ڪيس پنهنجن قريبي عزيزن، دوستن، رشتيدار ۽ برادريءَ جي ماڻهن جي ياد اچڻ

لڳي. اٺ - ڏهہ سال مصر کان ٻاهر رهڻ ڪري سمجهڻ لڳو تہ هاڻي حالات سازگار ٿي ويا هوندا، سو انهن سمورن سببن جي ڪري آخرڪار پنهنجي گهر واريءَ سان مدين ڇڏي مصر وڃڻ جو سفر شروع ڪيو تہ رستي ۾ رات جي وقت طور جبل طرف باهہ جا شعلا ڏٺائين. رات جو وقت هيو، ٿڌ بہ ڏاڍي هئي، سو هن پنهنجي اهل کي چيو تہ تون هت آرام ڪر، مون پهاڙ طرف باهہ جا شعلا ڏٺا آهن، مان اتي وڃان ٿو تہ ڪنهن ماڻهوءَ کان پنهنجي رستي جو صحيح پتو پڇي اچان تہ جيئن اڳتي جو سفر مونجهاري جو سبب نہ ٿئي، پر جيڪڏهن اهڙي خبر نہ بہ ملي تہ ڪم از ڪم مان ڪجهہ ٽانڊو پاڻ سان ڪٺي اچان ۽ هن ٿڌ کان بچڻ لاءِ هٿ سيڪي وٺون ۽ رات آرام سان گذاري سگهون. پوءِ جڏهن موسىٰ عليه السلام ان هنڌ پهتو تہ کيس واديءَ جي ساڄي طرف کان با برڪت زمين جي هڪ درخت مان آواز آيو تہ اي موسىٰ! هي آواز تنهنجي خدا ذوالجلال جي طرفان اچي رهيو آهي، جيڪو تمام جهانن جو پروردگار آهي. سورة النمل: 9/27 ۾ ”إِنَّهُ أَنَا اللَّهُ الْعَزِيزُ الْحَكِيمُ“ ۽ ”إِنِّي أَنَا اللَّهُ رَبُّ الْعَالَمِينَ“ آيو آهي. هي آواز ڪهڙو هيو، امام قرطبي رحمه الله جو قول آهي تہ ”الله تبارڪ و تعالىٰ جڏهن صاحب دل ۽ اهل حق کي پنهنجي هم ڪلامي جو شرف بخشيندو آهي تہ ان کي اهڙي بلند مرتبي تي فائز ڪندو آهي تہ اهو ڪلامِ الاهي الفاظ حروف يا آواز جي پابنديءَ کان آزاد ٿي ادراڪ ڪري ٿو. هاڻي موسىٰ عليه السلام کي حڪم ٿيو تہ اها ڇڙي يا لٺ جيڪا تنهنجي هٿ ۾ آهي ان کي زمين تي ڦٽو ڪر، جڏهن هن ائين ڪيو ۽ لٺ کي زمين تي ڦٽو ڪيائين تہ اها ائين لهر هڻڻ ۽ حرڪت ڪرڻ لڳي، جيئن ڪو وڏو نانگ ڦڻ ڪڍي لهرائيندو آهي. موسىٰ عليه السلام اچانڪ اهو منظر ڏسي خوف زده ٿي ويو ۽ پٺتي هٽڻ لڳو ۽ پٺتي مڙي بہ نہ ڏٺائين، جنهن تي کيس الله ذوالجلال پاران آواز آيو تہ موسىٰ اڳتي اچ، ڪنهن بہ شيءِ جو ڊپ ڊاءُ نہ ڪر، توکي ڪجهہ بہ نہ ٿيندو، تون بلڪل امن ۽ سلامتي سان هوندين. جڏهن الله تعالىٰ طرفان موسىٰ عليه السلام کي اهڙي تسلي ملي تہ سندس سارو خوف ختم ٿي ويو ۽ کيس معلوم ٿي ويو تہ هي الله طرفان ان کي معجزو ڏنو ويو آهي. هن جو وڌيڪ تفصيل سورة النمل: 7/27 کان 12) ۾ اچي چڪو آهي. حضرت موسىٰ عليه السلام کي پهريون معجزو عصا عطا ڪئي وئي هئي، جيڪا الله تعالىٰ جي اذن سان زمين تي موسىٰ عليه السلام طرفان ڦٽو ڪرڻ

تي ڦڻ دار نانگ لهرون هڻي رهيو هيو، هاڻي بئي معجزي جو ذڪر آهي. پنهنجي هٿ پنهنجي گريبان ۾ وجهڻ سان اهو ڪنهن خرابي يا بيماري جي ڪري نه، پر الله تعالىٰ جي اذن ۽ قدرت سان چمڪندو نڪرندو، جيئن بلڪل سفيد چٽي شيءِ هجي. نانگ جهڙي معجزي سبب جيڪڏهن دل ۾ ڊپ پيدا ٿئي ته پنهنجو بغل ۾ هٿ وجهه ته خوف ختم ٿي ويندو. استقامت ۽ اطمينان اچي ويندو. هنن ٻن معجزن سان توکي مسلح ڪري فرعون ۽ ان جي سردارن ڏانهن موڪليو وڃي ٿو. اهي خدا جي بندگي ۽ اطاعت کان منهن موڙي چڪا آهن. فسق و فجور، ظلم و زيادتيءَ سان غريب عوام لاءِ آزار بڻجي چڪا آهن. تون هنن وٽ وڃي کين ڪفر، شرڪ ۽ سرڪشيءَ واري عمل کان منع ڪري. هي ٻه معجزا تنهنجي سچائيءَ جو وڏو دليل ۽ فرعون خلاف مؤثر هٿيار آهن. ممڪن آهي ته هدايت جي راهه تي اچي وڃي.

حضرت موسىٰ ﷺ عرض ڪيو ته اي منهنجا رب! توکي معلوم آهي ته هنن جو هڪ قبطي شخص منهنجي هٿان غير ارادي طور قتل ٿي ويو آهي. اي منهنجا رب تنهنجي رحيم ڪريم بارگاهه ۾ ته مون قتل خطا جي بخشش جي دعا گهري آهي تون ته دلين جا راز ڄاڻين ٿو ۽ منهنجي هن فعل سرزد ٿي وڃڻ جي اصل حقيقت توکي معلوم آهي، پر فرعون وارا مون کي ناحق قتل ڪرڻ گهرن ٿا. منهنجو ڪوبه عذر ۽ دليل ٻڌڻ لاءِ تيار نه آهن. هن راهه ۾ مون لاءِ اها مشڪلات موجود آهي. موسىٰ ﷺ وڌيڪ عرض گذار ٿيندي چيو ته منهنجا رب! منهنجي مقابل ۾ منهنجو ڀاءُ هارون وڌيڪ فصيح ۽ بليغ آهي. پنهنجي مدعا بيان تائين پهچائڻ جو ماهر آهي. منهنجي زبان ۾ هن جيتري رواني نه آهي. هن جو مون سان گڏ هجڻ ان لاءِ به ضروري آهي ته مان پنهنجي رب جو جيڪو به حڪم آهي، هو انهن تائين پهچايان ته هارون ﷺ منهنجي قول جي تصديق ڪري ۽ ضرورت وقت وضاحت ڪري. ٻڌندڙ ۽ ناقدين جا منهن بند ڪري. مون کي معلوم آهي ته فرعون وارا منهنجي نصيحت قبول نه ڪندا ۽ هو منهنجي تڪذيب ڪندا ۽ ايذاءُ پهچائيندا، اهڙي نازڪ وقت تي هارون ﷺ جو منهنجي تائيد ڪرڻ سان تبليغ ڪي هٿي ملي ويندي ۽ اسان وڌيڪ حوصلي ۽ همت سان اڳتي وڌندا رهنداسون. مهربان مولا ڪريم کيس چيو ته تون ذرا به نه گهٻراءِ، مان تنهنجي اها درخواست قبول ڪندي

هارون ﷺ کي تنهنجو ساٿي ڪيان ٿو تہ جيئن هو تنهنجي قوت ٻڌجي وجي ۽ مان
توهان ٻنهي کي اهڙو بُرهان ۽ علم عطا ڪريان تہ جيئن هنن جو هٿ اوهان ڏانهن نہ
ڪڄي. توهان کي جيڪا ذميداري ڏني وئي آهي، ان کي توهان هنن نامرادن ڏانهن کڻي
وڃو. اي موسیٰ ﷺ! يقين ڪر تہ تون تنهنجي ڀاءُ ۽ توهان جي اتباع ۽ پيروي ڪرڻ
وارا فرعون تي ضرور غالب ٿيندا ۽ توهان کي ڪو ايذاءُ نہ پهچندو. (**الاعراف:** 7/108-
107، **طٰهٰ:** 20/24-17، **الشعراء:** 26/33-32، **النمل:** 27/12-10، **المائده:** 5/67، **الاحزاب:** 33/39،
**المجادله:** 58/21، **المؤمن:** 40/52-51) **هر هنڌ هر مشڪل ۾ مان (الله عزو جل) اوهان سان**
**ساٿ ۾ آهيان.**

فَلَمَّا جَآءَهُمْ مُّوْسٰى بِاٰيٰتِنَا بَيِّنٰتٍ قَالُوْا مَا هٰذَآ اِلَّا سِحْرٌ مُّفْتَرًى وَّ مَا
سَمِعْنَا بِهٰذَا فِيْٓ اٰبَآئِنَا الْاَوَّلِيْنَ ﴿۳۶﴾ وَ قَالَ مُوْسٰى رَبِّيْٓ اَعْلَمُ بِمَنْ جَآءَ
بِالْهُدٰى مِنْ عِنْدِهٖ وَ مَنْ تَكُوْنُ لَهٗ عَاقِبَةُ الدَّارِ ؕ اِنَّهٗ لَا يُفْلِحُ
الظّٰلِمُوْنَ ﴿۳۷﴾ وَ قَالَ فِرْعَوْنُ يٰٓاَيُّهَا الْمَلَاُ مَا عَلِمْتُ لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ
غَيْرِيْ ۚ فَاَوْقِدْ لِيْ يٰهَامٰنُ عَلَى الطِّيْنِ فَاجْعَلْ لِّيْ صَرْحًا لَّعَلِّيْٓ اَطَّلِعُ
اِلٰٓى اِلٰهِ مُوْسٰى ۙ وَ اِنِّيْ لَاَظُنُّهٗ مِنَ الْكٰذِبِيْنَ ﴿۳۸﴾ وَ اسْتَكْبَرَ هُوَ وَ جُنُوْدُهٗ
فِي الْاَرْضِ بِغَيْرِ الْحَقِّ وَ ظَنُّوْٓا اَنَّهُمْ اِلَيْنَا لَا يُرْجَعُوْنَ ﴿۳۹﴾ فَاَخَذْنٰهُ
وَ جُنُوْدَهٗ فَنَبَذْنٰهُمْ فِي الْيَمِّ ۚ فَانْظُرْ كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الظّٰلِمِيْنَ ﴿۴۰﴾
وَ جَعَلْنٰهُمْ اَئِمَّةً يَّدْعُوْنَ اِلَى النَّارِ ۚ وَ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ لَا يُنْصَرُوْنَ ﴿۴۱﴾ وَ
اَتْبَعْنٰهُمْ فِيْ هٰذِهِ الدُّنْيَا لَعْنَةً ۚ وَ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ هُمْ مِّنَ الْمَقْبُوْحِيْنَ ﴿۴۲﴾ ع ۴ ۱۴ ۷

پوءِ جڏهن موسىٰ ﷺ هنن وٽ اسان جون روشن نشانيون کڻي پهتو، هنن چيو ته هي ڪجهه به ناهي هي هڪ اهڙو جادو آهي، جو هي هن پاڻ گهڙي ورتو آهي. اسان اهڙي ڳالهه پنهنجن ابن ڏاڏن کان ڪڏهن نه ٻڌي آهي.(36) ۽ موسىٰ ﷺ چيو ته منهنجو پروردگار ان شخص کي چڱي طرح ڄاڻي سڃاڻي ٿو، جيڪو هن طرفان حق کڻي آيو آهي ۽ جنهن جي لاءِ عاقبت (آخرت) جو گهر (بهشت) آهي، بيشڪ ظالم ماڻهو نجات حاصل نه ڪري سگهندا. (37) فرعون پنهنجن درٻارين کي چيو ته مان پاڻ کانسواءِ توهان لاءِ ڪو معبود نٿو سڃاڻان، اي هامان! ڪجهه مٽيءَ مان سرون ناهي بڻي (ڪوري) ۾ پچائي، مون لاءِ هڪ بلند محل تيار ڪر ته اتان (موسىٰ واري) خدا کي جهانڪي ڏسان. مان ته هن کي اڳيئي ڪوڙو سمجهي رهيو آهيان. (38) هن ۽ هن جي لشڪرين زمين تي ناحق تڪبر ڪيو ۽ هنن سمجهيو ته ڪين اسان ڏانهن موٽايو نه ويندو پوءِ اسان هن (فرعون) کي ۽ سندس لشڪر کي پڪڙي ورتو ۽ سمنڊ ۾ غرق ڪري ڇڏيو، پوءِ توهان ڏسو (غور ڪيو) ته ظالمن جو ڪهڙو انجام هوندو آهي.(40) اسان هنن کي (مهلت ڏني) ۽ هو جهنم ڏانهن سڏيندڙ گروهه جا پيشوا (اڳواڻ) آهن يا ماڻهن کي جهنم ڏانهن وٺي وڃڻ وارا اڳواڻ آهن ۽ قيامت جي ڏينهن هنن جي ڪا به مدد نه ڪئي ويندي. (41) اسان هن دنيا ۾ به هنن تي لعنت ڪري ڇڏي آهي ۽ اها لعنت هن دنيا جي پڄاڻيءَ تائين هنن جو پيڇو ڪندي رهندي ۽ قيامت جي ڏينهن هو نهايت بري حال وارن مان هوندا.(42)

---

جڏهن موسىٰ ﷺ کي الله تعالىٰ طرفان تسلي ڏني وئي ته تون بنا ڊپ ڊاءَ ۽ خوف خطري جي هي به معجزا جيڪي الله طرفان نشاني طور آهن، هنن تائين پهچائي ڇڏي، ڪاميابي ۽ غلبو اوهان کي نصيب ٿيندو. پوءِ جڏهن موسىٰ ﷺ هنن جي آڏو الله

عزو جل جون نشانيون پيش ڪيون ۽ ڪين شرڪ، ڪفر ۽ بداعمالن ڪان روڪيو (الحجر: 88/15) ته هنن چيو ته هي ڪجهه به نه آهي، معجزا يا نشانيون نه آهن. اسان پنهنجن ابن ڏاڏن ڪان ڪڏهن به اهڙي ڳالهه نه ٻڌي آهي ته هو (الله تعالىٰ) ڪنهن انسان کي پنهنجو نمائندو ڪري موڪلي ۽ هو ماڻهن ڪان پنهنجي اطاعت ۽ تابعداري جو مطالبو ڪري (ص: 5/38) ۽ جيڪو سندس نصيحت قبول نه ڪري ته اهو جهنم پيڙو ٿيندو. اسان جي وڏڙن جي زماني ۾ به ڪا اهڙي شيءِ نمودار نه ٿي هئي ته پوءِ هينئر ڪو انسان نبي ڪيئن ٿي سگهندو ۽ ان طرفان پيش ڪيل نشانيون الله تعالىٰ جون نٿيون ٿي سگهن. ان ڪري اسان انهن کي مڃڻ لاءِ تيار نه آهيون. موسىٰ ﷺ ڪين چيو ته توهان جو اهو چوڻ ته اهڙي ڪا ڳالهه اسان پنهنجن ابن ڏاڏن کان نه ٻڌي آهي ته ان کي صحيح سند ۽ دليل سمجهي اوهان چئو ته مون جو ڪجهه اوهان اڳڌو پيش ڪيو آهي، اهو سڀ ڪوڙ آهي، درست ناهي، هڪ خيالي گمان سان حق ۽ حقيقت جو انڪار ڪري نٿو سگهجي. توهان جو ٻيو اهو اعتراض آهي ته هي ڳالهيون مان پنهنجي طرفان گهڙي پيش ڪيان ٿو ۽ انهن کي الله عزو جل ڏانهن منسوب ڪيان ٿو ته هي ان جي طرفان نازل ٿيل آهن. اوهان پنهنجي هوش حواس، عقل ۽ علم مطابق هنن ڳالهين جو غور سان جائزو وٺو ۽ پرکي ڏسوته اهي ڪيئن آهن، اوهان تي پورو پورو راز کلي پوندو، جيڪڏهن اوهان تعصب، هٺ ۽ دشمنيءَ جو مظاهرو نه ڪندا. باقي مان جو ڪجهه پنهنجي پروردگار ڏانهن منسوب ڪيان ٿو، ان بابت منهنجو پروردگار خوب ڄاڻي ٿو ۽ هن کي اهو به معلوم آهي ته آخرڪار ڪاميابي ڪنهن جي هوندي.

الله تعالىٰ جو هي اٽل قانون آهي ته جيڪو ماڻهو به هن جي نشانين ۽ حڪمن ڪان سرڪشي ڪندو، منهن موڙيندو يا هن طرف هٺ نوڪيل ڳالهيون منسوب ڪندو ته هي الله عزو جل جي طرفان آهي ته اهڙو ظالم ڪڏهن به ڪامياب نه ٿي سگهندو. مشرڪ ظالم آهن. ”ظلم“ جي معنىٰ آهي: ”وَضْعُ الشَّيْءِ فِيْ غَيْرِ مَوْضِعِهٖ“ يعني ڪنهن شيءِ کي پنهنجي اصل مقام ڪان هٽائي ٻئي هنڌ رکڻ. مشرڪ به الوهيت ۽ معبوديت کي اهڙن ماڻهن ڏانهن منسوب ڪندا آهن، جنهن جا هو اهل نه آهن، يعني الله کي الوهيت ۽ معبوديت ڪان هٽائي اهو منصب بتن کي ڏين ٿا، ڪافر ته الله تعالىٰ جو انڪار ڪن ٿا ۽ رب العزت ذوالجلال جي اعلىٰ مقام ڪان آشنا ئي ناهن. پر فرعون پنهنجي بڪواس

دهرائيندو رهيو تہ جيئن موسیٰ عليه السلام جي توحيد واري پيغام جنهن ۾ ”اطاعت، عبادت، الوهيت ۽ معبوديت رڳو هڪ الله تعالىٰ لاءِ آهي ۽ ٻيو ڪير بہ انهيءَ لائق ناهي“ واري تبليغ جي تاثير ڪي مٽائي سگهي ۽ پاڻ ڪي الله جو درجو ڏئي، ماڻهن تي حڪومت ڪندو رهي. ان ڪري هن پنهنجن درٻارين کي سڏي چيو تہ موسیٰ عليه السلام رڳو مذهب جي ڳالهہ نٿو ڪري، پر هو نهايت گهري سياست ڪري رهيو آهي. هو اختيار، اقتدار، سرداري ۽ حاڪميت سڀ هڪ خدا لاءِ چوي ٿو، جنهن ۾ ڪو بہ ٻيو شريڪ ناهي. زمين آسمانن جي نظام جو اڪيلو مختيار حاڪم آهي. پر ياد رکو تہ منهنجي هن ملڪيت (بادشاهي) ۾ توهان لاءِ مون کان سواءِ ڪنهن جو اختيار نہ آهي. هت رڳو منهنجو اقتدار آهي ۽ منهنجو حڪم هلي ٿو ۽ مون کي معبود سمجهيو وڃي ٿو. ان بعد هن مذاق طور هامان کي چيو تہ باهہ (بٺيءَ) ۾ مٽيءَ مان نهيل سرون پچائي، ان مان بلند محل تيار ڪري ڏي تہ مان ان تي چڙهي وڃي موسیٰ عليه السلام جي الله تعالىٰ جي خبر لهان. هي تہ مون ائين موسیٰ عليه السلام جي نقلي دعوىٰ جو مذاق طور چيو آهي، باقي توهان کي چڱي طرح معلوم آهي تہ مان هن کي ڪوڙو سمجهان ٿو، ان ڪري هن کي ڪو نہ ٿو مڃان. (المؤمن: 40/37-36)

بهرحال فرعون موسیٰ عليه السلام جي ڪنهن بہ قول کي توجه لائق نہ سمجهيو ۽ ان تي عمل ڪرڻ ۽ پنهنجي اصلاح ڪرڻ بدران پاڻ پنهنجي لشڪر سميت ظلم و استبداد جي روش کي قائم رکي. هو ماڻهو قوت جي نشي ۾ اهڙا تہ بدمست ٿي ويا هئا جو ڪڏهن بہ هنن جي دلين ۾ اهو خيال نہ آيو تہ هڪ ڏينهن هنن کان سندن اعمال نامن جي باز پرس ڪئي ويندي. حالانڪ هنن جو هر قدم اسان جي قانون مڪافات ڏانهن وڌي رهيو هيو. جنهن جي گرفت نهايت سخت هوندي آهي. هنن غرور، سرڪشي ۽ تڪبر ڪيو، جيڪو شيطاني عمل آهي. ڪبريائي ۽ عظمت تہ رڳو الله جل شانه کي زيبا آهي، حديث قدسي ۾ آهي: ”اَلْكِبْرِيَآءُ رِدَائِيْ وَالْعَظَمَةُ اِزَارِيْ فَمَنْ نَّازَعَنِيْ فِيْ اَحَدٍ مِّنْهُمَا قَذَفْتُهٗ فِي النَّارِ“ يعني تڪبر، عظمت ۽ ڪبريائي منهنجي خصوصي صفت آهي، جو بہ ان ۾ شريڪ ٿيڻ واري ڪندو، ان جي مان چيلهہ ڀڃي ڪري ڇڏيندس ۽ هن کي دوزخ جي باهہ ۾ اڇلائيندس. فرعون ۽ ان جا لشڪري جڏهن غرور ۽ تڪبر جون سڀ حدون پار ڪري ويا ۽ پاڻ کي احتساب کان آجو سمجهڻ لڳا ۽ سمجهڻ لڳا تہ هو ڪنهن آڏو بہ

جوابده نہ آهن. ڪين هدايت ۽ رهنمائيءَ جا موقعا بہ ڏنا ويا ۽ سڌرڻ لاءِ مهلت جو وقت بہ ڏنو ويو ۽ اتمامِ حجت بعد الله جو قانون مڪافات حرڪت ۾ آيو ۽ اسان هنن کي پنهنجي پڪڙ ۾ ورتو ۽ ڪين سمنڊ ۾ اجلائي غرب آب ڪيو. (الشعراء: 26/64-67-119-120) هاڻي تون پاڻ غور ڪر ۽ ڏس تہ ضدي ظالمن جو انجام ڪهڙو ٿئي ٿو. اسان هنن کي انهن سمورن ماڻهن جو اڳواڻ ۽ قائد ڪيو، جيڪي انسانيت کي تباهي ۽ بربادي جي جهنم واري حيات طرف سڏيندا رهن ٿا ۽ آخرت ۾ بہ اهي هميشہ لاءِ جهنم ۾ ذلت ۽ خواري جا شب و روز گذاريندا. هي دنيا ۾ اهي برا نتيجا ڏسندا ۽ آخرت ۾ بہ انهن جو نڪاڻو جهنم جي پڙڪندڙ باهہ هوندي. هن دنياوي زندگي ۾ بہ هنن لاءِ محرميون سندن پيڇو ڪنديون رهنديون، توڙي ڪٿي هو عارضي طور وقتي مفاد حاصل ڪري وٺندا آهن، پر آخرڪار هو زندگيءَ جي حقيقي خوشگوار بهارن کان محروم ٿي ويندا آهن. قيامت ۾ بہ ڪين جنت جي شادابين، راحتن ۽ عيش و عشرتن کان محروم رکيو ويندو ۽ جهنم ۾ ذلت ۽ خواري واري زندگي بسر ڪندا. يعني سياهہ چهرا، نيليون اکيون، پيئڻ جو ٽهڪندڙ پاڻي، خون آلوده غذا ۽ ڪل ساڙيندڙ باهہ سندن مهمان هوندي.

وَ لَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ مِنْۢ بَعْدِ مَآ اَهْلَكْنَا الْقُرُوْنَ الْاُوْلٰى بَصَآئِرَ
لِلنَّاسِ وَ هُدًى وَّ رَحْمَةً لَّعَلَّهُمْ يَتَذَكَّرُوْنَ ۝۴۳ وَ مَا كُنْتَ بِجَانِبِ
الْغَرْبِيِّ اِذْ قَضَيْنَآ اِلٰى مُوْسَى الْاَمْرَ وَ مَا كُنْتَ مِنَ الشّٰهِدِيْنَ ۝۴۴ وَ
لٰكِنَّآ اَنْشَاْنَا قُرُوْنًا فَتَطَاوَلَ عَلَيْهِمُ الْعُمُرُ ۚ وَ مَا كُنْتَ ثَاوِيًا فِيْٓ اَهْلِ
مَدْيَنَ تَتْلُوْا عَلَيْهِمْ اٰيٰتِنَا ۙ وَ لٰكِنَّا كُنَّا مُرْسِلِيْنَ ۝۴۵ وَ مَا كُنْتَ
بِجَانِبِ الطُّوْرِ اِذْ نَادَيْنَا وَ لٰكِنْ رَّحْمَةً مِّنْ رَّبِّكَ لِتُنْذِرَ قَوْمًا مَّآ
اَتٰىهُمْ مِّنْ نَّذِيْرٍ مِّنْ قَبْلِكَ لَعَلَّهُمْ يَتَذَكَّرُوْنَ ۝۴۶ وَ لَوْ لَآ اَنْ

تُصِيْبَهُمْ مُّصِيْبَةٌۢ بِمَا قَدَّمَتْ اَيْدِيْهِمْ فَيَقُوْلُوْا رَبَّنَا لَوْ لَاۤ اَرْسَلْتَ
اِلَيْنَا رَسُوْلًا فَنَتَّبِعَ اٰيٰتِكَ وَ نَكُوْنَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٤٧﴾ فَلَمَّا جَآءَهُمُ
الْحَقُّ مِنْ عِنْدِنَا قَالُوْا لَوْ لَاۤ اُوْتِيَ مِثْلَ مَاۤ اُوْتِيَ مُوْسٰى ؕ اَوَ لَمْ يَكْفُرُوْا
بِمَاۤ اُوْتِيَ مُوْسٰى مِنْ قَبْلُ ۚ قَالُوْا سِحْرٰنِ تَظٰهَرَا ۫ وَ قَالُوْۤا اِنَّا بِكُلٍّ
كٰفِرُوْنَ ﴿٤٨﴾ قُلْ فَاْتُوْا بِكِتٰبٍ مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ هُوَ اَهْدٰى مِنْهُمَاۤ اَتَّبِعْهُ
اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿٤٩﴾ فَاِنْ لَّمْ يَسْتَجِيْبُوْا لَكَ فَاعْلَمْ اَنَّمَا يَتَّبِعُوْنَ
اَهْوَآءَهُمْ ؕ وَ مَنْ اَضَلُّ مِمَّنِ اتَّبَعَ هَوٰىهُ بِغَيْرِ هُدًى مِّنَ اللّٰهِ ؕ اِنَّ
اللّٰهَ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٥٠﴾ ع ٥ ٨

گذشته کيترن ئي قومن کي هلاڪ ڪرڻ بعد اسان موسیٰ عليه السلام کي ڪتاب (توريت) عطا ڪيو. هي ڪتاب ماڻهن جون اکيون کولڻ (بصيرت) لاءِ هيو، هدايت ۽ رحمت هيو ته جيئن (ماڻهو) ان مان نصيحت حاصل ڪري سگهن. (43) اسان جڏهن موسیٰ عليه السلام کي پنهنجي هن فيصلي کان آگاهه ڪيو ته اي پيغمبر خاتم النبيين صلي الله عليه وآله وسلم! تون ان وقت طور جي مغربي طرف موجود هئين ۽ نه وري ان واقعي کي ڏسندڙن ۾ شامل هئين. (44) ليڪن موسیٰ عليه السلام کان پوءِ اسان تمام گهڻا نسل پيدا ڪيا، جن تي وڏو عرصو گذري ويو ۽ نه تون مدين جي باشندن (رهواسين) مان هئين جو انهن کي اسان جون آيتون پڙهي ٻڌائين ها. ها، اسان ئي پيغمبر مبعوث ڪرڻ وارا آهيون (جنهن ۾ توکي به رسول ڪري موڪليو آهي). (45) ۽ نه تون ان وقت موجود هئين، جڏهن اسان طور طرف

موسىٰ ﷤ کي آواز ڏنو، پر توکي رسول کري موڪلڻ تنهنجي رب جي رحمت آهي ته جيئن تون انهن ماڻهن کي هدايت کرين جن وٽ تو کان اڳ کو به هادي (هدايت کندڙ) نه آيو آهي ته جيئن هو نصيحت حاصل کري سگهن. (46) اهو ان کري، جو جڏهن هنن تي کا مصيبت اچي کڙکي ته هو ائين چون ته اسان جا رب! تو اسان ڏانهن پنهنجو رسول چو نه موکليو ته اسان تنهنجي آيتن جي پيروي کريون ها ۽ ايمان آڻڻ وارن مان هجون ها. (47) پر جڏهن اسان طرفان هنن ڏانهن حق اچي ويو ته هنن چيو ته جيکو کجهه موسىٰ ﷤ کي مليو هيو، اهو هن پيغمبر کي چو نه ڏنو ويو. چا هنن کان اڳ جو موسىٰ ﷤ کي عطا کيو ويو ان جو هي انکار نه کري چکا آهن؟ هنن چيو ته توريت ۽ قرآن اهي ٻئي جادو آهن، جيکي هک ٻئي جا مددگار آهن يا ٻئي ڀائر موسىٰ ۽ هارون ﷤ جادوگر آهن ۽ هک ٻئي جا حمايتي آهن. ٻئي هک ٻئي جي موافق آهن. هنن چيو ته اسان هنن مان کنهن کي کو نه ٿا مڃون. (48) پوءِ هنن کي چئو ته آسمان مان کو بيو لاهي اچو، جيکو هنن ٻنهي کان وڌيک هدايت بخشڻ وارو هجي ته پوءِ مان ان کتاب جي پيروي کري وٺندس، بشرطيک اوهان پنهنجي دعوىٰ ۾ سچا آهيو. (49) پوءِ به جيکڏهن هو تنهنجي ڳالهه قبول نٿا کن ته پوءِ سمجهي وٺ ته هو رڳو پنهنجن خواهشن جا پيروکار آهن. ڀلا ان کان وڌيک بيو کير گمراهه هوندو، جيکي خدا پاران کنهن به هدايت جي باوجود هو پنهنجي خواهش جا پوءِ لڳ آهن، هن طرح جي ظالمن کي الله تعالىٰ کڏهن به سڌي راهه طرف رهنمائي نٿو کري. (50)

انساني تاريخ ۾ هي پهرين قوم ناهي، جيکا پنهنجي ظلم ۽ ستم نشيني ۽ فساد سبب تباهه ٿي آهي. هن کان اڳ کيترين ئي قومون هيون، جن الله عزو جل ۽ ان

جي رسولن سڳورن جي اطاعت تہ نہ ڪئي، پر مخالفت ۾ ڪين هر طرح جون اذيتون ۽ تڪليفون ڏيندا رهيا. خدا جي وحي جو صاف انڪار ڪيو. هدايت ۽ نصيحت کي ڇڏي ضلالت ۽ ذلت جي راهہ اختيار ڪئي. ان ڪري تباهہ ۽ برباد ٿي ويا. ان کان پوءِ موسىٰ عليه السلام کي فرعون ڏانهن موڪليو ويو، فرعون پنهنجي وقت جو نهايت مغرور، سرڪش متڪبر ۽ ظالم حڪمران هيو، جنهن پاڻ کي معبود جو درجو ڏنو، ماڻهن کي سندس معبوديت ۽ اطاعت جو چيو. هن جي سڌاري ۽ اصلاح لاءِ اسان موسىٰ عليه السلام کي اهڙو تہ قانونِ حيات ڏنو هيو، جنهن ۾ ماڻهن جي هدايت، انفرادي ۽ قومي ارتقاءَ جو سامان موجود هيو. نهايت واضح ۽ روشن دليلن جو مجموعو هيو. هن ڪتاب جي نازل ڪرڻ جو اهو مقصد تہ ماڻهو ان تي غور فڪر ڪري ان جي تعليمات ۽ هدايت جي روشنيءَ ۾ صحيح راهہ تي هلي، مقصدِ حيات حاصل ڪن ۽ اهڙي طرح هنن جي پوشيده خداداد صلاحيتون ۽ نشو نما جاري رهي. اهي آيتون بصيرت، هدايت ۽ رحمت جو ڪارڻ بڻجي هنن جي نصيحت جو ذريعو بڻجي وڃن، جنهن سان هو حق کي سڃاڻي وڃن ۽ ان کي اختيار ڪري الله تعالىٰ جي رضا ۽ خوشنودي حاصل ڪن.

اي نبي محترم خاتم النبيين ﷺ! هنن ڪافرن کي تون ڪئي سؤ سال گذريل ماضي جون موسىٰ عليه السلام بابت خبرون ڏئي رهيو آهين، اهي خود ٻڌائي رهيون آهن تہ توکي انهن جي معلومات وحيءَ ذريعي الله تعالىٰ طرفان ڏني وئي آهي. تون اهي حقيقتون اهڙي طرح تہ صحيح صحيح ٻڌائين ٿو، گويا تون پنهنجي اکين سان اهو منظر ڏٺو آهي ۽ تون ان جو اکين ڏٺو شاهد آهين. (آل عمران: 43/3، هود: 49/11 ۽ 100، يوسف: 102/12، طٰهٰ: 99/20) حالانڪ هر هڪ کي معلوم آهي تہ تون ان وقت موجود نہ هئين. مدين جو مقام تنهنجي شهر کان گهڻو پري آهي ۽ موسىٰ عليه السلام ۽ پاڻ حضور خاتم النبيين ﷺ جن جي بعثت ۾ بہ نهايت وڏو عرصو آهي تہ پوءِ اهو ممڪن ناهي تہ جڏهن واديءَ جي الهندي حصي ۾ موسىٰ عليه السلام سان هم ڪلامي ٿي رهي هئي ۽ نہ وري تون اهل مدين سان ان وقت گڏ هئين جو موسىٰ ۽ شعيب عليهما السلام کي احڪام الاهي ملي رهيا هئا، جيڪڏهن اسان توکي رسول بڻائي وحي ذريعي اها پوري معلومات نہ ڏيون ها تہ توکي ڪهڙي خبر تہ ان زماني ۾ ڇا ڇا ٿي گذريو هيو، توکي اهو بہ معلوم نہ هيو تہ طور سينا تي اسان موسىٰ عليه السلام کي

کھڙو آواز ڏنو. هي تمام معلومات توکي الله عزو جل جي رحمت سان ملي آهي، تاڪ
تون هن قوم کي جنهن ڏانهن هن کان اڳ ڪو رسول نہ آيو آهي، تون هنن کي زندگي
جي تباھ ڪن نتيجن کان آگاھ ڪرين ۽ بچائي سگهين، سو اهي نصيحت حاصل
ڪن. (السجده: 3/23، يٰس: 3/36) موسىٰ ؑ جي رحلت کانپوءِ وڏو عرصو گذري چڪو،
يهودين توريت ۾ بہ تحريف يا ڦير ڦار ڪري ان جو اصل حليو ئي بگاڙي ڇڏيو هيو.
ايتري وڏي عرصي بعد جڏهن وحي جي تعليم بہ ختم ٿي چڪي هئي ۽ تورات بہ
بدلجي ويو هيو، جنهن ۾ تنهنجي آمد جي بہ بشارت هئي ۽ تنهنجي مڪ مڪرم ۾
بعثت ٿي. علامہ قرطبي رحمة الله عليه هن آيت جي وضاحت ۾ حضرت ابوهريره ۽ ابن عباس
رضي الله تعالىٰ عنہ کان روايت نقل ڪئي آهي تہ اتي الله تعالىٰ امت محمديہ کي ندا ڪندي فرمايو
هيو: ”يَا أُمَّةَ مُحَمَّدٍ قَدْ أَجَبْتُمْ قَبْلَ أَنْ تَدْعُوْنِيْ وَأَعْطَيْتُكُمْ قَبْلَ أَنْ تَسْأَلُوْنِيْ وَغَفَرْتُ لَكُمْ أَنْ
تَسْتَغْفِرُوْنِيْ وَرَحِمْتُكُمْ قَبْلَ أَنْ تَسْتَرْحِمُوْنِيْ“ اي امت محمد مصطفىٰ خاتم النبيين صلي الله عليه وسلم ! توهان جي
دعا گهرڻ کان اڳ مون توهان جي دعا قبول ڪري ڇڏي. توهان جي سوال ڪرڻ کان اڳ
۾ توهان کي ڏئي ڇڏيو، توهان جي استغفار کان اڳ ۾ ئي مون توهان کي بخش ڪري
ڇڏيو ۽ رحم ۽ ڪرم گهرڻ کان اڳ ئي مون توهان تي رحم ڪري ڇڏيو. حضرت وهب
بن منبه چوي ٿو تہ جڏهن الله تعالىٰ موسىٰ ؑ کي پاڻ ڪريمن جي اعلىٰ رتبي، شان،
مانَ ۽ سندس امت جي ايڏي وڏي فضيلت جو ذڪر ڪيو تہ موسىٰ ؑ درخواست ڪئي
تہ مون کي هن جي زيارت ڪرائي وڃي. (ضياءُ القرآن)

حضور صلي الله عليه وسلم جو رسول ٿي اچڻ بہ نهايت ضروري هيو، نہ تہ اها بگڙيل قوم عذر
پيش ڪري ها تہ نہ اسان ڏانهن ڪو نبي ۽ رسول آيو ۽ نہ وري اسان جي وڏڙن ڏانهن ڪو
رسول آيو آهي. پوءِ اسان کي ڪير هدايت ڪري ها، جو اسان خدا تعالىٰ جي حڪمن
موجب زندگي بسر ڪريون، اهڙي صورتحال ۾ اسان جو ڪو بہ قصور ناهي ۽ اسان کي
سزا ڏيڻ انصاف جي خلاف آهي. هنن جي اهڙي عذر کان ڪين بچائڻ لاءِ هي رسول خاتم
النبيين رسول آيو آهي، جيڪو حق ۽ هدايت جو سبق ڏئي ٿو ۽ زندگيءَ جي گمراھ
اونداهين مان نوع انسان کي ڪڍڻ لاءِ پاڻ سان نور قرآن بہ پيش ڪري ٿو، جيڪو سراپا
هدايت آهي. ”قَدْ جَآءَكُمْ مِّنَ اللّٰهِ نُوْرٌ وَّ كِتٰبٌ مُّبِيْنٌ“ (المائده: 5/19-15، التوبه: 32/9، الصف

8/61) هاڻي انهن جو اهو عذر نہ هلندو تہ اسان ڏانهن ڪو رسول نہ آيو هيو. (طٰهٰ: 34/20) اسان انهيءَ مقصد جي ڪري توکي هنن ڏانهن رسول ڪري موڪليو آهي. جڏهن اسان جي طرفان هنن وٽ حق پهچي ويو تہ هي ان تي غور فڪر ڪرڻ بجاءِ چوڻ لڳا تہ هن رسول ﷺ کي اهو ڪجهہ چو نہ ڏنو ويو، جيڪو حضرت موسیٰ عليه السلام کي عصا ۽ يدِ بيضا معجزي طور ڏنا ويا هئا. جنهن نبيءَ کي اهڙيون چٽيون نشانيون ڏنيون ويون هيون، ان وقت ان جي قوم هن تي ايمان نہ آندو تہ ڪين ڪا تباهي نہ آئي. هن نبي ﷺ وٽ تہ اهڙا چٽا معجزا بہ نہ آهن، جو ايمان آڻجي. توهان غور سان ڏسو ايمان نہ آڻڻ ۾ بہ اسان جو ڪجهہ نہ بگڙيو آهي. ها، جيڪڏهن اهي تباهيون اچي وڃن ها، جن ڪان هو اسان کي ڊيڄاري ٿو تہ پوءِ ايمان بہ آڻيو ها ۽ اتباع بہ ڪيو ها ۽ سمجهو ها تہ هي سچو نبي آهي. تون هنن کي چئو تہ جيڪڏهن هي ڪتاب قرآن جڙتو ڪهاڻي قصا آهن، جيڪي اڳين ماڻهن جا ٿي گذريا تہ پوءِ توهان بيو ڪو اهڙو ڪتاب پيش ڪيو، جيڪو قرآن ۽ تورات ڪان وڌيڪ سچو هجي. (هود: 7/11) جيڪڏهن اوهان پنهنجي دعویٰ ۾ سچا آهيو تہ پوءِ اهڙو معتبر ڪتاب ڪڍي اچو تہ مان بہ ان کي قبول ڪريان. هي اهڙو ئي چئليج آهي، جيڪو ڪافرن کي ڏنو ويو هيو تہ هن قرآن جهڙو يا هن جي ڪنهن هڪ آيت جهڙو ڪتاب پيش ڪريو. (البقره: 23/2، الانعام: 20/6، هود: 13/11، بني اسرائيل: 41-82/17، يونس: 57/10، الفرقان: 20/25، الزمر: 25/39، حٰم السجده: 44/41، الاحقاف: 12/46، الطور: 33-34/52، القصص: 51/28) اهو ساڳيو طريقو سورت الزخرف: 81/43 ۾ اختيار ڪيو ويو آهي. چيائون بظاهر موسیٰ ۽ هارون عليهما السلام اهي ٻئي جادوگر آهن، جيڪي هڪ ٻئي جي مدد ڪن ٿا يا پوءِ "سِحۡرَانِ" مان مراد "سَاحِرَانِ" ٿيندو. هي ٻئي ڪتاب توريت ۽ قرآن جادو آهن، جيڪي هڪ ٻئي جي متفق آهن. ان ڪري اسان انهن ٻنهي نبين ۽ ٻنهي ڪتابن جي مڃڻ ۽ ايمان آڻڻ ڪان انڪاري آهيون.

پوءِ جيڪڏهن هي سمورا گڏجي قرآن ۽ توريت جهڙو ڪتاب نٿا آڻي سگهن تہ پوءِ هنن جي اها دعویٰ تہ هي ٻئي ڪتاب جادو آهن، درست ناهي. (البقره: 23-24/2) اهي ماڻهو وحي الاهي جي اهميت نٿا ڄاڻن، جيڪا سراپا حرف بحرف حق ۽ سچ آهي. هو پنهنجي خام خيالي ۽ پنهنجن خواهشن جا پيروڪار آهن. ڀلا ان ماڻهوءَ ڪان وڌيڪ

گمراهہ ڪير هوندو، جيڪو الله عزو جل جي قول کي ڇڏي، پنهنجن خواهشن جو غلام بڻجي وڃي ۽ پنهنجي خواهش کي الله جو درجو ڏئي. "اَفَرَءَيۡتَ مَنِ اتَّخَذَ اِلٰهَهٗ هَوٰىهُ وَ اَضَلَّهُ اللّٰهُ عَلٰى عِلۡمٍ وَّ خَتَمَ عَلٰى سَمۡعِهٖ وَ قَلۡبِهٖ وَ جَعَلَ عَلٰى بَصَرِهٖ غِشٰوَةً ؕ فَمَنۡ يَّهۡدِيۡهِ مِنۡۢ بَعۡدِ اللّٰهِ ؕ اَفَلَا تَذَكَّرُوۡنَ ○" (الجاثيه: 12/45) جنهن پنهنجي خواهشن کي پنهنجو ڪارساز بنايو، ان جهڙو ٻيو ڪير گمراهہ هوندو. حديث شريف ۾ آهي: "جَاهِدُوۡا اَهۡوَآءَكُمۡ كَمَا تُجَاهِدُوۡنَ اَعۡدَآءَكُمۡ" پنهنجي خواهشن سان ائين وڙهو، جهڙي طرح پنهنجي دشمن سان وڙهو ٿا.

وَ النَّفۡسُ اِن اَعۡطَيۡتَهَا مَنَاهَا
فَاغِرَة نَحۡوَ هَوَاهَا فَاهَا

جيڪڏهن تون پنهنجي نفس کي سندس خواهش مطابق مهيا ڪيو تہ اهي گهڻيون ڪونہ، پر پنهنجن خواهشن، وانگر اهي منهن کولي وڏنديون رهنديون.

هزاريں خواہشيں ايسی کہ ہر خواہش پہ دم نکلے
بہت نکلے ميرے ارمان ليکن پھر بھی کم نکلے

(غالب)

حضرت علي ڪرم الله وجهہ کان روايت آهي: "اِنَّمَا اَخۡشٰى عَلَيۡكُمۡ اِثۡنَيۡنِ طُوۡلَ الۡاَمَلِ وَ اِتِّبَاعَ الۡهَوٰى فَاِنَّ طُوۡلَ الۡاَمَلِ يُنۡسِى الۡاٰخِرَةَ وَاِنَّ اِتِّبَاعَ الۡهَوٰى يَصُدُّ عَنِ الۡحَقِّ" مان اوهان لاءِ ٻن شين کان خوف ڪريان ٿو. وڏي اميد رکڻ ۽ خواهش جي پيروي ڪرڻ، وڏي خواهش آخرت (جي خوف) کي ويساريو ڇڏي ۽ خواهش جي پيروي حق کان روڪي رکي ٿي. حضرت حسن بصري رحمة الله عليه جو قول آهي: "مَا اَطَالَ عَمَلُ الۡعَبۡدِ اِلَّا اَسَآءَ الۡعَمَلَ" ٻانهي جون وڏيون وڏيون اميدون عمل کي ڇيهو پهچائين ٿيون، يعني الله تعالىٰ طرفان موڪليل هدايت کي ڇڏي پنهنجي نفس جي خواهش تي هلڻ ئي سڀ کان وڏي گمراهي آهي. مڪي جا قريش اها حرڪت ڪري وڏي گمراهيءَ جا مرتڪب آهن. حضرت عبدالله بن عمر رضي الله تعالىٰ عنهما کان روايت آهي تہ حضور خاتم النبيين صلى الله تعالىٰ عليه وآله وسلم فرمايو: "لَا يُؤۡمِنُ اَحَدُكُمۡ حَتّٰى يَكُوۡنَ هَوَاهُ تَبَعًا لِّمَا جِئۡتُ بِهٖ" (ضياءُ القرآن) توهان مان تيستائين ڪير بہ ڪامل مؤمن نٿو ٿي سگهي، جيستائين هن جي خواهش منهنجي حڪم جي تابع نہ هجي. خواهش جو پوٽ جڏهن ڪنهن جي

سر تي سوار ٿي وڃي تہ پوءِ حق ۽ باطل، خير ۽ شر، غلط ۽ صحيح جي پرک ۽ امتياز
جي صلاحيت سلب ٿي ويندي آهي ۽ بسا اوقات انسان جي عقل تي پردا وجهي ڇڏيندي
آهي. دراصل خواهش نفس اماره جي پيداوار آهي. ان ڪري انسان جي فلاح نجات ۽
ڪاميابي جو اهو رستو آهي تہ هو پوري توانائيءَ سان الله تعاليٰ جي حڪمن جي
تابعداري ڪري ۽ الله ذوالجلال تي غير متزلزل ايمان هجي.

---

وَ لَقَدْ وَصَّلْنَا لَهُمُ الْقَوْلَ لَعَلَّهُمْ يَتَذَكَّرُوْنَ ؕ﴿٥١﴾ اَلَّذِيْنَ اٰتَيْنٰهُمُ
الْكِتٰبَ مِنْ قَبْلِهٖ هُمْ بِهٖ يُؤْمِنُوْنَ ﴿٥٢﴾ وَ اِذَا يُتْلٰى عَلَيْهِمْ قَالُوْٓا اٰمَنَّا بِهٖٓ النصف
اِنَّهُ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّنَآ اِنَّا كُنَّا مِنْ قَبْلِهٖ مُسْلِمِيْنَ ﴿٥٣﴾ اُولٰٓئِكَ يُؤْتَوْنَ
اَجْرَهُمْ مَّرَّتَيْنِ بِمَا صَبَرُوْا وَ يَدْرَءُوْنَ بِالْحَسَنَةِ السَّيِّئَةَ وَ مِمَّا
رَزَقْنٰهُمْ يُنْفِقُوْنَ ﴿٥٤﴾ وَ اِذَا سَمِعُوا اللَّغْوَ اَعْرَضُوْا عَنْهُ وَ قَالُوْا لَنَآ
اَعْمَالُنَا وَ لَكُمْ اَعْمَالُكُمْ ۫ سَلٰمٌ عَلَيْكُمْ ۫ لَا نَبْتَغِي الْجٰهِلِيْنَ ﴿٥٥﴾ اِنَّكَ
لَا تَهْدِيْ مَنْ اَحْبَبْتَ وَ لٰكِنَّ اللّٰهَ يَهْدِيْ مَنْ يَّشَآءُ ۚ وَ هُوَ اَعْلَمُ
بِالْمُهْتَدِيْنَ ﴿٥٦﴾ وَ قَالُوْٓا اِنْ نَّتَّبِعِ الْهُدٰى مَعَكَ نُتَخَطَّفْ مِنْ اَرْضِنَا ؕ اَوَ
لَمْ نُمَكِّنْ لَّهُمْ حَرَمًا اٰمِنًا يُّجْبٰٓى اِلَيْهِ ثَمَرٰتُ كُلِّ شَيْءٍ رِّزْقًا مِّنْ
لَّدُنَّا وَ لٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٥٧﴾ وَ كَمْ اَهْلَكْنَا مِنْ قَرْيَةٍۭ بَطِرَتْ
مَعِيْشَتَهَا ۚ فَتِلْكَ مَسٰكِنُهُمْ لَمْ تُسْكَنْ مِّنْۢ بَعْدِهِمْ اِلَّا قَلِيْلًا ؕ وَ كُنَّا
نَحْنُ الْوٰرِثِيْنَ ﴿٥٨﴾ وَ مَا كَانَ رَبُّكَ مُهْلِكَ الْقُرٰى حَتّٰى يَبْعَثَ فِيْٓ اُمِّهَا

رَسُوْلًا يَّتْلُوْا عَلَيْهِمْ اٰيٰتِنَا ۚ وَ مَا كُنَّا مُهْلِكِي الْقُرٰٓى اِلَّا وَ اَهْلُهَا
ظٰلِمُوْنَ ﴿۵۹﴾ وَ مَآ اُوْتِيْتُمْ مِّنْ شَيْءٍ فَمَتَاعُ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَ زِيْنَتُهَا ۚ وَ مَا
عِنْدَ اللّٰهِ خَيْرٌ وَّ اَبْقٰى ؕ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ﴿۶۰﴾ ع

ع ۶ ۹

۽ اسان برابر پئي درپئي (هڪ ٻئي جي پٺيان) ماڻهن لاءِ پنهنجو ڪلام
آڻيندا رهياسون ته هو ان مان نصيحت حاصل ڪري سگهن. (51) هن کان اڳ
اسان جن ماڻهن کي ڪتاب ڏنو هيو، انهن ان تي ايمان آندو هيو. (52) ۽
(هاڻي) جڏهن هي (قرآن) انهن کي پڙهي ٻڌايو تو وڃي ته هو چون ٿا ته اسان
هن تي ٻه ايمان آندو، يقيناً هي اسان جي رب جي طرفان حق آهي، اسان ته هن
کان اڳ ئي مسلم آهيون. (53) هي اهي ماڻهو آهن، جن کي سندن اجر ٻه ڀيرا
ڏنو ويندو، ان ڪري جو هو ثابت قدم رهيا ۽ هو ڀلائي جي ذريعي برائي کي
دفع ڪن ٿا ۽ جو ڪجهه ٻه اسان هنن کي رزق ڏنو آهي، ان مان خرچ ڪن ٿا.
(54) ۽ جڏهن هنن ڪا لغو ڳالهه ٻڌي ته ان کان پري ٿي وڃن ٿا ۽ چيائون ته
اسان لاءِ اسان جا اعمال آهن ۽ توهان لاءِ توهان جا اعمال، هنن کي سلام چئي
چون ٿا ته اسان جاهلن سان الجهڻ نٿا گهرون.(55) اي نبي محترم خَاتَمُ النَّبِيِّيْن ﷺ
تون جنهن کي گهرين هدايت نٿو ڏئي سگهين، پر جنهن کي الله گهري
(يعني الله جي مشيت تي جيڪو پورو لهي) هدايت ڏئي ٿو ۽ هو هدايت
حاصل ڪرڻ وارن کي پورو ڄاڻي سڃاڻي ٿو.(56) ۽ هو ڪافر چون ٿا ته
جيڪڏهن اسان توسان گڏ هن هدايت جي پيروي ڪيون ته اسان پنهنجي
زمين تان ڪنيي ڪنيا ويندا سون. اسان ان امن واري حرم ۾ سندن پير ڄمايا نه
آهن ڇا؟ جنهن (حرم) ڏانهن هر قسم جا ڦل ميوا پهچايا وڃن ٿا، جيڪو اسان
جي طرفان خاص رزق آهي، پر هن مان اڪثر اهو نٿا ڄاڻن (57) ۽ ڪيترين

ئي بستين (آبادين) کي اسان هلاڪ ڪيو، جيڪي پنهنجي معيشت تي (ناشڪري ڪري) فخر ڪنديون هيون، هاڻي ڏسو هي هنن جي ڦتل گهرن جا ڪنڊرات آهن، ان کان پوءِ سواءِ ٿورڙن جي، ڪو رهڻ وارو ناهي ۽ اسان ئي سندن وارث ٿي وياسون.(58) توهان جو رب تيستائين ڪنهن بستيءَ کي تباهه نه ڪندو آهي، جيستائين هو انهن جي مرڪزي بستيءَ ۾ ڪوئي رسول مبعوث نه ڪري، جيڪو انهن کي اسان جون آيتون تلاوت ڪري، تيستائين اسان ڪنهن بستيءَ کي هلاڪ نٿا ڪريون، جيستائين اتان جا باشندا ظلم ۽ زيادتي جي بازار گرم نٿا ڪن.(59) ۽ جو ڪجهه به اوهان کي ڏنو ويو آهي، اهو هن دنياوي زندگي جو سازو سامان ۽ ان جي زيب و زينت آهي ۽ جو ڪجهه الله جل شانه وٽ آهي، اهو گهڻو بهتر آهي ۽ باقي رهڻ وارو آهي، ڇا توهان ماڻهو عقل کان ڪم نٿا وٺو. (60)

---

پوين آيتن ۾ يهودين جو هڪ اعتراض هيو ته هن نبي حضرت محمد ﷺ کي اهڙا معجزا ڇو نه مليا آهن، جهڙا موسیٰ عليه السلام کي عصا ۽ يدِ بيضا جهڙا واضح معجزا مليا هئا. ان ڪري اسان هن قرآن کي وحي الاهي نٿا سمجهون. هي پويون ڳالهيون آهن، جيڪي هوشياريءَ سان ترتيب ڏنيون ويون آهن. ان ڪري کين چئلينج ڪيو ويو ته جيڪڏهن اوهان قرآن ۽ توريت کي خدائي ڪتاب نٿا سمجهو ته پوءِ هنن کان ڪو ٻيو ڪتاب ڪڍي اچو، اسان ان کي تسليم ڪنداسون. جيڪڏهن واقعي هنن ڪتابن کان افضل نڪتو، جيڪو هو ڪري نه سگهيا، تنهن ڪري کين ٻڌايو ٿو وڃي ته هدايت جو هي ڪتاب نئون سلسلو نه آهي، پر هن کان اڳ اسان پئي در پئي هڪ ٻئي جي پٺيان پنهنجا رسول ڪرام موڪليندا رهيا آهيون، انهن تي به اهڙا آسماني ڪتاب ۽ صحفيا نازل ٿيندا رهيا آهن. هن قرآن کي به 23 سالن ۾ ٿورو ٿورو ڪري نازل ڪيو آهي ته تازه تازه حڪم ملڻ سان سندن خامين جي به نشاندهي ٿي سگهي ۽ ان تي عمل پيرا ٿيڻ به آسان هجي. هي الله جل شانه جي حڪمت آهي ته جيئن هو ان مان نصيحت حاصل ڪري وٺن. هن جو مقصد اهو به هيو ته ماڻهو پوين قومن جي نااهلي ۽ نافرمانيءَ جو ٻڌي

ان مان پاڻ لاءِ هدايت حاصل ڪري ايمان آڻي سگهن، جنهن ڪري نوح عليه السلام کان پاڻ ڪريمن خاتم النبيين صلى الله عليه وآله وسلم تائين هڪ وڏي عرصي ۾ جدا جدا وقتن تي آسماني هدايت ٿي، پر ان ۾ اهڙو ته ربط ۽ تسلسل آهي، جو ڪڙي ڪڙي سان ملندي اچي. اهڙي تعليم ۾ به اهو ئي ربط موجود آهي. نزول جي حساب سان موقعي مناسب مطابق وحي ايندي رهي، پر آخري ترتيب ۾ هڪ مالها جي داڻن وانگر يا سمنڊ جي موجن وانگر هر موج ٻئي موج سان جڙيل ۽ ان جو تسلسل آهي. قرآن جي هن اعجازي بيان کي ٻڌي ڪجهه يهودي جنهن ۾ عبدالله بن سلام جهڙا ۽ ڪجهه عيسائي حبشه جي بادشاهه ۽ حبش کان مديني ايندڙ وفد جهڙا ماڻهو ايمان آڻڻ ۾ اڳرا رهيا. هنن جو اڳ به آسماني ڪتابن تي ايمان هيو، جيڪي به مسلمان هئا. هنن قرآن تي به ايمان آندو ۽ چيائون ته هي حق آهي اسان جي پروردگار پاران آهي. اسان ان تي ايمان آڻيون ٿا، جيئن هن کان پوين ڪتابن تي ايمان رکون ۽ مسلمان آهيون. (البقره: 133/2-132-131-128، آل عمران: 19/3-85، يونس: 72/10، 84 ۽ 90، الذاريات: 36/51، يوسف: 12/ 101، المائده: 44/5، 111، النمل: 44/27، حٰم السجده: 33/41) اهڙن ماڻهن کي به اجر ملندا، هڪ پهرين نبي محترم تي ايمان آڻڻ جو، ٻيو وري موجوده نبي ڪريم خاتم النبيين صلى الله عليه وآله وسلم تي ايمان آڻڻ جو. اهو ان ڪري جو هنن هر دؤر ۾ صبر، استقامت ۽ ثابت قدميءَ سان هر مشڪل جو مقابلو ڪيو ۽ ايمان تي هر حال ۾ مضبوط رهيا. هي اهي نيڪ انسان آهن، جيڪي پنهنجي عملي زندگي ۾ به پنهنجي نيڪين سان براين جي اثر انداز ٿيڻ کان بچائي رکيو اٿن (الرعد: 22/13) ۽ ٿاري ڇڏيو اٿن ۽ الله تعالىٰ طرفان جيڪو رزق مليو اٿن، ان مان دل کولي خير ۽ ڀلائي جي ڪمن ۾ خرچ ڪن ٿا. هنن کي زر پرستي ۽ مال و دولت جو حرص ۽ طمع جي بيماري لاحق نٿي ٿئي، جيڪا حق قبول ڪرڻ ۾ رڪاوٽ بڻجي، هو انهيءَ مال دولت ۽ سون چاندي جي فراواني پنهنجي هٿن جي ڪمائيءَ بدران الله جي نعمت ۽ امانت سمجهي ٿو. حضور خاتم النبيين صلى الله عليه وآله وسلم جو فرمان آهي ٽن ماڻهن لاءِ ٻيڻو يعني ٻه دفعا اجر آهي: انهن مان هڪ اهل ڪتاب آهي، جنهن پنهنجي ڪتاب تي به ايمان آندو ۽ قرآن تي به ايمان آندو. (صحيحين)

هنن نيڪوڪار ماڻهن جو خيال هميشه نيڪين ۽ فلاح و بهبود جي ڪمن

ڏانهن رهي ٿو، جيڪڏهن ڪنهن وقت هنن جو اهڙن ماڻهن سان رابطو ٿئي ٿو، ته هنن سان لغو ۽ بي هوده بحث ۾ الجهڻ نٿا گهرن ۽ پنهنجي قوت ۽ توانائي فضول بحث مباحثي ۾ ضايع ڪرڻ نٿا گهرن. يعني لا يعني بحث مباحثي ۾ هو ترڪي به ترڪي جواب ڏيڻ ۽ گار گند واري زبان استعمال ڪرڻ کان پاڻ کي بچائي رکن ٿا ۽ ڪانئن جدا ٿيڻ لاءِ سلام چئي هليا وڃن ٿا. (الفرقان: 72/25، المؤمنون: 3/23) جاهل سان بحث ۾ الجهڻ سان گويا هن جي همت وڌائڻ ۽ وڏيڪ ترغيب ڏيڻ آهي، جيڪا خود هڪ وڏي غلطي آهي ۽ منفي سوچ آهي.

جاہل کو اگر جہل کا انعام دیا ہے
اس حادثۂ وقت کو کیا نام دیا جائے

هنن کي چون ٿا ته اوهان جيڪي چئي رهيا ۽ ڪري رهيا آهيو، انهن جي نتيجي جو وبال اوهان کي ئي برداشت ڪرڻو آهي ۽ جيڪو ڪجهه اسان ڪيون ٿا، ان جي ذميداري اسان جي آهي. اسان توهان جي هن ڪارڪردگيءَ ۾ اوهان جا شريڪ نٿا ٿي سگهون. اسان جي ڪوشش آهي ته توهان کي به هر طرح جي سلامتي حاصل ٿي وڃي. چو ته نيڪي ۽ برائي برابر نه آهن. (حٰم السجده: 34/41، العنڪبوت: 46/29، النحل: 125/16) ”وَقُوۡلُوۡا لِلنَّاسِ حُسۡنًا“ ماڻهن سان سٺي گفتگو ڪريو. زبان جا رسايل زخم مڏم نه ٿيندا آهن.

جَرَاحَاتُ السِّنَانِ لَهَا الۡتِئَامُ
وَلَا يَلۡتَامُ مَا جَرَاحَا اللِّسَانُ

نيزي جا زخم ته ڇٽي وڃن ٿا، پر زبان جا زخم نٿا ڇٽن.

ان ڪري مؤمن ڪڏهن لغو مباحثي ۾ نٿا الجهڻ گهرن. اي نبي محترم ﷺ تنهنجي تمام همدردي هنن جي خير خواهي ۽ ڀلائي لاءِ آهي. پر هنن جي ضد، هٺ ۽ حسد سبب حق ۽ سچ کي قبول نه ڪرڻ ۾ توکي ڏک ۽ غم ضرور ٿئي ٿو، پر پريشان ٿيڻ جي ڪا به ضرورت ناهي. تنهنجو منصبي فرض هنن تائين الله جل شانه جو پيغام پهچائڻ آهي. تون جنهن کي گهرين هدايت نٿو ڏئي سگهين. مُقَلِّبُ الۡقُلُوۡبِ ته مولا

ڪريم آهي، جنهن کي سندس مشيت موجب هدايت طرف ايندو ڏسي، هدايت جي رهنمائي ڪري. (البقره: 272/2) هي الله جل شانه جي ان سنت الاهي طرف اشارو آهي، جنهن ۾ هدايت ۽ ضلالت جي باري ۾ چيو ويو آهي. پيغمبر ته دراصل اچن ئي هدايت ڪرڻ لاءِ ٿا. هنن تي هدايت جو پيغام مِن وعَن پهچائڻ لازم آهي. قبول ڪرڻ نه ڪرڻ، ماڻهن جي پنهنجي اختيار ۾ آهي. اها خبر الله تعاليٰ کي ئي آهي ته ڪنهن جا قلب هدايت طرف مائل آهن ۽ ڪنهن جا نه آهن. الله تعاليٰ طرفان هدايت انهن لاءِ آهي، جيڪي هدايت جا طالب آهن، پر جيڪي ماڻهو غور فڪر نٿا ڪن ۽ انڌن وانگر بصيرت واريون اکيون بند رکن ٿا ۽ پراڻي روش تي غلط رستي جا مسافر آهن ته اهي سڌي رستي تي ڪيئن ٿا اچي سگهن ؟ وَلَوْ شَآءَ رَبُّكَ لَاٰمَنَ مَنْ فِي الْاَرْضِ كُلُّهُمْ جَمِيْعًا ؕ اَفَاَنْتَ تُكْرِهُ النَّاسَ حَتّٰى يَكُوْنُوْا مُؤْمِنِيْنَ○ (يونس: 99/10) جيڪڏهن تنهنجي پالڻهار جو قانون مشيت ائين هجي ها ته پوءِ جيڪي انسان به زمين تي آهن، سي سيئي ضرور ايمان آڻين ها، ته پوءِ تون ماڻهن کي زور ڪندين ڇا ته هو هر حال ۾ مؤمن ٿي وڃن. دلين جا راز ته الله جل شانه ڄاڻي ٿو، ان ڪري اها مشيت خدائي به سنت الاهي مطابق آهي.

هي قريش توکي ائين به چون ٿا ته جيڪڏهن اسان تنهنجي نصيحت قبول ڪري هي نئون مسلڪ اختيار ڪري تو سان ملي وڃون ته پوءِ هي اسان جي ارد گرد رهڻ وارا مشرڪ قبيلا اسان تي حملو ڪري ڏيندا ۽ اسان کي هن زمين تي رهڻ بدران ڪڍي ٻاهر اچلائي ڇڏيندا. اسان لاءِ پنهنجي بقا ۽ سلامتي واسطي ضروري آهي ته جنهن ملڪ تي آهيون، ان تي جميل رهيون ۽ سردست توهان جو دين قبول نه ڪريون. پر انتظار ڪيون، ان ڪري في الحال اسان کي وڏيڪ تنگ نه ڪيو وڃي. الله تعاليٰ هنن جي هن خيالي ۽ فرضي خوف جي جواب ۾ فرمائي ٿو ته اسان توهان کي پنهنجي حرم جي همسائگي ۽ پاسبانيءَ جو شرف بخشيو آهي. هن حرم جي احترام ۾ ڪو به هن جي حدن ۾ ڪنهن تي زيادتي نٿو ڪري سگهي. حرم ۾ ماڻهو پنهنجي پيءُ جي قاتل کي ڏسي به ان کان اکيون ڦيري وڃن ٿا، جڏهن هن حالت ۾ به توهان کي اها نعمت حاصل آهي ته پوءِ اسلام آڻڻ بعد الله تعاليٰ اوهان کي نڌڻڪو نه ڇڏيندو. (البقره: 125/2، الروم: 67/30) اوهان اهو به خطرو محسوس ڪيو ٿا ته اسلام قبول ڪرڻ بعد اهي مشرڪ اوهان جو اقتصادي بائيڪاٽ ڪندا ۽ اوهان غربت ۽ مسڪيني ۾ مبتلا ٿي ويندا ۽ اوهان کي شهر بدر

ڪندا. (الانفال: 26/8) ذرا هن طرف غور ڪريو تہ مڪہ مڪرمہ غير آباد هنڌ تي آهي، هر طرف ريگستان ئي ريگستان آهن ۽ ڪا بہ آبادي، ڪيت سبزي وغيره نہ آهي، پر ان جي باوجود دنيا ڀر جا ڦل، ميووا، غذا، خوراڪ ايتري موجود آهي، جو مڪي جون بازارون ڀريون پيون آهن. رزق جي هن فراواني ۾ اوهان جي ڪنهن تدبير يا منصوبہ بندي جو عمل دخل نہ آهي. جيڪي هي سڀ نعمتون هن حرم (ڪعبة الله) جي طفيل آهن. جيڪڏهن حرم مڪي مڪرمہ ۾ نہ هجي ها تہ ڇا اهي سهولتون ۽ آسائشون حرم جي خادم هجڻ ۾ اوهان جي عزت ۽ احترام هجي ها. توهان جا قافلا بنا خوف خطري هر طرف وڃن ٿا ۽ تجارت ڪن ٿا. هن حرم جي طفيل اَطْعَمَهُمْ مِّنْ جُوْعٍ وَّ اٰمَنَهُمْ مِّنْ خَوْفٍ (قريش: 4/106) جنهن ڪين بک کان ڪاڏو ڪارايو ۽ هر خوف خطري کان امن ۾ رکيو. هن حرم جي طفيل الله تعالىٰ جون هي نعمتون ۽ نوازشون فراواني سان موجود آهن. هنن واضح نشانين جي باوجود نامراد ۽ بي عقل اها ڳالهہ سمجهي نٿا سگهن. باقي رهيو مسلمانن جو اهو خدشو تہ هنن جي چوطرف مخالفن جا قبيلا ۽ گروهہ وڏي مال و دولت اثر رسوخ وڏي قوت ۽ دٻدٻي جا مالڪ آهن، جن جي مخالفت ڪرڻ جبل سان مٿو ٽڪرائڻ برابر آهي. هو ڪين نقصان پهچائي سگهن ٿا ۽ قطع تعلقات ڪري، ڪين پنهنجن سهولتن کان محرم ڪري سگهن ٿا. هنن کي چئو تہ دل ۾ اهڙا خدشا پيدا ڪرڻ بدران ماضيءَ جي تاريخ تي غور ڪريو تہ هن کان اڳ ڪيترين خوشحال مالدار ۽ سرمائيدار قوت ثروت ۽ دٻدٻي جا مالڪ جن جي وڏي عزت هوندي هئي، انهن جي حق کان انڪاري ۽ نبين سڳورن جي دعوت خلاف پروپيگندا ظلم ۽ زيادتين جي ڪري قانون مڪافات جي شڪنجي ۾ آڻي ڪين هلاڪ ۽ تباهہ ڪري ڇڏيو، جنهن خوشحاليءَ تي هو غرور ۽ فخر ڪندا هئا، ان جو سواءِ ٿورڙن جي، اڄ نالو نشان بہ نہ آهي ۽ ان سموري ٺاٺ باٺ جا اسان ئي وارث آهيون. ان ڪري جيڪڏهن اوهان جا مخالف بہ اها روش اختيار ڪندا ۽ پنهنجي زندگي، خوشحالي ۽ اسباب حيات جي فراواني ۽ غرور ۾ رهندا تہ هنن تي اهو ساڳيو قانون مڪافات تباهي ۽ هلاڪ آڻيندو. مال، دولت، قوت ۽ طاقت الله تعالىٰ جي دست قدرت ۾ آهي، جنهن کان هنن کي محروم ڪري اوهان کي زمين جي خلافت ڏني ويندي.

هي اجڙيل ۽ برباد ٿيل بستيون، جيڪي اڄ ڪندرات جي صورت ۾ ڏسي رهيا

آهيو، انهن کي ائين بنا سبب تباھ ۽ هلاڪ نہ ڪيو ويو آهي، پر تنهنجي سڀاجهي پروردگار هر قوم ۽ هر بستيءَ لاءِ پنهنجي رسولن کي هڪ مرڪزي بستيءَ ۾ هڪبئي پٺيان هنن ماڻهن جي لاءِ هدايت لاءِ موڪليندو رهيو آهي. (بني اسرائيل: 15/17) جن خدائي پيغام انهن تائين پوري طرح پهچايو ۽ ضلالت ۽ گمراهيءَ جي اونداهين مان ڪين ڪڍڻ، روشن رستن تي هلڻ لاءِ هدايتون ڪيون، پر اهي نادان پنهنجي روش ڇڏڻ لاءِ تيار نہ ٿيا ۽ هر هدايت جو انڪار ڪري، پنيءَ پنيان اچلائي ڇڏيو، پنهنجي انڪار ۽ عناد تي اڙيل رهيا، انهن کي سڌرڻ جي مهلت بہ ڏني وئي ۽ ڏوھ ڪرڻ وقت ئي سزا نہ ڏني وئي، جڏهن مهلت جو وقت ختم ٿيو ۽ اتمام حجت تي چڪو تہ پوءِ هنن کي مڪافات عمل ۾ سزا ڏني وئي. هينئر بہ اسان پنهنجو آخري رسول خاتم النبيين ﷺ موڪليو آهي، جيڪو هڪ مڪمل ڪامل هدايت جي ڪتاب سان هدايت جي راھ طرف سڏي رهيو آهي، ائين نہ ٿئي تہ اوهان هن جي دعوت جو انڪار ڪري، پاڻ کي انهن پوين گذريل زماني جي قومن موجب هلاڪ ۽ برباد نہ ڪيو. اسان هر گز انهن بستين کي هلاڪ نہ ڪيون ها، پر اهي ظالم تي ويا. جنهن جو بدلو ڪين مليو. (الروم: 10/30، سبا: 407/34)

ياد رکو تہ جيڪو ڪجھ مال و دولت خوشحالي ۽ فراواني هت اوهان کي ڏني وئي آهي، اها رڳو هنن چند ڏينهن جي زندگي گذارڻ جا اسباب ۽ وسيلا آهن ۽ هتان جي زيب و زينت، ناٺ باٺ آهن، فاني ٿيڻ وارا آهن، باقي رهڻ وارا نہ آهن ۽ عمر جي خاتمي سان گڏ اهي عيش عشرت، زيب و زينت، حشمت، حڪومت، رعب، دٻدٻو ۽ مال متاع سڀ الوداع ڪري ويندا. تنهن جي ڪري هي ڪنهن خاص توجه جي لائق نہ آهن. اصل راحت سڪون ۽ سلامتي اها آهي، جيڪا ديرپا هجي، ناقابل زوال ۽ ابدي هجي ۽ اها الله تعالىٰ وٽ آهي، جيڪا خدا جي نيڪ ٻانهن کي آخرت ۾ نصيب ٿيندي ۽ ان جي حصول جو ذريعو دل و جان سان اسلام قبولڻ ۾ آهي. الله تعالىٰ ۽ ان جي رسول خاتم النبيين ﷺ جي اطاعت، ابدي راحت ۽ سڪون جي يقين ڏهاني آهي، جيڪا انسان جي ذات جي تعمير ڪري ٿي ۽ مرڻ بعد بہ جاري رهي ٿي. باقي دنيا جي مال و دولت اقتدار ۽ حڪمراني تہ مرڻ سان گڏ موڪلائي وڃن ٿا. انسان پاڻ سان گڏ رڳو اهو ڪٺي وڃي ٿو، جيڪو آخرت جو ثمر آهي ۽ هميشہ رهڻ وارو آهي. حديث شريف ۾ آهي تہ ”الله جو قسم

تہ دنيا آخرت جي مقابلي ۾ ائين آهي، جيئن ڪو ماڻهو پنهنجي آڱر سمنڊ ۾ ٻوڙي ٻاهر
ڪڍي تہ ان جي آڱر جو پاڻي جيتري قدر سمنڊ جي مقابلي ۾ آهي“. (صحيح مسلم)
جيڪڏهن دنيا ۽ آخرت جي نعمتن جو مقابلو ڪجي تہ پوءِ اها حقيقت چٽي ٿي پوندي تہ
انهن ٻنهي مان ڪير وڌيڪ سودمند ۽ بقادار آهي.

اَفَمَنْ وَّعَدْنٰهُ وَعْدًا حَسَنًا فَهُوَ لَاقِيْهِ كَمَنْ مَّتَّعْنٰهُ مَتَاعَ الْحَيٰوةِ
الدُّنْيَا ثُمَّ هُوَ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ مِنَ الْمُحْضَرِيْنَ ﴿٦١﴾ وَ يَوْمَ يُنَادِيْهِمْ فَيَقُوْلُ
اَيْنَ شُرَكَآءِيَ الَّذِيْنَ كُنْتُمْ تَزْعُمُوْنَ ﴿٦٢﴾ قَالَ الَّذِيْنَ حَقَّ عَلَيْهِمُ
الْقَوْلُ رَبَّنَا هٰۤؤُلَآءِ الَّذِيْنَ اَغْوَيْنَا ۚ اَغْوَيْنٰهُمْ كَمَا غَوَيْنَا ۚ تَبَرَّاْنَاۤ
اِلَيْكَ ۫ مَا كَانُوْۤا اِيَّانَا يَعْبُدُوْنَ ﴿٦٣﴾ وَ قِيْلَ ادْعُوْا شُرَكَآءَكُمْ فَدَعَوْهُمْ
فَلَمْ يَسْتَجِيْبُوْا لَهُمْ وَ رَاَوُا الْعَذَابَ ۚ لَوْ اَنَّهُمْ كَانُوْا يَهْتَدُوْنَ ﴿٦٤﴾ وَ
يَوْمَ يُنَادِيْهِمْ فَيَقُوْلُ مَاذَاۤ اَجَبْتُمُ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿٦٥﴾ فَعَمِيَتْ عَلَيْهِمُ
الْاَنْۢبَآءُ يَوْمَىِٕذٍ فَهُمْ لَا يَتَسَآءَلُوْنَ ﴿٦٦﴾ فَاَمَّا مَنْ تَابَ وَ اٰمَنَ وَ عَمِلَ
صَالِحًا فَعَسٰۤى اَنْ يَّكُوْنَ مِنَ الْمُفْلِحِيْنَ ﴿٦٧﴾ وَ رَبُّكَ يَخْلُقُ مَا يَشَآءُ وَ
يَخْتَارُ ؕ مَا كَانَ لَهُمُ الْخِيَرَةُ ؕ سُبْحٰنَ اللّٰهِ وَ تَعٰلٰى عَمَّا يُشْرِكُوْنَ ﴿٦٨﴾ وَ
رَبُّكَ يَعْلَمُ مَا تُكِنُّ صُدُوْرُهُمْ وَ مَا يُعْلِنُوْنَ ﴿٦٩﴾

ڀلا اهڙو شخص جنهن سان اسان سٺو وعدو ڪيو آهي ۽ اهو شخص ان وعدي
کي حاصل بہ ڪري ٿو، ان شخص جهڙو ٿي سگهندو، جنهن کي اسان رڳو

زندگيءَ جو سازو سامان ڏنو آهي، جيڪو قيامت جي ڏينهن گرفتار ڪري بارگاهہ رب آڏو حاضر ڪيل ماڻهن مان هڪ هوندو. (61) جنهن ڏينهن الله عزو جل هنن کي پڪاريندو ۽ پڇندو تہ ڪٿي آهن اهي، جن کي منهنجو شريڪ هجڻ جو يقين رکندا هئا. (62) تہ اهي ماڻهو جن تي (عذاب) جو فيصلو ٿي چڪو هوندو تہ چوندا اسان جا رب! هي اهي ئي ماڻهو آهن، جن اسان کي گمراهہ ڪيو هيو. ان تي اهي جواب ڏيندا تہ اسان هنن کي پاڻ وانگر ئي گمراهہ ڪيو. اسان تنهنجي سامهون هنن کان بيزاريءَ جو اعلان ڪيون ٿا، اهي اسان جي پوڄا ڪو نہ ڪندا هئا. (63) ۽ هنن کي چيو ويندو تہ هاڻي اوهان پنهنجي شريڪن کي پڪاريو تہ هو انهن کي پڪاريندا، پر اهي هنن کي ڪو جواب نہ ڏيندا ۽ هو عذاب کي ڏسي وٺندا. ڪاش اهي هدايت يافتہ هجن ها!(64) ۽ جنهن ڏينهن الله تعالیٰ هنن کي پڪاريندو ۽ ڪائنئن پڇندو تہ اوهان رسولن کي ڪهڙو جواب ڏنو هيو. (65) تہ ان ڏينهن هنن جون اکيون انڌيون ٿي وينديون يعني ڪا نجات جي راهہ نظر نہ ايندي ۽ هڪٻئي کان پڇي بہ نہ سگهندا. (66) پوءِ جنهن ماڻهوءَ توبه ڪئي (يعني ڪفر ڇڏي) ايمان قبول ڪيو ۽ چڱا ڪم ڪيا تہ پوءِ ان کي اميد رکڻ گهرجي تہ هو فلاح پائيندڙن ۾ شمار ٿي ويندو.(67) تنهنجي پروردگار جي مشيت جو قانون جيڪو گهري ٿو، اهو خلقي ٿو ۽ منتخب ڪري ٿو، جنهن ۾ هنن (خلقيل ۽ منتخب ٿيل) جو ڪو اختيار نہ آهي، سو الله تعالیٰ ان کان پاڪ ۽ برتر بالا آهي، جنهن کي هو ان جو شريڪ ڪن ٿا. (68) هي ماڻهو جيڪو ڪجهہ پنهنجن سينن ۾ لڪائي رکن ٿا ۽ جو ڪجهہ ظاهر ڪن ٿا، تنهنجو پروردگار اهو سڀ ڪجهہ ڄاڻي ٿو. (69)

غور و فڪر ڪرڻ وارن لاءِ اها ڳالهه پروڙڻ مشڪل ناهي ته هڪ اهڙو گروهه آهي، جنهن سان اسان وعدو ڪيو آهي ۽ اسان جو اهو وعدو حقيقت جو روپ ڌاري ان جي اڳيان اچڻ وارو آهي ته ان ڪي هن دنيا ۾ تمام خوشگوار ۽ سرفراز واريون نعمتون به حاصل هونديون. (النور: 55/24) ته آخرت جي زندگيءَ ۾ به سندس سربلندي هوندي. يعني مؤمن الله جي تمام وعدن مطابق نعمتن ۽ نوازشن ۾ هوندو ۽ نافرمان جنهن کي قيامت ڏينهن الله تعالىٰ وٽ حاضر ڪيو ويندو ته عذاب ۾ هوندو. ٻنهي کي برابر نٿو ڪري سگهجي. اهو نافرمان گروهه مجرم جي حيثيت ۾ بارگاهه خداونديءَ ۾ تن تنها حاضر ٿيندو، هن سان ڪو به هن جو حمايتي وغيره نه هوندو. ان گروهه کان وڏي آواز پڇيو ويندو ته اوهان جا اهي اڳواڻ ليڊر ڪٿي آهن، جن کي اوهان منهنجو شريڪ بنايو هيو ۽ منهنجي حڪمن کي ڇڏي ان جي تابعداري اختيار ڪئي هئي ۽ توهان سمجهندا هئا ته اهي اوهان جي حمايت ۽ مدد ڪندا ۽ الله تعالىٰ جي گرفت ۽ عذاب کان آجو ڪرائي ڇڏيندا.

هنن گناهگارن کان بعد ٻئي طرف ٻيئنل، انهن اڳواڻن ۽ پيشوائن جي جماعت هوندي، جن تي سندن ڪڌن ڪرتوتن سبب عذاب الاهي جو فيصلو ٿي چڪو هوندو، اهي چوندا ته اسان جا پروردگار! واقعي اسان هنن کي گمراهه ڪيو هيو ڇو ته جڏهن اسان پاڻ گمراهه هياسون ته پوءِ هنن کي هدايت ڪٿان ڪري سگهون ها. ايتري قدر ته اها ڳالهه درست آهي، جنهن جو اسان اعتراف ڪيون ٿا، باقي اهو چوڻ ته هي اسان جي چوڻ تي اسان جي اطاعت ۽ فرمانبرداري ڪندا هئا. اصل حقيقت جي ابتڙ آهي. هي اسان جي تابعداري ان ڪري ڪندا هئا، جو هن ۾ ڪين پنهنجو فائدو نظر ايندو هو. يعني هو پنهنجي مفاد پرستي جي اطاعت ڪندا هئا. (البقره: 166/2-167، الانعام: 49/6، مريم: 19/ 81-82، العنڪبوت: 251/29، الاحقاف: 5-6/46) ان ڪري اسان هنن جي انهيءَ الزام کان بري الذمه آهيون ته هو اسان جي اطاعت ڪندا هئا. بهرڪيف انهن تابعداري اختيار ڪندڙن کي چيو ويندو ته هن مشڪل جي گهڙي ۾ پنهنجن پيشوائن ۽ ليڊرن کي سڏ ڪريو ته اهي توهان جي مدد ڪرڻ اچن، جن کي توهان خدا تعالىٰ جو شريڪ بڻايو هيو ۽ اوهان جو خيال هيو ته اهي اوهان جي مدد ۽ حمايت ڪندا. هو انهن کي زور زور سان پڪاريندا. پر ڪين هنن طرفان ڪو جواب نه ملندو. هو ڪهڙو جواب ڏيندا ۽ ڪهڙي مدد

ڪري سگهندا، جڏهن ڪين پنهنجي تباهي نظر اچي رهي هوندي. ڪاش جيڪڏهن هي نادان حق ۽ سچائيءَ جو ساٿ ڏين ها. هدايت واري واٽ اختيار ڪن ها، ڪفر ۽ شرڪ جي اونداهين ۾ نه ڪرن ها ته اڄ هنن جو اهڙو حشر چو ٿئي ها. (الڪهف: 52-53/18) جڏهن هو پنهنجن پيشوائن کان نااميد ٿي ويندا ته ان بعد ڪين چيو ويندو ته هي توهان ۽ توهان جي اڳواڻن درميان هيو، جن کي اوهان پنهنجو ڪارساز سمجهندا هئا، پر اهو ٻڌايو ته جڏهن اسان جا رسول سڳورا اوهان جي هدايت لاءِ آيا ۽ هر مشڪل جو مقابلو ڪري اوهان تائين الله ذوالجلال جو پيغام پهچايو، هو اوهان جي ڀلائي ۽ خير خواهي لاءِ هميشه پريشان رهيا. اوهان اهڙن محسنن ۽ رهبر شخصيتن کي ڇڏي، هنن بتن جي تابعداري چو ڪئي ۽ هنن جي پر خلوص دعوت جو ڪهڙو جواب ڏنو. پر هو ان ڏينهن جي هولناڪي ۽ دهشت کان ايترو ته بدحواس ۽ بي هوش نظر ايندا جو ان وقت ڪين ڪا به ڳالهه صاف صاف نظر نه ايندي. هر طرف کان پريشاني ۽ حيرانگيءَ جي حالت ۾ هوندا. مدهوشي جي اها حالت ڪنهن هڪ ماڻهو جي نه هوندي، پر پورو گروهه ان پريشانيءَ ۾ مبتلا هوندو. هر هڪ پنهنجي جان بچائڻ لاءِ سوچيندو، ٻيو ڪير به ڪنهن جي مدد نه ڪندو، نفسانفسي جو عالم هوندو. هنن جي هر سوچ ناڪاره هوندي ۽ نه وري ايتري هوش ۾ هوندا، جو هو ڪنهن ٻئي کان پڇي وٺن. ان ڪري اوهان هن موقعي کي غنيمت سمجهو، جو ڪجهه ڪرڻ گهرو ٿا، هينئر ڪري وٺو. هي وقت گذري وڃڻ بعد اوهان کي وري ڪو موقعو نصيب نه ٿيندو. ان ڪري اوهان کي آگاهه ڪيو ٿو وڃي ته جڏهن اوهان جي ڪارگذارين جي نتيجي ظاهر ٿيڻ جو وقت اچي ويندو ته توهان جي حالت بلڪل اها ٿي ويندي، جنهن جي تصوير توهان جي آڏو رکي وئي آهي. ان ڪري جو شخص به پنهنجي غلط روش کي ڇڏي ڏئي ۽ سڌي رستي تي هلڻ اختيار ڪري ۽ الله جي ڏنل صلاحيت، بخشش ۽ سودمند پروگرام تي عمل پيرا ٿئي ته پوءِ ان کي اميد رکڻ گهرجي ته هن جو شمار به انهن ماڻهن ۾ ٿيندو، جيڪي فلاح ۽ نجات پائڻ وارا آهن ۽ هنن کي نه هن دنيا ۾ ڪنهن خوف خطري جو ڊپ آهي ۽ نه وري آخرت ۾ انهن کي ڪو ڏک ۽ خوف ٿيندو ۽ سندن شمار انهن خوشقسمت ماڻهن ۾ هوندو، جيڪي فلاح ۽ ڪاميابي سان همڪنار هوندا.

زندگيءَ جي ڪاميابي ۽ ناڪامي خدا جي ان قانون مشيت مطابق واقع ٿيندي آهي، جنهن قانون مطابق ڪائنات جون مختلف شيون پيدا ٿين ٿيون. خداوند تعالىٰ انسان سميت سمورين شين کي مشيت ايزدي جي قانون مطابق پيدا ڪري ٿو، پوءِ جيڪي شيون زنده رهڻ ۽ اڳتي وڌڻ جون صلاحيتون حاصل ڪري وٺنديون آهن، انهن کي اڳتي وڌڻ لاءِ منتخب ڪيو ويندو آهي. اهو سڀ ڪجھ رب تعالىٰ جي طرفان هوندو آهي، جنهن ۾ انهيءَ مخلوق ۽ منتخب شين جو ڪو ڪردار نہ آهي. ان ڪري انهن جي تخليق ۽ انتخاب کي ڪنهن ٻئي ڏانهن منسوب ڪرڻ غلط آهي. (الحج: 75/22، آل عمران: 33/3) الله تعالىٰ هنن جي انهن ڳالهين کان گھڻو پاڪ ۽ بلند بالا آهي. هي ماڻهو جيڪي ڪجھ ظاهر ڪن ٿا ۽ جيڪي ڪجھ کي لڪائي رکن ٿا، الله تعالىٰ هنن جي سيني جا ڳجها راز بہ ڄاڻي ٿو ۽ جيڪي ڪجھ هو ظاهر ڪري رهيا آهن. ان کان بہ پورو واقف آهي تہ اهو ڪهڙي نيت ۽ ارادي سان ڪيو ويو آهي. مطلب تہ ڳجھہ ۽ ظاهر ٻئي الله تعالىٰ وٽ هڪ جهڙا ظاهر ۽ پڌرا آهن. ان ڪري ڪو ان غلط فهمي ۾ نہ رهي تہ هو پنهنجون اسڪيمون رات جي اونداهي يا اڪيلائي ۾ ڪري خدا تعالىٰ کي بي خبر رکي ويندو.

وَ هُوَ اللّٰهُ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ؕ لَهُ الْحَمْدُ فِی الْاُوْلٰی وَ الْاٰخِرَةِ ۫ وَ لَهُ الْحُكْمُ وَ
اِلَیْهِ تُرْجَعُوْنَ ﴿۷۰﴾ قُلْ اَرَءَیْتُمْ اِنْ جَعَلَ اللّٰهُ عَلَیْكُمُ الَّیْلَ سَرْمَدًا اِلٰی
یَوْمِ الْقِیٰمَةِ مَنْ اِلٰهٌ غَیْرُ اللّٰهِ یَاْتِیْكُمْ بِضِیَآءٍ ؕ اَفَلَا تَسْمَعُوْنَ ﴿۷۱﴾ قُلْ
اَرَءَیْتُمْ اِنْ جَعَلَ اللّٰهُ عَلَیْكُمُ النَّهَارَ سَرْمَدًا اِلٰی یَوْمِ الْقِیٰمَةِ مَنْ اِلٰهٌ
غَیْرُ اللّٰهِ یَاْتِیْكُمْ بِلَیْلٍ تَسْكُنُوْنَ فِیْهِ ؕ اَفَلَا تُبْصِرُوْنَ ﴿۷۲﴾ وَ مِنْ رَّحْمَتِهٖ
جَعَلَ لَكُمُ الَّیْلَ وَ النَّهَارَ لِتَسْكُنُوْا فِیْهِ وَ لِتَبْتَغُوْا مِنْ فَضْلِهٖ وَ لَعَلَّكُمْ
تَشْكُرُوْنَ ﴿۷۳﴾ وَ یَوْمَ یُنَادِیْهِمْ فَیَقُوْلُ اَیْنَ شُرَكَآءِیَ الَّذِیْنَ كُنْتُمْ

تَزْعُمُوْنَ ۝٧٤ وَ نَزَعْنَا مِنْ كُلِّ اُمَّةٍ شَهِيْدًا فَقُلْنَا هَاتُوْا بُرْهَانَكُمْ
فَعَلِمُوْٓا اَنَّ الْحَقَّ لِلّٰهِ وَضَلَّ عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَفْتَرُوْنَ ۝٧٥ ع

ع ١٠/٩

بس اهو ئي (هڪ) الله آهي، جنهن ڪانسواءِ ٻيو ڪو معبود ناهي، دنيا ۽ آخرت ۾ رڳو ان لاءِ حمد و ثنا آهي ۽ رڳو هن جي حڪمراني ۽ حڪم هلندڙ آهي ۽ سيني ڪي آخرڪار ان طرف موٽڻو آهي. (70) تون هنن کي چئو تہ توهان ڪڏهن هن ڳالهہ تي سوچيو آهي تہ الله تعالىٰ قيامت تائين رات کي اوهان تي مُسلط ڪري يعني پورو سال رات ئي رات هجي تہ پوءِ الله جل شانہ ڪانسواءِ ٻيو ڪهڙو معبود هوندو اوهان لاءِ روشني آڻي ڇا، توهان اهي حقيقت پروڙي نٿا سگهو. (71) وري ڪڏهن غور ڪيو اٿو تہ جيڪڏهن الله توهان تي ڏينهن کي هميشہ لاءِ قيامت تائين لازم ڪري ڇڏي ها تہ پوءِ اهو ڪير آهي جو توهان لاءِ رات واپس آڻي سگهي، جنهن ۾ اوهان آرام ڪري سگهو. (72) هي الله ذوالجلال جي رحمت آهي، جنهن توهان لاءِ رات ۽ ڏينهن پيدا ڪيا تہ جيئن رات ۾ اوهان آرام ڪريو ۽ ڏينهن ۾ ان جو فضل طلب ڪيو (رزق تلاش ڪريو) تہ جيئن اوهان الله تعالىٰ جي انهن نعمتن جو شڪر ادا ڪريون.( 73) جنهن ڏينهن هو هنن کي پڪاريندو۽ پڇندو ڪٿي آهن، منهنجا شريڪ جن تي اوهان پروسو ڪندا هئا.(74) اسان هر امت مان هڪ گواهہ ڪيندا سون پوءِ اسان هنن کي چونداسون تہ توهان پنهنجا دليل پيش ڪريو، پوءِ هنن کي پتو پئجي ويندو تہ واقعي الله ذوالجلال ئي سراپا حق آهي، (ان جو هر حڪم ۽ قانون برحق آهي) ان وقت سندن هر افتراءِ (گهڙيل ڪوڙ) گم (غائب) تي ويندو جيڪو هو ڪندا رهندا هئا.(75)

الله ذوالجلال جهڙي طرح تخليق علم ۽ اختيار ۾ احد ۽ يڪتا آهي، اهڙي طرح هن جي ذات پاڪ به الوهيت ۾ يگانا آهي. هن ڪانسواءِ ڪنهن جي به بندگي نه ٿيندي، جو ته هن جي ذات ۾ تمام خوبيون ۽ ڪمالات جمع آهن. هر شيءِ خدا تعالىٰ جي اقتدار ۽ اختيار ۾ آهي ۽ ان جي قانون تي عمل پيرا آهي، جنهن سان زندگيءَ جا عارضي نماءَ به حاصل ٿي وڃن ٿا ۽ خوشگوار آخرت جي زندگي به ملي وڃي ٿي ۽ اهو سارو نظام بنا نقص ۽ عيب يا ڪمي بغير هلي رهيو آهي، جو خود بخود زبان تان الحمدلله يعني حمد ۽ شڪراني جا جذبات ۽ الفاظ ظاهر ٿين ٿا، جنهن لاءِ دنيا ۽ آخرت ۾ حمد ئي حمد آهي. ڪائنات جي هن نظام جي حڪمرانيءَ جي واڳ سندس هٿ ۾ آهي. هر معاملي جو فيصلو قانون مڪافات هيٺ ٿيندو آهي. ڪا به شيءِ هن جي علم جي احاطي کان ٻاهر نه آهي، هر هڪ جا قدم ان طرف ئي کڄن ٿا. هن آيت ۾ الله تعالىٰ جي ذاتي ۽ صفاتي توحيد بيان ڪري ڪافرن جي سمورن شڪ شبهن ۽ اعتراضن جو جواب ڏئي ڇڏيو آهي.

هاڻي تنبيه جي ذريعي خبردار ڪيو ٿو وڃي ته غور و فڪر ڪريو ۽ سوچيو ته هي بي بها نعمتون بنا محنت مزدوري جي اوهان کي ڪنهن عطا ڪيون آهن. ڀلا ڪو ٻيو اهڙو معبود آهي، جو اهڙيون نعمتون عطا ڪري. هن شب و روز جي گردش تي غور ڪريو ته هنن جي نقل و حرڪت خدا جي قانون مطابق ٿي رهي آهي. هن مان ڏسو جڏهن رات ٿئي ٿي ۽ خداوند ڪريم ان کي لڳاتار جاري رکي ۽ ڏينهن نه اچي ته پوءِ ٻي ڪهڙي هستي آهي جو ڏينهن کي ساڳي طرح واپس آڻي. هنن کان پڇو ته ٻڌايو اوهان کي ڇا ڇا چيو ٿو وڃي. يا ائين ٿئي جو ڏينهن ٿيڻ بعد سج باقي رهي ۽ گهڻو عرصو ڏينهن هجي ته ٻڌايو ته الله ڪانسواءِ ڪا ٻي اهڙي هستي آهي، جو ڏينهن کي روڪي وري رات آڻي، اوهان جي سڪون ۽ راحت جو سامان پيدا ڪري. هي اهڙا مثال آهن، جيڪي هر روز اوهان جي اکين آڏو گذري رهيا آهن. ظاهر ۾ ته هي ايترو اهم نظر پيو اچي، پر زمين چنڊ ۽ سج جي پنهنجي ۽ هڪ ٻئي جي پنيان گردش ڪرڻ ۽ ڦرڻ سان هي نظام قائم آهي، جيڪو نهايت غور طلب ۽ سبق آموز آهي. هي رڳو الله جل شانه جو نظامِ رحمت ۽ ربوبيت آهي، جو هن ارضي ۽ سماوي نظام کي متوازن ۽ منافع بخش بڻايو آهي. الله تعالىٰ ڪانسواءِ ٻي ڪا به اهڙي هستي ناهي، جو هن ايڏي وڏي عقل کي حيران ڪندڙ نظام کي قائم رکي سگهي. رات جو وقت آرام لاءِ آهي ۽ ڏينهن جي روشني ڪم ڪار

ڪرڻ ۽ ڪاروبار هلائڻ لاءِ آهي تہ جيئن توهان جي ڪوشش جا ڀرپور نتيجا نمودار ٿين ۽ اوهان ان مان فائدا حاصل ڪري خداوند ڪريم جو شڪر ادا ڪريو. هي نظام خدا جي توحيد جو ثبوت آهي، جيڪو هن ڪائنات جي بهتري لاءِ قائم آهي. هنن مثالن بعد وري توهان ان منظر تي نظر وجهو جنهن جو ذڪر القصص: 62/28 ۾ آيو آهي، جنهن ڪي وري هت دهرايو ويو آهي تہ ان واقعي ڏانهن ڌسو غور ڪريو تہ جنهن ڏينهن خدا تعالىٰ هنن کي پڪاريندو ۽ چوندو تہ ٻڌايو توهان جا اهي اڳواڻ ۽ پيشوا ڪٿي آهن، جن کي توهان منهنجو شريڪ بڻائيندا هئا ۽ مون کي ڇڏي، انهن کي پنهنجو ڪارساز ۽ حمايتي سمجهندا هئا. ان وقت اسان هر امت مان هڪ گواهہ الڳ ڪنداسون ۽ پوءِ انهن (مشرڪن) کي چونداسون تہ اوهان منهنجي پيغمبرن جي توحيد واري پيغام باوجود توهان جو منهنجا شريڪ ڪندا هئا ۽ انهن جي عبادت ڪندا هئا، پنهنجي هن دعوىٰ جي ثبوت ۾ دليل ۽ سند پيش ڪريو. "وَنَزَعۡنَا مِنۡ كُلِّ أُمَّةٍ شَهِيدًا" (النحل: 16/84-89) ۾ بہ آيو آهي ۽ سورة النساءِ: 41/4 ۾ آهي: "فَكَيۡفَ إِذَا جِئۡنَا مِن كُلِّ أُمَّةٍ بِشَهِيدٍ وَجِئۡنَا بِكَ عَلَىٰ هَٰٓؤُلَآءِ شَهِيدًا" ان ڏينهن ڇا صورتحال هوندي جڏهن اسان هر امت مان هڪ گواهہ بيهارينداسون ۽ اي نبي خاتم النبيين ﷺ! توکي انهن تي گواهہ بڻائينداسون، جيڪو پيغمبر جنهن قوم ڏانهن موڪليو ويو آهي، اهو الله تعالىٰ جي عدالت ۾ استغاثہ جو گواهہ prosecution witness تي گواهي ڏيندو تہ اي الله عزو جل! مون کي جيڪا هدايت تنهنجي طرفان ملي هئي، مون اها پوري جي پوري پنهنجي قوم تائين پهچائي ڏني هئي. ان بعد هنن گواهن بعد پاڻ ڪريمن خاتم النبيين ﷺ کي انهن تي گواهہ ڪيو ويندو ۽ پوءِ هنن حق جي منڪرن کي چيو ويندو تہ پنهنجي دعوىٰ جي ثبوت ۾ ڪو دليل ڏيو، ڪا سند پيش ڪريو. اسان جي رسول تہ اوهان تائين اسان جو پيغام پهچايو هو، ان بعد ڇا ٿيو، هنن ڪافرن جو ان وقت ڪو جواب نهي ڪو نہ سگهندو ۽ اقرار ڪندا تہ اسان غلط هياسون، حق اهو ئي آهي جو الله تعالىٰ طرفان آيو. ان وقت اهو سڀ ڪجهہ جنهن ۾ هو افتراء ڪندا هئا ۽ ڪوڙا منصوبا جوڙيندا هئا، غائب ٿي ويندو ۽ هڪا ٻڪا رهجي ويندا. حيرانگي ۽ پريشاني جي عالم ۾ پنهنجي غلطين تي نادم هوندا ۽ ڪين يقين ٿي ويندو حق ۽ سچ اهو ئي جو الله تعالىٰ جي طرفان آهي.

اِنَّ قَارُوْنَ كَانَ مِنْ قَوْمِ مُوْسٰى فَبَغٰى عَلَيْهِمْ ۪ وَ اٰتَيْنٰهُ مِنَ الْكُنُوْزِ
مَاۤ اِنَّ مَفَاتِحَهٗ لَتَنُوْٓاُ بِالْعُصْبَةِ اُولِي الْقُوَّةِ ۗ اِذْ قَالَ لَهٗ قَوْمُهٗ لَا
تَفْرَحْ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ الْفَرِحِيْنَ ۝۷۶ وَ ابْتَغِ فِيْمَاۤ اٰتٰىكَ اللّٰهُ الدَّارَ
الْاٰخِرَةَ وَ لَا تَنْسَ نَصِيْبَكَ مِنَ الدُّنْيَا وَ اَحْسِنْ كَمَاۤ اَحْسَنَ اللّٰهُ
اِلَيْكَ وَ لَا تَبْغِ الْفَسَادَ فِي الْاَرْضِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ الْمُفْسِدِيْنَ ۝۷۷ قَالَ
اِنَّمَاۤ اُوْتِيْتُهٗ عَلٰى عِلْمٍ عِنْدِيْ ؕ اَوَ لَمْ يَعْلَمْ اَنَّ اللّٰهَ قَدْ اَهْلَكَ مِنْ
قَبْلِهٖ مِنَ الْقُرُوْنِ مَنْ هُوَ اَشَدُّ مِنْهُ قُوَّةً وَّ اَكْثَرُ جَمْعًا ؕ وَ لَا يُسْـَٔلُ
عَنْ ذُنُوْبِهِمُ الْمُجْرِمُوْنَ ۝۷۸ فَخَرَجَ عَلٰى قَوْمِهٖ فِيْ زِيْنَتِهٖ ؕ قَالَ الَّذِيْنَ
يُرِيْدُوْنَ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا يٰلَيْتَ لَنَا مِثْلَ مَاۤ اُوْتِيَ قَارُوْنُ ۙ اِنَّهٗ لَذُوْ حَظٍّ
عَظِيْمٍ ۝۷۹ وَ قَالَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْعِلْمَ وَيْلَكُمْ ثَوَابُ اللّٰهِ خَيْرٌ لِّمَنْ اٰمَنَ وَ
عَمِلَ صَالِحًا ۚ وَ لَا يُلَقّٰىهَاۤ اِلَّا الصّٰبِرُوْنَ ۝۸۰ فَخَسَفْنَا بِهٖ وَ بِدَارِهِ
الْاَرْضَ ۫ فَمَا كَانَ لَهٗ مِنْ فِئَةٍ يَّنْصُرُوْنَهٗ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ ۗ وَ مَا كَانَ
مِنَ الْمُنْتَصِرِيْنَ ۝۸۱ وَ اَصْبَحَ الَّذِيْنَ تَمَنَّوْا مَكَانَهٗ بِالْاَمْسِ يَقُوْلُوْنَ
وَيْكَاَنَّ اللّٰهَ يَبْسُطُ الرِّزْقَ لِمَنْ يَّشَآءُ مِنْ عِبَادِهٖ وَ يَقْدِرُ ۚ لَوْ لَاۤ اَنْ
مَّنَّ اللّٰهُ عَلَيْنَا لَخَسَفَ بِنَا ؕ وَيْكَاَنَّهٗ لَا يُفْلِحُ الْكٰفِرُوْنَ ۝۸۲ ع ۸ ۱۱

يقينًا قارون موسىٰ عليه السلام جي قوم مان هيو، ليڪن هن انهن جي خلاف بغاوت ڪئي. اسان هنن کي ايترا تہ خزانا ڏنا هئا، جو انهن جون (ڪنجيون) يعني خزاني جون پيتيون هڪ طاقتور جماعت مشڪل سان کڻي سگهندي هئي. جڏهن هن جي قوم هن کي چيو تہ آڪڙجي نہ وڃ، بيشڪ الله آڪڙ (فخر) ڪندڙن کي پسند نٿو ڪري. (76) ۽ جو ڪجهہ الله تعالىٰ توکي ڏنو آهي، ان مان دار آخرت (آخرت واري گهر) لاءِ ڪوشش ڪر. هن دنيا ۾ پنهنجو حصو نہ وسار. ماڻهن سان احسان ڪر، جهڙي طرح الله تعالىٰ توتي احسان ڪيو آهي ۽ زمين تي فساد برپا نہ ڪر، الله فساد ڪندڙن کي پسند نٿو ڪري. (77) هن چيو تہ هي سڀ ڪجهہ مون کي منهنجي علم ۽ قابليت جي ڪري مليو آهي. ڇا هن کي معلوم ناهي تہ الله عزو جل هن کان اڳ ڪيترين ئي قومن کي تباهہ ڪري چڪو آهي، جيڪي طاقت ۽ مال و اسباب جي فراواني ۾ هن کان گهڻو وڌيڪ هئا ۽ الله تعالىٰ جي حضور ۾ مجرم ماڻهن کان سندن غلطين بابت پڇيو ڪو نہ ويندو. (78) پوءِ هڪ ڏينهن پوري ٺاٺ باٺ سان پنهنجي قوم ۾ آيو، اهي ماڻهو جيڪي هن دنيا جي زندگي جا خواهشمند هئا، چوڻ لڳا ڪاش جو ڪجهہ قارون کي مليو آهي، اسان کي بہ ملي وڃي ها، يقينًا هو تمام وڏي بخت وارو آهي. (79) جن ماڻهن کي علم عطا ٿيو هيو، انهن چيو اوهان جي حال تي افسوس آهي (اهو نٿا ڄاڻو) تہ الله تعالىٰ طرفان عطا ڪيل ثواب هن کان گهڻو بهتر آهي، ان شخص جي لاءِ جنهن ايمان آندو ۽ نيڪ عمل ڪيا، پر اهو نہ ملندو، سواءِ ان ماڻهن جي جيڪي صبر ڪن ٿا. (80) تہ پوءِ اسان هنن کي سندس محل سميت زمين ۾ غرق ڪيوسين، تہ پوءِ هن لاءِ ڪو اهڙو لشڪر يا جماعت نہ هئا، جيڪي الله تعالىٰ جي مد مقابل ٿي سندس مدد ڪن ۽ نہ وري هو پاڻ بدلو وٺڻ وارن مان

**هيو. (81) ۽ جن ماڻهن ڪالهه هن جي مرتبي (ملڻ) جي خواهش ڏيکاري هئي، هاڻي هو اهو چئي رهيا هئا هاءِ افسوس (اسان تي) الله تعالىٰ پنهنجي ٻانهن مان جنهن جو گهري ٿو رزق ڪشادو ڪري ٿو ۽ تنگ ڪري ٿو، جيڪڏهن الله تعالىٰ اسان تي احسان نہ ڪيو هجي ها تہ اسان کي بہ زمين ۾ اندر غرق ڪري ڇڏي ها. افسوس تہ ڪافر بلڪل فلاح ۽ ڪاميابي حاصل نہ ڪري سگهندا. (82)**

يقينًا قارون بہ موسىٰ ؑ جي قوم بني اسرائيل مان هيو، يعني پيدائشي اسرائيلي هيو، جيڪو پنهنجي قوم کان بغاوت ڪري، فرعون جي قريب ٿي ويو هيو، ڪيس فرعون جي دربار ۾ خاص امتياز حاصل هيو، هو موسىٰ ؑ جو سڳو سوٽ هجڻ باوجود موسىٰ ؑ جو سخت مخالف هيو ۽ فرعون جي ڪري ماڻهن سان بي جا زيادتيون ڪري، تمام وڏو خزانو هٿ ڪيو هيو. انتها درجي جو ڪنجوس هيو، هر وقت مال ميڙڻ جي حرص ۾ لڳل هيو. ظالم جابر ۽ سرڪش حڪمران عوام تي پنهنجو ڪنٽرول قائم رکڻ لاءِ انهن مان چاپلوس خوشامدڙين کي هٿي ڏيندو ۽ اڳتي آڻيندو هيو ۽ انهن لاءِ سندس رعايت جا در کليل رهندا هئا، جيڪي عام ماڻهن لاءِ بند رهندا هئا. فرعون بہ انهيءَ پاليسي جو فرد هيو. جنهن جي دؤر ۾ اوباش، لوفر، چاپلوس ۽ خوشامندڙيا وڏن عهدن تي هئا، جڏهن تہ لائق ماڻهو فرعون جي عذابن ۾ جڪڙيل هيو. اها ساڳي پاليسي هندستان ۾ بہ هلائي، سر خانصاحب خانبهادر جهڙا لقب ڏئي ڪجهہ هندستانين (برصغير) جا ضمير خريد ڪري، باقي عوام تي راڄ ڪيو، اهڙن حڪمرانن جي تصوير سورة النمل: 34/27 ۾ ملڪه سبا جي زباني صاف ظاهر آهي، جنهن کي اسان خزانن مان اهو ڪجهہ خزانو ڏنو هيو. هڪ طاقتور جماعت بہ مشڪل کڻي سگهندي هئي يا ان خزاني جي حفاظت لاءِ هڪ مضبوط ۽ زوردار جماعت جي ضرورت هئي. دولت جي نشي هن کي بدمست ڪري ڇڏيو هيو. هو ماڻهن سان زيادتيون ڪري، سندن ڏن دولت تي قبضو ڪري وٺندو هيو. ڪجهہ سمجهدار ۽ سياڻن ڪيس چيو تہ تون پنهنجي دولت تي آڪڙجي نہ وڃ، هن جو نتيجو خراب نڪرندو ۽ تنهنجي اها روش الله

عزو جل کي پسند ناهي چو تہ مال و دولت تي اهو فخر غرور ۽ آکڙ الله تعالیٰ جي قانون ۾ درست ناهي.

ياد رهي تہ هت لفظ "مَفَاتِيْحُ" آيو آهي. "اَلْمَفْتَحُ" ميم جي زبر سان معنیٰ آهي خزانو، جنهن جو جمع "مَفَاتِيْحُ" آهي پر "اَلْمِفْتَحُ" ميم جي زير سان معنیٰ ڪنجي آهي ۽ هن جو جمع "مَفَاتِحُ" آهي. (مصباح اللغات -1، المنجد، حسن اللغات) مون هت "مَفَاتِحُ" مان مراد تجارت ورتي آهي. "وَاٰتَيْنٰهُ مِنَ الْكُنُوْزِ مَآ اِنَّ مَفَاتِحَهٗ" يعني "اَلْكُنُوْزُ" مان خدائي خزانن مان جو ڪجھ خزانو هن کي ڏنو هيو، اهو طاقتور جماعت مس ڪڻي تي سگهي. تفسير ڪبير ۾ مَفْتَحُ مَفَاتِيْح (ميم جي زبر سان) "خَزَآئِن" "مَخَازِن" آهي، يعني سون ۽ جواهر سان ڀريل پيٽيون يا صندوقون وغيره. اِخْتَارَهٗ ابن عباس والحسن (تفسير قرطبي: امام ابوعبدالله محمد بن احمد ابوبڪر القرطبي - تفسير الجواهر- تفسير الڪبير) چوتہ "مِفْتَحُ" (ميم جي زير سان) عقل نٿو مڃي تہ هڪ فرد جون ڪنجيون ايتريون وزني هجن. هت ايتريون ڪنجيون مراد وٺڻ مشڪل کي وڌيڪ مشڪل ڪرڻ آهي. بيان القرآن ۾ ڊاڪٽر اسرار احمد رحمة الله عليه "مَفَاتِحُ" مان اڄ ڪلھ جي ڪنجين کي تہ مناسب نہ سمجهيو آهي، پر ان وقت جي لڪڙيءَ جي دروازن وغيره لاءِ بند ڪرڻ لاءِ پيش ڪيل ڪنجين کي ترجيح ڏني اٿس. اها ترجيح بہ دل کي نٿي لڳي، اها ڊاڪٽر صاحب جي خيالي راءِ آهي، جنهن جو ثبوت ناهي. جاويد احمد غامدي "البيان" ۾ ڪجھ وڌيڪ وضاحت ڪئي آهي تہ جنهن جون ڪنجيون ايتريون وزني هونديون تہ خزانا ڪيترا هوندا، پر ان هوندي بہ اڪثر تفسيرن ان جو ترجمو ڪنجيون ڪيو آهي، ان ڪري ان جو انڪار نٿو ڪري سگهجي. (والله اعلم)

اسان اهو نٿا چئون تہ تون الله تعالیٰ طرفان مليل نعمتون ۽ خزانن تي نانگ ٿي ويهي رهہ، پر الله تعالیٰ جي هنن نعمتن ۽ نوازشن کي آخرت جو ثمر بنائڻ لاءِ بہ ڪوشش ڪر ۽ ان کي پنهنجي اهل و عيال جي جائز ضرورتن ۽ خواهشن کي بہ ڪم ۾ آڻ. سورة التوبه: 111/9 ۾ آهي: " اِنَّ اللّٰهَ اشْتَرٰى مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ اَنْفُسَهُمْ وَ اَمْوَالَهُمْ بِاَنَّ لَهُمُ الْجَنَّةَ " يقينًا الله تعالیٰ مؤمنن کان سندن جان ۽ مال جنت جي بدلي ۾ خريد ڪري ورتي آهي. ۽ دنيا ۾ پنهنجي حصي کي وساري نہ ڇڏ. ان ڪري ان مال ۾ وسائل کان محروم

ماڻهو، غريب، مسڪين، يتيم، اسير سڀ برابر جا حقدار آهن. دين اسلام جي خدمت لاءِ عوام جي بهتري لاءِ الله جي راهه ۾ خرچ ڪري آخرت ۾ جنت جون ڪنجيون حاصل ڪري وٺ. هن خداداد مال ۾ تنهنجي نفس ۽ لواحقين جو حصو آهي، اهو به ضرور حاصل ڪر. انهن حلال ۽ جائز شين ڪي دولت ميڙڻ جي حرص ۾ پاڻ تي به ضرور خرچ ڪر ۽ پاڻ لاءِ حرام نه بناءِ. " قُلۡ مَنۡ حَرَّمَ زِيۡنَةَ اللّٰهِ الَّتِيۡۤ اَخۡرَجَ لِعِبَادِهٖ وَ الطَّيِّبٰتِ مِنَ الرِّزۡقِ" (الاعراف: 32/7) جيڪي پاڪ ۽ حلال شيون الله طرفان ٻانهن جي زينت لاءِ پنهنجي رزق مان موڪليون آهن، انهن ڪي ڪنهن حرام ڪيو آهي. البته پاڻ تي خرچ ڪرڻ ۾ اسراف ۽ فضول خرچي کان پاسو ڪر. پنهنجي وسعت ۽ ضرورت لاءِ ضرور خرچ ڪر، ان کان زياده يا گهٽو خرچ ڪرڻ درست ناهي، سورة الفرقان: 67/25 ۾ عبادالرحمان جي صفت ۾ چيو ويو آهي: "وَ الَّذِيۡنَ اِذَاۤ اَنۡفَقُوۡا لَمۡ يُسۡرِفُوۡا وَ لَمۡ يَقۡتُرُوۡا وَ كَانَ بَيۡنَ ذٰلِكَ قَوَامًا" خدا تعالىٰ جا ٻانها (عبادالرحمان) جڏهن (پنهنجو مال) خرچ ڪن ٿا ته ان ۾ نه اسراف ڪن ٿا ۽ نه بخل ڪن ٿا، پر سندن خرچ درميان اعتدال ۾ هوندو آهي. "وَفِيۡۤ اَمۡوَالِهِمۡ حَقٌّ لِّلسَّآئِلِ وَ الۡمَحۡرُوۡمِ" (الذاريات: 19/51) "وَ يُطۡعِمُوۡنَ الطَّعَامَ عَلٰى حُبِّهٖ مِسۡكِيۡنًا وَّ يَتِيۡمًا وَّ اَسِيۡرًا" (الدهر: 8/76) هو پنهنجي مال مان محض الله تعالىٰ جي رضا خاطر مسڪينن، يتيمن ۽ قيدين کي کاڌو کارائين ٿا، جنهن ۾ هو ڪنهن بدلي ۽ شڪر گذاريءَ جي توقع نٿا رکن. "اَوۡ اِطۡعٰمٌ فِيۡ يَوۡمٍ ذِيۡ مَسۡغَبَةٍ ○ يَّتِيۡمًا ذَا مَقۡرَبَةٍ ○ اَوۡ مِسۡكِيۡنًا ذَا مَتۡرَبَةٍ○" (البلد: 14/90 کان 16، المعارج: 70/25-27) ۾ ڏڪار واري زماني ۾ مسڪينن کي، رشتيدار يتيم ٻار کي ۽ مٽيءَ ۾ ليٽڙيل مسڪين محتاج کي کاڌو کارائڻ. ۽ زمين ۾ فساد نه ڪريو، يقيناً الله فساد ڪندڙن کي پسند نٿو ڪري. (البقره: 11/2) ۽ پنهنجي مال دولت تي فخر نه ڪريو، ڇوته الله فخر ڪندڙن کي پسند نٿو ڪري ۽ دنيا حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجو حصو ڇڏي نه ڏيو ۽ ماڻهن تي احسان ڪريو، جهڙيءَ طرح الله توهان تي احسان ڪيو آهي.

ماڻهن جي نصيحت ٻڌي قارون چيو ته توهان کي منهنجي معاملن ۾ دخل ڏيڻ جو ڪهڙو حق آهي. هن دولت ڪمائڻ لاءِ مون تي ڪنهن جو ٿورو ناهي. اها دولت مون پنهنجي چالاڪي، حرفت، عقلمندي ۽ اعلىٰ منصوبه بندي سان ڪمائي آهي. ان ڪري رڳو مون کي حق آهي ته ان دولت جو ڇا ڪرڻو آهي. هن ۾ خدا جي قانون جي عمل دخل

جي کھڙي ضرورت آهي. ڪنهن کي بہ مون کان باز پرس ڪرڻ جو حق ناهي. هي تہ منهنجي حرفت ۽ هوشياريءَ جو ڦل آهي. ڪاش هن کي معلوم ٿئي تہ اهڙي قسم جي ذهنيت ۽ روش رکندڙ ڪيترين ئي قومن کي تباهہ ڪيو ويو آهي، جيڪي هن کان وڏيڪ قوت ۽ حشمت جي مالڪ هئا. انهن جو مال و دولت بہ هن کان زياده هيو، پر جڏهن هو پنهنجي طور طريقي تي اڙيا رهيا ۽ مال و دولت مان عوام کي محروم رکيو تہ آخر قانون مڪافات جي گرفت ۾ آيا ۽ تباهہ و برباد ٿي ويا. هنن جا جرم ايترا تہ عيان ۽ آشڪار هئا، جو ان جي تفتيش ڪرڻ جي بہ ضرورت نہ پئي ۽ تباهي هنن جو مقدر بڻجي وئي. جهڙي طرح سورة الرحمٰن: 55 /39 ۾ آهي: ”فَيَوْمَئِذٍ لَّا يُسْـَٔلُ عَنْ ذَنْۢبِهٖٓ اِنْسٌ وَّلَا جَآنٌّ ○ ساڳي سورة جي آيت 41 ۾ آهي: ”يُعْرَفُ الْمُجْرِمُوْنَ بِسِيْمٰهُمْ فَيُؤْخَذُ بِالنَّوَاصِيْ وَ الْاَقْدَامِ ○“ ان ڏينهن ڏوهارين انس و جان کان سندن ڏوهہ بابت پڇڻ جي ضرورت نہ هوندي، مجرم پنهنجن چهرن سان ئي سڃاتا ويندا تہ پوءِ انهن کي مٿي جي وارن کان پڪڙي نچوڙيو ويندو. پوءِ هڪ ڏينهن ماڻهن کي پنهنجو رعب وجهڻ، دٻدٻو ڏيکارڻ لاءِ پنهنجي دولت جي فراواني ۽ پنهنجي آرائش ۽ زيبائش ڏيکارڻ لاءِ ماڻهن ۾ نڪري آيو. جيڪي ماڻهو دنياوي زندگي جا قائل هئا ۽ آخرت کي وساري وينا هئا، اهي قارون جو ٺاٺ باٺ ڏسي چوڻ لڳا تہ جو ڪجهہ مال دولت ۽ سرمايو قارون کي مليو آهي، ڪاش اسان کي بہ ملي وڃي. قارون تہ واقعي خوش قسمت ۽ وڏي ڀاڳ وارو آهي. هن کان اڳ آيت 76 ۾ آيو آهي تہ ڪجهہ نيڪ ماڻهو هئا، جن قارون کي چيو تہ ”اِذْ قَالَ لَهٗ قَوْمُهٗ لَا تَفْرَحْ“ يعني فخر آڪڙ نہ ڪر. هت بہ جن ماڻهن کي الله تعالىٰ علم جي دولت سان نوازيو هيو ۽ ڪين هن دنيا جي بي ثبات ۽ بي بقا ٺاٺ باٺ جي خبر هئي، انهن اهڙن ماڻهن کي جيڪي قارون جي جلوي ۽ نمائش کان متاثر هيا، تن کي چيو تہ اوهان جي حال تي افسوس آهي، جو ٺٺا ڄاڻو تہ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ عمل صالح ڪيا، انهن لاءِ ثواب ۽ اجر (هن دولت کان) گهڻو بهتر آهي. توهان جنهن کي اڄ حسرت جي نگاهن سان ڏسي رهيا آهيو، سڀاڻي اوهان کي افسوس جا هٿ ملڻا پوندا. (النور: 55/24) حقيقت ۾ خير و برڪت وارو اهو مال هوندو آهي، جيڪو الله تعالىٰ جي حڪمن جي روشنيءَ ۾ حاصل ڪجي ۽ اهو انهن خوشنصيب ماڻهن کي ملندو آهي، جيڪي خدا تعالىٰ جي قانون جي صداقت تي يقين رکن ٿا ۽ معاشري جي اصلاح لاءِ رات ڏينهن ڪوشش ۾ رهن ٿا. ان ۾ ايندڙ

مشڪلاتن ۾ صبر ۽ استقامت سان رهن ٿا. سندن ايمان غير متزلزل ۽ يقين ڪامل هوندو آهي، قناعت ۽ صبر جو رستو اختيار ڪريو ۽ گهڻو مال گڏ ڪرڻ ۽ ضرورت کان ڏيک لڪائي رکڻ جي لعنت کان بچو. (الفجر: 18/89 کان 20)

جڏهن قارون نيڪ ماڻهن جو مشورو قبول نہ ڪيو ۽ رهندو آڪڙجي ويو تہ هي منهنجو مال منهنجي حرفت ۽ فن جو نتيجو آهي، ڪنهن جي عنايت يا بخشش ناهي، ڪيس سڌرڻ لاءِ مهلت ڏني وئي، پر ڪونہ سڌريو. آخرڪار قارون جي بدڪرداريءَ جي نتيجي نڪرڻ جو وقت اچي ويو تہ پوءِ اسان هن کي ۽ مال متاع سان پريل گهر کي اک چنيي ۾ تباهہ ڪري ڇڏيو. ان وقت الله کانسواءِ ٻيو ڪو اهڙو ماڻهو ڪو نہ هيو، جو هن کي الله تعالىٰ جي گرفت مان ڇڏائڻ لاءِ مدد ڪري ۽ نہ وري ان ۾ ايتري سڪت هئي جو پاڻ انتقام وٺي سگهي. ڪالهہ تائين جيڪي ماڻهو قارون جي دولت کان متاثر هئا ۽ سندن خواهش هئي تہ اهڙي دولت هنن کي بہ ملي وڃي. جڏهن قارون جي تباهي پنهنجي اکين سان ڏٺائون، تن چيو تہ واقعي اسان جي غلطي هئي جو اسان قارون جي مال لاءِ رشڪ ڪري رهيا هئاسون. مال و دولت جي تنگي ۽ فراواني خدا تعالىٰ طرفان ان جي قانون مشيت مطابق ٻانهن تي ٿيندي آهي، جيڪو شخص جهڙو رويو ۽ روش اختيار ڪري ٿو تہ ان جو نتيجو بہ ان مطابق نڪري ٿو. جيڪڏهن اسان تي الله تعالىٰ جو احسان نہ هجي ها تہ اسان بہ قارون واري روش اختيار ڪريون ها ۽ تباهہ ٿي وڃون ها. اسان تي اها حقيقت پوري طرح صاف ۽ چٽي ٿي چڪي آهي تہ جيڪڏهن ماڻهو دولت کي لڪائي رکن ٿا ۽ عوام کي سندن حق کان محروم ڪن ٿا اهي ڪڏهن بہ ڪاميابي ماڻي نٿا سگهن، خدا اسان کي بچايو اسان بہ تباهہ ٿي وڃون ها. افسوس تہ ڪافر هرگز فلاح ۽ ڪاميابي حاصل ڪري نہ سگهندا.

تِلْكَ الدَّارُ الْاٰخِرَةُ نَجْعَلُهَا لِلَّذِيْنَ لَا يُرِيْدُوْنَ عُلُوًّا فِي الْاَرْضِ وَ لَا
فَسَادًا ؕ وَ الْعَاقِبَةُ لِلْمُتَّقِيْنَ ۝٨٣ مَنْ جَآءَ بِالْحَسَنَةِ فَلَهٗ خَيْرٌ مِّنْهَا ۚ
وَمَنْ جَآءَ بِالسَّيِّئَةِ فَلَا يُجْزَى الَّذِيْنَ عَمِلُوا السَّيِّاٰتِ اِلَّا مَا كَانُوْا

يَعْمَلُوْنَ ﴿٨٤﴾ اِنَّ الَّذِيْ فَرَضَ عَلَيْكَ الْقُرْاٰنَ لَرَآدُّكَ اِلٰى مَعَادٍ ؕ قُلْ
رَّبِّيْٓ اَعْلَمُ مَنْ جَآءَ بِالْهُدٰى وَ مَنْ هُوَ فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿٨٥﴾ وَ مَا كُنْتَ
تَرْجُوْٓا اَنْ يُّلْقٰٓى اِلَيْكَ الْكِتٰبُ اِلَّا رَحْمَةً مِّنْ رَّبِّكَ فَلَا تَكُوْنَنَّ
ظَهِيْرًا لِّلْكٰفِرِيْنَ ﴿٨٦﴾ وَ لَا يَصُدُّنَّكَ عَنْ اٰيٰتِ اللّٰهِ بَعْدَ اِذْ اُنْزِلَتْ اِلَيْكَ
وَادْعُ اِلٰى رَبِّكَ وَ لَا تَكُوْنَنَّ مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ﴿٨٧﴾ وَ لَا تَدْعُ مَعَ اللّٰهِ
اِلٰهًا اٰخَرَ ۘ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۫ كُلُّ شَيْءٍ هَالِكٌ اِلَّا وَجْهَهٗ ؕ لَهُ الْحُكْمُ
وَ اِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ ﴿٨٨﴾ ع

وقف لازم
ع ٩ ١٢
الثلثة

اهو (شانائتو) آخرت جو گهر اسان انهن ماڻهن لاءِ مخصوص (Reserve) ڪيو آهي، جيڪي زمين تي نہ اقتدار ۽ اختيار جي تمنا رکن ٿا ۽ نہ وري فساد برپا ڪن ٿا ۽ آخرت جي زندگي تہ آهي ئي تقوىٰ وارن لاءِ. (83) جيڪو شخص بہ نيڪي ساڻ ڪٽي ايندو تہ ان لاءِ ان کان بهتر ڀلائي آهي ۽ جيڪو شخص برائي پاڻ سان گڏ آڻيندو تہ ان برائي آڻيندڙ کي ان برائيءَ جيترو بدلو ملندو. (84) ان ڪري اي نبي مڪرم ﷺ! جنهن (الله) توتي هن قرآن جي ذميداري وڌي آهي, اهو اوهان کي سني انعام تائين پهچائيندو. هنن کي چئو تہ منهنجو الله عزو جل خوب ڄاڻي ٿو، ان کي بہ جيڪو خدا جي هدايت ڪٽي آيو آهي ۽ ان کي بہ جيڪو کلي گمراهي ۾ پيل آهي. (85) اي نبي محترم ﷺ! توکي اها توقع بہ ڪانہ هئي تہ توتي هي ڪتاب نازل ٿئي، هي تہ محض تنهنجي پروردگار جي عنايت هئي (جنهن توکي هن ذميواري ادا ڪرڻ لاءِ منتخب ڪيو آهي.) ان ڪري توهان انهن ڪافرن جا هرگز مددگار نہ ٿجو. (86)

ائين هرگز نہ ٿئي تہ هي خدا جون جيڪي آيتون تو تي نازل ٿيون آهن، توکي ان کان روڪي ڇڏين. تون هنن کي الله طرف اچڻ جي دعوت ڏيندو رهہ ۽ شرڪ جهڙي گناهہ وارن ۾ شامل ٿيڻ کان پاڻ بچائي رک. (87) ۽ الله کانسواءِ ڪنهن ٻئي معبود کي نہ پڪاريو. هن کانسواءِ ڪو ٻيو معبود ڪونهي. هن جي پاڪ ذات کانسواءِ هر شيءِ فاني آهي. (آخرڪار) فيصلو ان جي اختيار ۾ آهي ۽ توهان سڀئي ان طرف موٽايا ويندا.(88)

---

هن کان اڳ آيت 77 ۾ ڪجهہ نيڪ ۽ خدا ترس ماڻهن قارون کي چيو هيو تہ "وَابۡتَغِ فِيۡمَاۤ اٰتٰىكَ اللّٰهُ الدَّارَ الۡاٰخِرَةَ" (قارون!) جيڪو ڪجهہ الله تعالىٰ توکي ڏنو آهي، ان سان دارالآخرت حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪر. هت چيو وڃي ٿو تہ آخرت جو گهر اسان انهن ماڻهن لاءِ مخصوص ڪيون ٿا، جيڪي ماڻهو نہ زمين تي اقتدار ۽ اختيار جي خواهش رکن ٿا ۽ نہ وري فساد ڦهلائڻ گهرن ٿا، هت اقتدار جي خواهش مان مراد اقتدار حاصل ڪرڻ جو حرص آهي. يعني اهي نيڪ ماڻهو اقتدار پنيان ڊوڙن نٿا. باقي اسلامي مملڪت ۾ اقتدار جي ذميواري سنڀالڻ کان روڪيو نہ ويو آهي. سورة الحج: 41/22) ۾ آهي: "اَلَّذِيۡنَ اِنۡ مَّكَّنّٰهُمۡ فِى الۡاَرۡضِ اَقَامُوا الصَّلٰوةَ وَ اٰتَوُا الزَّكٰوةَ وَ اَمَرُوۡا بِالۡمَعۡرُوۡفِ وَ نَهَوۡا عَنِ الۡمُنۡكَرِ" انهن ماڻهن کي جڏهن زمين ۾ اقتدار ڏينداسون تہ اقامت صلواة جو اهتمام ڪندا، زڪواة جو نظام رائج ڪندا ۽ چڱن ڪمن جو حڪم ڪندا ۽ برن ڪمن کان روڪيندا. اهڙي طرح سوره يوسف: 56/12 ۾ آهي: " وَ كَذٰلِكَ مَكَّنَّا لِيُوۡسُفَ فِى الۡاَرۡضِ" اهڙي طرح يوسف عليه السلام جا مصر جي سر زمين تي پير ڄماياسون. يعني صاحب اقتدار ڪيوسيون. "وَلَيُمَكِّنَنَّ لَهُمۡ دِيۡنَهُمُ" (النور 24/55) ۾ آهي "اوهان مان جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا، تن سان الله تعالىٰ جو وعدو آهي تہ انهن کي ضرور ملڪ جي خلافت عنايت ڪندو، جيئن توهان کان اڳ اڳين کي حڪومت سان سرفراز ڪيائين". اهي ان دين کي مضبوط ڪندا، جيڪو هنن لاءِ پسند فرمايو اٿس. اهڙي طرح پاڻ ڪريم خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم جي رياست جا پاڻ سربراهہ هئا. ان ڪري اقتدار جي خواهش رکڻ ۽ اقتدار جي ذميداري نڀائڻ ۾ فرق آهي. ان ڪري خلافت جي پاڻ گهر ناهي ڪئي، پر مجلس شورىٰ يا عوام

جنهن کي لائق سمجهي، حڪومت جي ذميواري ڏيندي آهي، اهو خليفو حڪمران ٿيندو آهي، پر آخرت جي زندگي جون راحتون ۽ نعمتون متقي ۽ پرهيزگار ماڻهن لاءِ آهن، جيڪي دنيا ۾ هر برائيءَ کان پاڻ کي بچائي رکن ٿا.

تمڪين بالاض يعني خلافت، حڪمراني يا اختيار ان ماڻهوءَ کي جڳائي جو پنهنجي دل، دماغ، سوچ سمجهه جي ڪنهن گوشي ۾ اقتدار جي هوس جو بکيو نه هجي يا پنهنجو نانءُ، نمود ۽ ذاتي مفاد مقصود نه هجن. تڪبر غرور ۽ طاقت جو ناجائز استعمال نه ڪري پر جنهن ۾ خلوص ايمانداري، همدردي ۽ رهنمائي جون خوبيون هونديون ۽ اهو ملڪ ۾ نيڪي آڻيندو ته ان کي هڪ نيڪي کان گهٽو ملي ويندو. (النمل: 89/27) ۽ جيڪو برائي وٺي ايندو ته برائي ڪندڙن کي وڌيڪ بدلو نه ڏنو ويندو پر اوترو جيتري هن برائي ڪئي آهي. مطلب ته برائيءَ جي سزا برائي جي عين مطابق هوندي، ان ۾ ڪنهن قسم جي زيادتي نه ڪئي ويندي، پر جيڪو نيڪوڪارن لاءِ سندن نيڪين ۾ الله ذوالجلال جي فضل و ڪرم سان ڏهه ڀيرا کان ست سؤ ڀيرا تائين اضافو ڪيو ويندو. هن آيت سڳوري ۾ به نيڪيءَ جو اجر "خَيْرٌ مِّنْهَا" آهي، يعني اهو خير ڪثير جنهن جي ڪا حد ۽ انتها نه آهي. (البقره: 261/2) "وَ اللّٰهُ يُضٰعِفُ لِمَنْ يَّشَآءُ" جنهن کي گهرندو آهي ته مشيت جي قانون مطابق رحمت ۽ ربوبيت ڪري ٻيڻو ٽيڻو ڏيندو آهي. ان ڪري عام چواڻي آهي "ڏهه دنيا ستر آخرت". (الروم: 39/30، الانعام: 30/6)

هي آهن اسان جا غير متبدل قانون، جيڪي شروع کان اهڙي طرح بيان ٿيندا رهيا آهن. انهن قانونن تي سختيءَ سان عمل درآمد ڪرڻ جو حڪم آهي ۽ مسلمان جي اها بنيادي ذميداري آهي. هنن قانونن جي هجڻ سان توکي تسلي هئڻ گهرجي ته ڪاميابي تنهنجي آهي، ان ڪري اي پيارا رسول خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! توکي ڪنهن به حالت ۾ گهٻرائڻ نه گهرجي، قريش جي هن فرعون ۽ قاروني رويه ۽ سلوڪ برابر تنهنجي ذات گرامي ۽ تنهنجي جماعت کي تنگ ڪيو آهي. جنهن سبب توکي حرم ڪعبة کي به مجبورًا ڇڏڻو پيو آهي. پر ياد رک جنهن الله عزو جل جا اهي قانون محڪم مضبوط ۽ اٽل آهن، اهو توکي وري هن معزز مقام تي موٽائي آڻيندو ۽ نهايت "فتح مبين" واري شان و شوڪت سان واپس آڻيندو. ان ڪري تون پاڻ به سڪون ۽ اطمينان سان رهه ۽ پنهنجي جماعت جي تسڪين خاطر لاءِ تسلي ڏيندا رهو. ڪين ٻڌايو ته الله تعالیٰ کي

پوري خبر آهي تہ ڪير زندگيءَ جي صحيح روش تي هلي رهيو آهي ۽ ڪير غلط رستي تي هليو رهيو آهي. بالا آخر نتيجا ان موجب نڪرندا آهن. نيڪيءَ جا نتيجا سٺا تہ برائي جا نتيجا برا هوندا آهن. (النمل: 92/27) ۾ آهي: ”وَاَنۡ اَتۡلُوَا الۡقُرۡاٰنَ“ يعني مون کي حڪم ڏنو ويو آهي تہ مان توهان کي قرآن پڙهي ٻڌايان، ان ڪري ”فَرَضَ عَلَيۡكَ الۡقُرۡاٰنَ“ قرآن جي تلاوت، تعليم ۽ تبليغ ڏيڻ فرض ڪئي وئي آهي. سورة المائده: 67/5 ۾ پاڻ ڪريمن ﷺ جي انهيءَ ذميداري جو حڪم آهي: ”يٰۤاَيُّهَا الرَّسُوۡلُ بَلِّغۡ مَاۤ اُنۡزِلَ اِلَيۡكَ مِنۡ رَّبِّكَ ؕ وَاِنۡ لَّمۡ تَفۡعَلۡ فَمَا بَلَّغۡتَ رِسَالَتَهٗ ؕ“ اي رسول ﷺ! الله جل شانه طرفان توتي جو ڪجھ نازل ڪيو ويو آهي، اهو ٻين تائين پهچائي ڇڏ. (بالفرض) تو ائين نہ ڪيو تہ تون ان جي رسالت جو حق ادا نہ ڪيو. حجة الوداع جي موقعي تي پاڻ سوا لک کن مؤمنن کي تاڪيد ڪري چيو: ”فَلْيُبَلِّغِ الشَّاهِدُ الْغَائِبَ“ جيڪو هت حاضر آهي، اهو ان تائين پهچائي ڏئي، جيڪو حاضر نہ آهي ان ڪري قيامت تائين اها ذميواري سندس امت جي هر فرد تي آهي تہ اهو پنهنجي استطاعت ۽ بساط موجب تبليغ جاري رکي. ”مَعَاد“ جو لفظ عَادَ يَعُوۡدُ کان آهي، جنهن مان تفسيرن مَعَاد يعني آخرت بہ مراد ورتي آهي تہ ڪن پاڻ ڪريمن ﷺ جو حرم ڪعبة کي ڇڏڻ، جڏهن پاڻ سڳورن ڪعبة الله کي چنبڙي چيو تہ مون کي تو سان بي حد محبت آهي، مگر ڇا ڪريان، مون کي بستيءَ جا ماڻهو رهڻ نٿا ڏين. اهڙي طرح مڪہ کان مدينہ هجرت ڪرڻ وقت جڏهن هو ان چوراهي تي پهتو، جتان هڪ طرف مڪہ ٻئي طرف مدينہ هيو تہ اتي بہ ڪجھ وقت ويهي غمگينيءَ جي صورت ۾ چيو تہ اي ڪعبة الله! مون کي توسان گهڻو پيار آهي، پر مڪي جا ماڻهو مون کي رهڻ نٿا ڏين، ان ڪري مَعَاد مان مراد مڪه بہ آهي. هجرت بعد فتح مڪه جو وعدو پورو ٿيو. هن مان مراد آخرت بہ آهي.

بعثت کان اڳ ۾ نہ تون ان ڳالھ جو اميدوار هئين تہ توتي قرآن نازل ڪيو وڃي ۽ نہ وري تو ان لاءِ ڪوشش ڪئي. (النمل: 6/27، يونس: 16/10، الشوريٰ: 52/42) بعثت کان اڳ بہ تون صادق امين هئين تہ بعثت بعد تون رحمة للعالمين آهين. هي سڀ ڪجھ تنهنجي بعثت ۽ رسالت تي فائز ٿيڻ بعد ٿيو، جيڪو الله جل شانه جي رحمت جو ظهور آهي. جڏهن توکي تنهنجي پروردگار هن اهم فريضي جي ادائگيءَ جو حڪم ڏنو آهي. ان دوران ناموافق ۽ نامساعد حالات ۾ مايوسي جو ڪهڙو سبب آهي، جنهن جي ڪري

تو ڪي ضرورت محسوس ٿي تہ مخالفن جي قهر و غضب جي باھ کي ٺڏو ڪرڻ لاءِ انهن جي مفاهمت واري طلب پوري ڪري وجهين. ”وَدُّوْا لَوْ تُدْهِنُ فَيُدْهِنُوْنَ○“ (القلم: 9/68) هو گهرن ٿا تہ جيڪڏهن تون پنهنجي هن ذميداريءَ کان هٽي وڃين تہ پوءِ هو بہ هٽي ويندا ۽ مفاهمت ٿي ويندي، پر جيڪو شخص حق جو پيغمبر هجي تہ اهو حق کان هٽي وڃڻ لاءِ ڇو ڪندو، اهو تہ ڪافرن جي پروگرام کي تقويت ڏيڻ ۽ دين جي ڪم کي ڪمزور ڪرڻ برابر هوندو. ان ڪري رشتيداري عزازت، دوستي يا ڪا بي اهڙي حالتِ مفاهمت توکي حق واري طريقه حيات کان هٽائي، غلط راھ هلندڙن طرف مائل نہ ڪري. سورة النساءِ: 109/4) ۾ بہ ان فيصلي ڏانهن ڌيان ڇڪايو ويو آهي، جنهن ۾ ڪجھ ماڻهو مسلمان پاءُ ڏوهاري کي بچائي، ناحق يهودي خلاف فيصلو وٺڻ جا خواهان هئا، پر تو هنن جي ڳالھ قبول نہ ڪئي ۽ برحق فيصلو ڏنو. حضرت موسىٰ ؑ غيرارادي قتل واري واقعي جي معافي بعد چيو تہ ”فَلَنْ اَكُوْنَ ظَهِيْرًا لِّلْمُجْرِمِيْنَ“ مان ڏوهارين جو مددگار نہ ٿيان سو ڏوهارين کي ڏوھ کان ٽوڪڻ بدران سندن مرضيءَ مطابق ڪنهن مفاهمت طور خاموش رهجي تہ اها بہ هنن جي مدد ٿيندي.

ياد رکو هي مخالف گروھ الله تعالىٰ جي آيتن، حڪمن ۽ قانونن کي جيڪي توتي هن قرآن ذريعي نازل ٿي رهيا آهن، تن کي عوام تائين پهچائڻ ۾ هي توکي روڪي ڪونہ سگهندا. ان ڪري هنن جي مخالفت تي ڪو خوف ڪائڻ جي ضرورت ناهي. خدا جو هي نظام بهر صورت قائم ٿي رهندو، ان ڪري تون ماڻهن کي هن قرآن طرف اچڻ جي دعوت ڏيندو رھ ۽ انهن سان ڪنهن بہ قسم جي سمجهوتي يا مفاهمت جو خيال بہ دل ۾ نہ اچي، ڇو تہ مفاهمت جي معنىٰ آهي ڪوئي اهڙو ملندڙ جلندڙ رستو اختيار ڪجي، جنهن ۾ ٻئي ڌريون خوش رهن، جنهن ۾ ڪجھ خدا تعالىٰ جا حڪم هجن تہ ڪجھ انسانن جي پنهنجي سوچ ۽ راءِ هجي. خدا تعالىٰ جي حق سچ وارن حڪمن کي مخالفن جي ناحق راءِ زيادتي ۽ ڪوڙ وارين رٿائن کي کھڙي طرح ملائي سگهجي ٿو، اهو ممڪن ئي ناهي. ان ڪري تون دعوت حق کي جاري رک، ڪاميابي تنهنجي هوندي. هن آيت ۾ بظاهر خطاب پاڻ ڪريمن خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ ﷺ کي آهي، پر اصل ۾ اهو تمام مسلمان مؤمنن لاءِ يا نوع انسان لاءِ آهي تہ الله جل شانه کانسواءِ ڪنهن ٻئي کي معبود سمجهي، يا حاجت روا ۽ ڪارساز بنائي، ان کي پڪارڻ، ان جي اطاعت ڪرڻ

کان روڪيو ويو آهي، ڇو تہ اها رڳو الله جل شانہ کي جڳائي ٿي. جنهن وحده لا شريڪ له کان سواءِ ڪو ٻيو معبود يا الله موجود ناهي، ان جي پاڪ ذات گرامي کي ئي بقا آهي، باقي ٻيو سڀ ڪجهہ فاني آهي. ” كُلُّ شَيۡءٍ هَالِكٌ اِلَّا وَجۡهَهٗ “ اهو ئي حيُّ ۽ قيُّوم آهي، (الرحمان: 27/55) اهوئي احد آهي، جنهن جو نہ ڪو شريڪ آهي، نہ وري مد مقابل آهي. (هود: 11) حضرت ابوبڪر رضي الله تعالیٰ عنه جو قول آهي: ”اَلۡعِجۡزُ عَنۡ دَرَكِ الذَّاتِ اِدۡرَاكٌ“ الله تعالیٰ جي باري ۾ ادراڪ کان عجز ظاهر ڪرڻ ئي ان جي ذات پاڪ جو ادراڪ آهي. ”لَا تُدۡرِكُهُ الۡاَبۡصَارُ ۡ وَهُوَ يُدۡرِكُ الۡاَبۡصَارَ“. ”وَلَا يُحِيۡطُوۡنَ بِشَيۡءٍ مِّنۡ عِلۡمِهٖۤ“. هن جو وسيع ۽ بسيط علم جو احاطو ڪرڻ ناممڪن آهي. الله سبحانہ جي ذات گرامي بابت تمام وڏي صوفي ابن عربي رحمة الله عليه وغيره جو بہ اهو خيال آهي، جيڪو حضرت مجدد الف ثاني شيخ احمد سرهندي رحمة الله عليه جن جي ذات پاڪ باري تعالیٰ لاءِ وراءُ الوراءِ ثم وراءُ الوراءِ ثم وراءُ الوراءِ آهي، جنهن کي عقل، علم ۽ فهم فراست تي پرکي نٿا سگهن. صرف الله کي معلوم آهي تہ هن جي ذات جي گهرائي ڪيتري فلسفي ۾ آهي. دانشور بہ عاجز ٿي چون ٿا: هوَ هُوَ ۽ ڪَانَ مَا ڪَانَ.

دریں ورطہ گم گشت کشتی ہزار
کہ پیدا نہ شد تخت اش بر کنار

(بوستان: شيخ سعدي رحمة الله عليه)

---

الحمد لله والمنة والشڪر له. بفضله وعونه قد تمت شرح البيان و ترجمة سورة القصص مؤرخه 9 صفر المظفر 1445هجري مطابق 27 آگسٽ 2023 بالخير والعافية. من احقر العباد خادم العلماءِ مشتاق سشاروي. وما توفيقي الا بالله
بارڪ الله لي ولڪم في القرآن العظيم ونفعني و اياڪم بالآيات والذڪر الحڪيم

(حيدرآباد، سنڌ، پاڪستان)

# سُوۡرَةُ الۡعَنۡكَبُوۡتِ

هن سورت جو نالو آيت نمبر 41 ”مَثَلُ الَّذِيۡنَ اتَّخَذُوۡا مِنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ اَوۡلِيَآءَ كَمَثَلِ الۡعَنۡكَبُوۡتِ“ مان ورتل آهي. هن سورت جي شروعات بہ ”الٓمّٓ“ يعني *منم خدائی کہ می دانم ہمہ چیزرا* هي ترجمو غوث الحق حضرت مخدوم نوح سرور ﷺ جي ترجمي مان ورتل آهي. هيءَ مڪي سورت آهي. هن جون آيتون 79 ۽ رڪوع 7 آهن. قرآن پاڪ جي ترتيب ۾ هي 29 سورت آهي، مگر نزول جي حساب سان 81 شمار ڪئي وڃي ٿي، يعني 80 سورتون هن کان اڳ مڪہ معظمہ ۾ نازل ٿي چڪيون هيون ۽ ان کان بعد 9 سورتون هجرت کان اڳ مڪہ معظمہ ۾ نازل ٿيون ۽ باقي 24 سورتون مديني منوره ۾ نازل ٿيون. سورت پڙهڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ هن سورت جي نزول ٿيڻ وقت مڪہ معظمہ ۾ مسلمان سخت تڪليف ۽ مصيبت جو شڪار هيا. ڪافر اسلام جي مخالفت پوري زور شور سان ڪري رهيا هيا ۽ ايمان وارن لاءِ سخت ظلم وستم ڪيو ٿي ويو. الله تعاليٰ هن سورت ۾ مسلمانن جي حوصلي، همت، عزم ۽ استقامت پيدا ڪرڻ ۽ ٻئي طرف ضعيف الايمان ماڻهن ڪي همت ڪرڻ لاءِ نازل ڪرڻ فرمائي آهي. ان وقت ڪافر پنهنجي نوجوان مسلمانن تي زور پريندا هيا تہ هن دين ڪي ڇڏي ڏيو ۽ اسان جي دين ۾ واپس اچو، جنهن جو جواب آيت 8 ۾ ڏنو ويو آهي. مسلمانن ڪي يقين، اطمينان ۽ تسلي ڏيڻ خاطر اڳين نبين جا قصا بيان ڪيا ويا آهن، جن ڪيتريون تڪليفون برداشت ڪيون، پر آخرڪار ڪامياب ٿيا. مسلمانن ڪي بہ يقين هئڻ ڪپي تہ آخرڪار ڪاميابي هنن جي ٿيندي. هن سورت ۾ جن ڪافرن ڪي چيو ويو آهي تہ الله تعاليٰ کان سواءِ توهان جن ڪي پنهنجو سرپرست بنايو آهي، اهي مڪڙي جي ڄار واري گهر وانگر آهي، جيڪو نهايت ڪمزور آهي.

آيتون ٦٩ | سُورَةُ الْعَنْكَبُوتِ (مکي سورت) | رکوع ٧

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

الٓمّٓ ۚ ﴿۱﴾ اَحَسِبَ النَّاسُ اَنۡ يُّتۡرَكُوۡۤا اَنۡ يَّقُوۡلُوۡۤا اٰمَنَّا وَ هُمۡ لَا يُفۡتَنُوۡنَ ﴿۲﴾
وَ لَقَدۡ فَتَنَّا الَّذِيۡنَ مِنۡ قَبۡلِهِمۡ فَلَيَعۡلَمَنَّ اللّٰهُ الَّذِيۡنَ صَدَقُوۡا وَ لَيَعۡلَمَنَّ
الۡكٰذِبِيۡنَ ﴿۳﴾ اَمۡ حَسِبَ الَّذِيۡنَ يَعۡمَلُوۡنَ السَّيِّاٰتِ اَنۡ يَّسۡبِقُوۡنَا ؕ سَآءَ
مَا يَحۡكُمُوۡنَ ﴿۴﴾ مَنۡ كَانَ يَرۡجُوۡا لِقَآءَ اللّٰهِ فَاِنَّ اَجَلَ اللّٰهِ لَاٰتٍ ؕ وَ هُوَ
السَّمِيۡعُ الۡعَلِيۡمُ ﴿۵﴾ وَ مَنۡ جَاهَدَ فَاِنَّمَا يُجَاهِدُ لِنَفۡسِهٖ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَغَنِىٌّ
عَنِ الۡعٰلَمِيۡنَ ﴿۶﴾ وَ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَنُكَفِّرَنَّ عَنۡهُمۡ
سَيِّاٰتِهِمۡ وَ لَنَجۡزِيَنَّهُمۡ اَحۡسَنَ الَّذِىۡ كَانُوۡا يَعۡمَلُوۡنَ ﴿۷﴾

الله جي نالي سان شروع جو نهايت مهربان ۽ هميشه رحم ڪرڻ وارو آهي.

الف لام ميم (1) ڇا ماڻهن ائين سمجهيو ته هنن کي ڇڏيو ويندو، رڳو اهو چوڻ سان ته اسان ايمان آندو آهي ۽ کين آزمايو نه وڃي. (2) جيڪي ماڻهو هنن کان اڳ هئا، اسان انهن کي به آزمايو هيو. (اهڙي طرح هنن کي به آزمائينداسون) الله تعالیٰ ضرور ڇنڊ ڪندو فرق انهن جي درميان، جيڪي سچا آهن ۽ جيڪي ڪوڙا آهن. (3) جيڪي ماڻهو برائيون ڪن ٿا ۽ ائين سمجهن ٿا ته اهي اسان جي پڪڙ (گرفت) کان بچي نڪرندا، جيڪو فيصلو

هي ڪن ٿا، اهو نهايت برو آهي. (4) جيڪو بہ الله جي ملاقات جو اميدوار آهي، ان کي يقين هئڻ گھرجي تہ بيشڪ الله جو مقرر ڪيل وقت ضرور ايندو، هو سڀ ڪجهہ ٻڌڻ وارو ۽ هر شيءِ جو علم رکڻ وارو آهي. (5) ۽ جيڪو (انسان) جهاد ڪري ٿو تہ اهو پنهنجي فائدي لاءِ جهاد ڪندو آهي. يقينًا الله تہ ٻنهي جهانن کان بي نياز آهي. (6) ۽ جيڪي ماڻهو ايمان سان مشرف ٿيا ۽ چڱا ڪم ڪيا تہ لازمًا اسان هنن جون برائيون دور ڪري ڇڏينداسون ۽ ڪين سندن عملن جو سٺو اجر ضرور ڏينداسون.(7)

---

الم الف لام ميم الله عليم حڪيم جو ارشاد آهي يا *منم خدای کہ می دانم ہمہ چیزرا.* (مخدوم نوح سرور ﷫) مان ئي اهو الله آهيان، جيڪو هر شيءِ کي ڄاڻان ٿو. ڪفر ۽ ايمان جي ڪشمڪش هاڻي ان انتها تي پهچي چڪي آهي، جڏهن تہ فريقين کي سندن اعمال ۽ اقوال جي انجام ۽ عاقبت کان واضح طريقي سان آگاهہ ڪرڻ جي ضرورت آهي. پهريان ان گروهہ جو ذڪر آهي، جن ايمان آندو آهي ۽ الله جل شانہ جي حڪمن ۽ قانونن کي من و عن تسليم ڪن ٿا ۽ ان مطابق زندگي گذارڻ گهرن ٿا. ڇا هي ماڻهو (مؤمن) محض ايترو چوڻ سان تہ اسان الله عزو جل تي ايمان آندو آهي، ان ڪري اسان کي ڪنهن آزمائش ۾ آزمائڻ کان ڇڏيو ويو آهي، سو اسان جو ڪجهہ ڪريون اجازت آهي، جيڪڏهن واقعي هي ائين سمجهن ٿا تہ پوءِ تون ڪين چئو تہ اوهان بلڪل غلط سمجهيو آهي. اهو تہ عيسائين جو خود ساختہ عقيدو آهي تہ مسيح ؑ جي ڪفاري تي ايمان آڻيو تہ نجات ٿي ويندي، ان ڪري اعمال جي ڪا ضرورت ناهي. (البقره: 214/2، آل عمران: 3/179-142، التوبه: 16/9، الاحزاب: 33/10-11، محمد: 31/47) ياد رهي تہ اهو ساڳيو مضمون هن کان سواءِ ٻين چار سورتن ۾ آيو آهي، جيڪي مدني آهن، پر هي آيت ۽ سورت مڪي آهي، مسلمانن تي مڪي دور ۾ بہ سخت مشڪلاتون هيون، ڪن کي باهہ جي شعلہ انگيز ڪوئلن تي سمهاريو ويو، ڪن کي گرم ريت تي ليٽائي، سندن سيني تي ڳرا پٿر رکيا ويا، ڪن کي قتل ڪيو ويو. ڪيترا روز مره جي عذاب ۾ پيڙهبا

رهندا هئا. مدني دؤر ۾ بہ مکي جي قريش قبيلي طرفان يهودين سان گڏجي حملا ڪرڻ، جنهن تي حضرت خباب ﷺ جهڙن صحابن پاڻ ڪريمن ﷺ وٽ شڪايت پيش ڪئي تہ ڪافرن ۽ مشرڪن جي ظلمن حياتي تنگ ڪري ڇڏي، اسان لاءِ دعا ڪريو تہ نجات ملي. اهو ٻڌي پاڻ ڪريم ﷺ هڪ پرسوز آواز ۾ چيو تہ اوهان کان اڳ وارن مؤمنن تي تہ ڪات وهايا ويا، وڏا امتحان آيا، مگر پوءِ بہ ايمان کي مضبوطي سان قائم رکيو.

عشق ناهي راند تہ ڪي ڪنس ڳيرو
سسي نيزي پاند، اجل تہ بہ اڏ ٿئي.

———— ••• ————

پتنگ چائين پاڻ کي، تہ اچي آگ اُجهاءِ!
پچڻ گهٽا پچائيا، تون پچڻ کي بہ پچاءِ
واقف ٿي وساءِ، آڳ نہ ڏجي عام کي

(شاهہ لطيف ﷺ)

سورة البقره: 2/ 155 کان 157 ۾ آهي: "وَلَنَبۡلُوَنَّكُم بِشَىۡءٍ مِّنَ الۡخَوۡفِ وَالۡجُوۡعِ وَنَقۡصٍ مِّنَ الۡاَمۡوَالِ وَالۡاَنۡفُسِ وَالثَّمَرٰتِؕ وَبَشِّرِ الصّٰبِرِيۡنَ ○ الَّذِيۡنَ اِذَاۤ اَصَابَتۡهُمۡ مُّصِيۡبَةٌ ۙ قَالُوۡۤا اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّاۤ اِلَيۡهِ رٰجِعُوۡنَ ○ اُولٰٓئِكَ عَلَيۡهِمۡ صَلَوٰتٌ مِّنۡ رَّبِّهِمۡ وَرَحۡمَةٌ ۚ وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الۡمُهۡتَدُوۡنَ ○" ۾ ٻڌايو ويو تہ آزمائش ۽ امتحان ۾ پڙڪندڙ باهہ جي شعلن مان گذرڻو تو پوي ۽ جيتري ذميداري ۽ استطاعت آهي، اوتري آزمائش آهي. تڏهن تہ اقبال ﷺ چيو آهي:

چوں میگویم مسلمانم بلرزم
کہ دانم مشکلات لا الہ را

جڏهن مان اهو سوچيان ٿو مسلمان آهيان تہ مون کي ڏڪٽي لڳي وڃي ٿي، ڇو تہ معلوم اٿئي تہ لا الٰہ چوڻ کان پوءِ ان کي نباهڻ لاءِ ڪيتريون مشڪلاتون ڏسڻيون ٿيون پون.

هي آزمائش رڳو اوهان تي نہ آئي، پر توهان کان اڳ جن ماڻهن اسان تي ايمان آندو هيو ۽ ان جي صداقت جو اقرار ڪيو هيو، اهي رڳو زباني اقرار ڪري ڇٽي ڪونہ ويا هئا، پر انهن کي بہ حق ۽ باطل جي ڪشمڪش کي امتحانن واري باھ جي کوري ۾ پچايو ويو هيو تہ اها پرک پوري طرح ٿي وڃي تہ ڪير پنهنجي ايمان ۾ سچو آهي ۽ ڪير بس ائين ايمان جي زباني دعویٰ ڪري ٿو. ايمان جي راھ آسان نہ آهي، پر مسلسل جدوجهد ڪرڻ بعد ئي ڪاميابي حاصل ٿئي ٿي، جنهن ۾ جان، مال جي قرباني، وطن کان هجرت جي قرباني بہ شامل آهي. دين اسلام جي نظام کي قائم رکڻ، مسلمانن جي اجتماعي ذميداري آهي. "وَ لْتَكُنْ مِّنْكُمْ اُمَّةٌ يَّدْعُوْنَ اِلَى الْخَيْرِ وَ يَاْمُرُوْنَ بِالْمَعْرُوْفِ وَ يَنْهَوْنَ عَنِ الْمُنْكَرِ وَ اُولٰٓىِٕكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ○" (آل عمران: 104/3) فلاح ۽ ڪاميابي اهڙي جماعت کي ٿيندي، جنهن مان هڪ امت يعني هڪ جماعت امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر جو فريضو ادا ڪندي رهي، اهو ساڳيو حڪم آيت 110 ۾ بہ آهي. جيڪڏهن الله عزو جل اقتدار ۽ اختيار ڏنو آهي تہ ان جو بہ اهو فريضو آهي اقامة صلواة ۽ زڪوات جو نظام قائم ڪري ۽ ملڪ ۾ امن امان جو راڄ هجي. هنن جي برعڪس اهڙا ماڻهو آهن، جيڪي برائيون ڪن ٿا. زمين تي فساد برپا ڪن ٿا ۽ الله جل شانہ جي قانون ۽ حڪمن کي ڪوڙو سمجهي، پنيءَ پنيان اڇلائي ڇڏين ٿا. معاشري ۾ ناهمواريون پيدا ڪري مسڪين محتاج ۽ ڪمزور طبقي تي ظلم ۽ زيادتيون روا رکن ٿا ۽ ڪين چئجي ٿو تہ الله جي زمين تي فساد نہ پکيڙيو تہ چون ٿا اسان تہ معاشري جي اصلاح ڪري رهيا آهيون. (البقره: 11/2) ڇا هنن ماڻهن جو خيال آهي تہ هو ظلم جو راڄ قائم ڪري خلق خدا لاءِ آزار بڻجي وڃڻ بعد اسان جي گرفت ۽ پڪڙ کان ڏاڍا آهن ۽ هو پاڻ بچائي اڳتي نڪري ويندا. جيڪڏهن واقعي هو اهڙي ناداني ۾ مبتلا آهن تہ پوءِ ٻڌائي ڇڏ توهان جو اهو فيصلو ڏاڍو خراب ۽ خود فريبيءَ جو شڪار آهي. پوين ٻن آيتن ۾ الله تعالیٰ جي ناراضگيءَ جو اظهار آهي ۽ ايندڙ ٻن آيتن ۾ مؤمنن جي دلجوئيءَ جو سامان آهي.

دراصل هن آيت جي روح کي سمجهڻ لاءِ ان وقت مڪي جي حالت تي نظر وجهو تہ مسڪين اصحاب سڳورن سان ڪيترا قهر ڪيا ويا. ابوجهل حضرت ياسر ۽ حضرت سميه رضي الله تعالیٰ عنهما کي بنا روڪ ٽوڪ جي بربريت جو نشانو بنايو. حضرت بلال رضي الله تعالیٰ عنه

جي قسمت جو مالڪ اميه بن خلف هو، جيڪو شب و روز ڪيس مارڪٽ ڪري لهو لهان ڪندو هيو ۽ گرم ريت تي پنيءَ اگهاڙو سمهاري، سيني تي ڳرو پٿر رکي ڇڏيندو هو. ڳچيءَ ۾ رسي وجهي، مڪي جي بازارن ۾ ڦيرائيندو هو. مؤمنن لاءِ عرصہ حيات تنگ ڪيو ويو، اهو ڪهڙو عذاب هوندو هو، جو صحابہ ڪرام سان نہ ٿي رهيو، ان وقت مسلمانن کي بدلو وٺڻ کان روڪيو ويو. عزم، استقلال، صبر ۽ ثابت قدميءَ سان پنهنجي موقف تي مضبوطي سان رهڻ جو حڪم ڏنو ويو، مگر ٿوري وقت ۾ هنن ظالمن جو گهيرو تنگ ڪيو ويو ۽ الله جي عذاب جي گرفت ۾ اچي ويا. ”اِنَّ بَطۡشَ رَبِّكَ لَشَدِيۡدٌ۝“ (البروج: 12/85) جنگ بدر ۾ هنن ظالم ۽ سرڪش ڪافرن جو انت آندو ويو. مسلمانن کي پنهنجي دفاع ۾ جنگ ڪرڻ جي اجازت ڏني وئي. ”اُذِنَ لِلَّذِيۡنَ يُقٰتَلُوۡنَ بِاَنَّهُمۡ ظُلِمُوۡا“ (الحج: 39/22) ابو جهل صغير نوجوانن جي تلوار جو نشانو ٿي، جهنم رسيد ٿيو. مڪي جا ڪافر ڪنهن خوشفهمي ۽ خود فريبي ۾ نہ رهن تہ هو هرگرفت کان بچي اڳتي وڌي ويا آهن. ڪين معلوم هئڻ گهرجي تہ هنن کي هر عمل جو حساب ڏيڻو پوندو. قانون مڪافات ۾ مهلت ۽ ڪجهہ دير آهي، پر انڌير نہ آهي.

جيڪو شخص بہ الله جي ملاقات جو اميدوار آهي، يعني ڪيس هڪ ڏينهن الله جل شانه جي حضور ۾ حاضر ٿيڻو آهي ۽ زندگي ڀر جي اعمال جو حساب ڏيڻو آهي. انهن کي پورو پورو يقين هئڻ گهرجي تہ اهو مقرر ڪيل وقت هر حال ۾ اچڻو آهي، جنهن ۾ ڪو بہ شڪ ناهي، جيڪڏهن الله جل شانه جو نيڪ مؤمن ٻانهو پنهنجي تن من ڌن ۽ وسيلا سڀ الله جي راهہ ۾ قربان ڪندو تہ ان کي ان قربانيءَ جو صلو، اجر ۽ ثواب آخرت جي نعمتن جي صورت ۾ ملندو. ” اِنَّ اللّٰهَ اشۡتَرٰى مِنَ الۡمُؤۡمِنِيۡنَ اَنۡفُسَهُمۡ وَ اَمۡوَالَهُمۡ بِاَنَّ لَهُمُ الۡجَــنَّةَ “ (التوبه: 111/9) بيشڪ الله عزو جل مؤمن کان سندن جان ۽ مال جنت جي بدلي ۾ خريد ڪيا آهن. الله جل شانه جو مؤمنن سان اهو وعدو آهي، جيڪو هر حال ۾ پورو ٿيندو ۽ آخرت جي سدا بهار زندگي هميشہ هميشہ هنن لاءِ مختص Reserve ڪئي ويندي، پر هن دنيا ۾ بہ خدا جي قانونن جو نظام رائج ٿي ويندو، جنهن ڪري هتان جي زندگي پرسڪون، خوشحال ۽ امن و امان واري هوندي، جنهن جي ضمانت پروردگار

پنهنجن جان نثار ٻانهن کي ڏئي ڇڏي آهي. پروردگار جي توهان جي هر حال ۽ قال تي نظر آهي. هو هر شيءِ ٻڌڻ وارو آهي ۽ هر شي جو علم رکي ٿو. هو اوهان جي ارادن، قرباني ۽ تڪليف جي هر صدا ٻڌڻ وارو ۽ هر منظر ڏسڻ وارو آهي. هنن مسلمان مؤمنن کي صاف صاف ٻڌائي ڇڏ ته هي جيڪا جان نثاري ۽ مالي قرباني ڪيو ٿا يا دين حق ۽ جي نظام قائم ڪرڻ لاءِ ڪشالا ۽ محنتون ڪيو ٿا، انهن سمورن چڱن ڪمن جو ثواب، صلو ۽ فائدو اوهان کي ئي ملندو. الله ان کان بي نياز ۽ بي پرواهه آهي. سورة الحجرات: 17/49 ۾ آهي ته جهاد ڪري يا اسلام آڻي توهان الله تي احسان نه ڪيو آهي، پر اهو الله جو احسان آهي، جنهن اوهان کي اسلام تي آندو. توهان جي جدوجهد، ڪوشش ۽ ڪاوش اوهان لاءِ ئي ڪاميابي، ڪامراني، فلاح ۽ بهبود جو يقيني پيغام آهي. انهيءَ سان ئي اوهان تي زندگيءَ جون بند راهون کلي وينديون. ”وَ الَّذِيْنَ جَاهَدُوْا فِيْنَا لَنَهْدِيَنَّهُمْ سُبُلَنَا وَاِنَّ اللّٰهَ لَمَعَ الْمُحْسِنِيْنَ“ (العنڪبوت: 69/29) جن اسان جي راهه ۾ ڪوشش ڪئي ته اسان انهن کي ضرور پنهنجي راهه ۽ رستن تي هلائينداسون. بيشڪ الله جل شانه جو اهڙن ڀلارن ۽ احسان ڪندڙ ماڻهن جو ساٿي ۽ همراهه آهي. جنهن جو ساٿي ۽ همراهه الله هوندو ۽ جنهن سان هر هنڌ هر حال ۾ الله عزو جل جو ساٿ ۽ معيت هوندي ته ”لَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ○“ شيطان انهن جي ويجهو به نه اچي سگهندو. ”اِنَّ الَّذِيْنَ قَالُوْا رَبُّنَا اللّٰهُ ثُمَّ اسْتَقَامُوْا تَتَنَزَّلُ عَلَيْهِمُ الْمَلٰٓئِكَةُ اَلَّا تَخَافُوْا وَ لَا تَحْزَنُوْا وَ اَبْشِرُوْا بِالْجَنَّةِ الَّتِيْ كُنْتُمْ تُوْعَدُوْنَ○“ (حٰم السجده: 30/41) جن چيو ته اسان جو پالڻهار الله آهي ۽ پنهنجي هن قول تي مضبوطيءَ سان ثابت قدم رهيا، انهن کي الله تعالىٰ جا فرشتا بشارت ۽ مبارڪ ڏيڻ لاءِ نازل ٿيندا ۽ ڪين (مؤمنن کي) تسلي ۽ اطمينان ڏيندا ته هاڻي اوهان نڪي خوف ڪائو ۽ نه وري ڳڻتي، غم ۽ خوف ڪريو. ان بهشت جي خوشخبري سان خوش ٿيو، جنهن (بهشت) جو اوهان سان وعدو ڪيو ويندو هيو. وڌيڪ آيت 32 تائين انهن خوش بخت ۽ خوش نصيب ماڻهن لاءِ انعام ۽ اڪرام جو ذڪر آهي. (الانعام: 160/6، القصص: 84/28، النساء: 40/4)

هي الله عزو جل جي سنت آهي، جنهن ۾ ڪنهن به قسم جي تبديلي نه آهي ته

جيڪي ماڻهو ايمان آڻيندا ۽ الله عزو جل کي پنهنجو خالق، مالڪ، پروردگار ۽ ڪارساز سمجهندا ۽ نيڪ اعمال ڪندا برائين کان پاڻ بچائي رکندا تہ اسان انهن جي صلاحيت ۽ استعداد ۾ اضافو آڻينداسون. انهن جي ذات جي نشوو نما ٿيندي رهندي، نيڪين جو گراف اونچو ٿيندو ويندو ۽ سندن برائيون هنن کان هٽائي ڇڏينداسون. اهڙن انسانن کي سندن نيڪ عملن جي بدلو نهايت شاندار نموني سان عنايت ٿيندو. ” اِنَّ الْحَسَنٰتِ يُذْهِبْنَ السَّيِّاٰتِ “ (هود: 114/11) نيڪيون برائي جا داغ دل تان ڌوئي مٽائي ڇڏين ٿيون، جنهن کان پوءِ هڪ پاڪ ۽ مطهر دل ۾ ذڪر الاهي، قربتِ خداوندي ۽ معراج انسانيت جو سفر شروع ٿي وڃي ٿو. ان وقت نفس جي نفي ۽ ذات جو اثبات شروع ٿين ٿا.

چوں ز خرد رفتی ہمہ حق گشتہ
رفت ظلمت نورِ مطلق گشتہ

جڏهن تو پنهنجي انا ۽ نفس کي بلڪل ختم ڪري ڇڏيو تہ پوءِ تنهنجي وجود وارا انڌيرا ختم ٿي ويا ۽ هاڻي تون پاڻ نور مطلق ٿي ويو آهين.

اهڙو خوبصورت ۽ خوش لقاء انعام ڪين چڱن ڪمن جي بدلي ۾ ڏئي سندن قدرداني ڪئي ويندي.

وَ وَصَّيْنَا الْاِنْسَانَ بِوَالِدَيْهِ حُسْنًا ؕ وَ اِنْ جَاهَدٰكَ لِتُشْرِكَ بِیْ مَا
لَيْسَ لَكَ بِهٖ عِلْمٌ فَلَا تُطِعْهُمَا ؕ اِلَیَّ مَرْجِعُكُمْ فَاُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ
تَعْمَلُوْنَ ۝٨ وَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَنُدْخِلَنَّهُمْ فِی
الصّٰلِحِيْنَ ۝٩ وَ مِنَ النَّاسِ مَنْ يَّقُوْلُ اٰمَنَّا بِاللّٰهِ فَاِذَاۤ اُوْذِیَ فِی اللّٰهِ
جَعَلَ فِتْنَةَ النَّاسِ كَعَذَابِ اللّٰهِ ؕ وَ لَئِنْ جَآءَ نَصْرٌ مِّنْ رَّبِّكَ لَيَقُوْلُنَّ
اِنَّا كُنَّا مَعَكُمْ ؕ اَوَ لَيْسَ اللّٰهُ بِاَعْلَمَ بِمَا فِیْ صُدُوْرِ الْعٰلَمِيْنَ ۝١٠ وَ

لَيَعْلَمَنَّ اللّٰهُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ لَيَعْلَمَنَّ الْمُنٰفِقِيْنَ ⑪ وَ قَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا
لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّبِعُوْا سَبِيْلَنَا وَ لْنَحْمِلْ خَطٰيٰكُمْ ؕ وَ مَا هُمْ بِحٰمِلِيْنَ مِنْ
خَطٰيٰهُمْ مِّنْ شَيْءٍ ؕ اِنَّهُمْ لَكٰذِبُوْنَ ⑫ وَ لَيَحْمِلُنَّ اَثْقَالَهُمْ وَ اَثْقَالًا
ع ١٣ ١٣ مَّعَ اَثْقَالِهِمْ ٚ وَ لَيُسْـَٔلُنَّ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ عَمَّا كَانُوْا يَفْتَرُوْنَ ⑬ ع

۽ اسان انسان کي پنهنجي والدين سان حسن سلوڪ جو حڪم ڏنو آهي، پر جيڪڏهن هو توکي مجبور ڪن ته تون ڪنهن کي شريڪ بناءِ، جنهن جو توکي ڪوئي علم ناهي ته انهن جو حڪم قبول نه ڪر. آخرڪار توهان کي مون ڏانهن ئي واپس اچڻو آهي، پوءِ مان توهان کي ٻڌائيندس جو ڪجهه اوهان ڪري رهيا هئا. (8) ۽ اهي ماڻهو جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا، لازمي طور اسان هنن کي صالح ماڻهن ۾ داخل ڪنداسون. (9) هنن ماڻهن ۾ ڪجهه اهڙا ماڻهو به آهن، جيڪي چون ٿا ته اسان الله تي ايمان آندو آهي، پر جڏهن هنن کي الله جي راهه ۾ تڪليف ۽ ايذاءُ پهچي ٿو ته اهي ماڻهن جي هن ايذاءُ رساني کي الله جي عذاب وانگر سمجهن ٿا. پر جيڪڏهن (اي نبي محترم خاتم النبيين صلى الله تعالىٰ عليه وآله وسلم) تنهنجي پروردگار پاران مدد ملي وڃي ته پوءِ ضرور چوندا ته اسان توهان سان گڏ هئاسون. ڇا جيڪو ڪجهه جهان وارن جي سينن ۾ آهي، اهو الله ڄاڻي نٿو؟(10) يقينًا الله ضرور ظاهر ڪندو سچي ايمان وارن کي به ۽ ظاهر ڪندو منافقن کي به.(11) هي ڪافر مؤمنن کي چون ٿا ته توهان اسان جي طريقي جي پيروي ڪريو، اسان توهان جي گناهن (جو بار) کڻنداسون، حالانڪ هو انهن جي گناهن جو ڪجهه (ٿورڙو) بار به کڻي نٿا سگهن. يقينًا هو ڪوڙ هڻي رهيا آهن. (12) پر لازمًا هو پنهنجو بار به کڻندا ۽

**ان سان گڏ ٻين (ماڻهن) جو بار بہ کڻندا ۽ قيامت جي ڏينهن هنن کان ضرور جيڪو هو ڪوڙ هڻن ٿا، ان جي باز پرس ٿيندي. (13)**

پوين آيتن ۾ نيڪوڪار انسانن ۽ انهن جي چڱي انجام جو ذڪر هيو ۽ بدڪار ماڻهن جي بري انجام جو بيان هيو، جنهن مان ثابت ٿيو تہ نظرياتي ۽ اعتقادي طور هي بہ الڳ الڳ گروهہ آهن، هڪ ڪافرن جو ۽ ٻيو مسلمانن جو. مڪه ۾ ڪيترا نوجوان ايمان جي برڪت سان مشرف باسلام ٿيا ۽ پاڻ ڪريمن ﷺ جا سچا ساٿي ۽ جان نثار سپاهي هئا، پر سندن والدين ڪفر واري دين تي مضبوطيءَ سان قائم هئا ۽ پنهنجي اولاد تي زوردار دٻاءُ وجهي رهيا هئا تہ اسان تنهنجا والدين آهيون، اسان توکي پالي جوان ڪيو آهي، ان ڪري تون هي نئون دين ڇڏي، اسان واري پراڻي ابي ڏاڏي واري دين تي هر حال ۾ موٽي اچ. حضرت سعد بن وقاص رضي الله تعالىٰ عنه جليل القدر صحابي ڪي سندس پيءُ جي وفات بعد پيار سان ماءُ پاليو هيو، ان پنهنجي سدوري پٽ کي چيو تہ جيستائين تون پنهنجي هن نئين دين کي ڇڏي پراڻي دين تي نہ ايندين، تيستائين مان بک هڙتال ڪنديس. ڪائڻ پيڻ ڇڏي ڏيندس. والده ماجده جو اهڙو فيصلو سعد بن وقاص رضي الله تعالىٰ عنه لاءِ نهايت پريشانيءَ جو سبب هيو. قرآن حڪيم ۾ ڪيترن هنڌن تي الله جل شانه جي حق ادا ڪرڻ، سندس عبادت ۽ اطاعت کان بعد والدين سان سني سلوڪ سان هلڻ، فرمانبردار ٿي رهڻ، ڪين "اُف" بہ نہ ڪرڻ جو حڪم هيو. سوره مريم: 42/19 ۽ 45 ۾ حضرت ابراهيم عليه السلام جو پنهنجي پيءُ سان شفقت وارو رويو بهترين مثال آهي. (البقره: 83/2، النساء: 36/4، الانعام: 151/6، بني اسرائيل: 17/ 23، لقمان: 31/ 14) ان ڪري هن نهايت نازڪ ۽ حساس مسئلي بابت رهنمائي فرمائي وئي آهي تہ والدين سان هر حال ۾ حسن سلوڪ سان پيش اچڻو آهي، پر جيڪڏهن والدين ڪو زوردار دٻاءُ وجهن ۽ مجبور ڪن تہ تون مون الله سان ڪنهن کي شريڪ ڪرين، جنهن بابت توکي نہ ڪو علم آهي نہ دليل يا سند آهي، جهڙيءَ طرح حضرت سعد بن ابي وقاص رضي الله تعالىٰ عنه پنهنجي ڪافر ماءُ جو چيو نہ مڃيو هيو ۽ هن پنهنجو معاملو نبي ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ پيش ڪيو، جنهن تي پاڻ ڪريمن ﷺ سندس امڙ جي لاءِ مسلمان ٿيڻ

جي دعا گھري. انھن جو اھڙو حڪم مڃڻ ڪان انڪار ڪر. تڏھن تہ مذڪوره بالا آيتن ۾ سڀ ڪان اول الله جي فرمانبرداري، اطاعت ۽ عبادت جو حڪم آھي. ان بعد ٻين جي فرمانبرداري، تابعداري اھڙي تہ ھجي، جيڪا الله ذوالجلال جي فرمانبرداري، اطاعت ۽ عبادت جي ابتڙ ھجي.

ياد رھي تہ ھت جھاد جو لفظ والدين جي ان ڪوشش کي چئبو، جيڪي پنھنجي اولاد کي الله تعالیٰ سان شريڪ ڪرڻ جا خواھشمند آھن. ”جھاد“ يعني جدوجھد، اھا لغوي معنیٰ آھي، پر اسلامي محاوري ۾ الله تعالیٰ جي راھہ ۾ ڪوشش ڪرڻ، پنھنجون توانايون صرف ڪرڻ ۽ الله تعالیٰ جي دين جي حفاظت لاءِ جان قربان ڪرڻ کي جھاد سڏيو وڃي ٿو. ھن آيت ۾ اولاد جي والدين لاءِ فرمانبرداريءَ جي حد limit ٻڌائي وئي، جيئن حديث شريف ۾ آھي: ”فَإِنَّ لَكُمْ نِهَايَةً فَانْتَهُوْا اِلٰى نِهَايَتِكُمْ“ اوھان لاءِ ھر شيءِ جي حد مقرر ڪيل آھي. ان حد کي پار نہ ڪريو. ”تِلْكَ حُدُوْدُ اللهِ“ ھي الله تعالیٰ جون مقرر ڪيل حدون آھن، جن کي پار ڪرڻ تہ ڇڏيو، پر انھن جي ويجھو وڃڻ ڪان بہ روڪيو ويو آھي. والدين جي اھڙي روش مڃڻ ڪان تہ انڪار ڪرڻو آھي، پر پوءِ بہ ادب، اخلاق ۽ حسن سلوڪ جو دامن ھٿان نہ وڃي. اھڙي ادب ۽ نرم گفتگو جو مثال ابراھيم عليه السلام جي ھن قول مان ملي ٿو، جنھن ۾ ھو بار بار ”يَآ اَبَتِ، يَآ اَبَتِ“ چئي پنھنجي والد کي خطاب ڪري ٿو. سوره لقمان: 14/31 ۾ ھن موضوع تي وڌيڪ وضاحت سان بحث آھي. ھن آيت ۾ اھو بہ چيو ويو آھي تہ آخرڪار ھڪ ڏينھن اوھان کي منھنجي حضور ۾ مجرم جي حيثيت ۾ پيش ٿيڻو آھي. ان وقت اوھان جي عمر ڀر جي ڪارڪردگي جو چٺو کوليو ويندو ۽ اوھان کي ڏيکاريو ويندو. جيڪي ماڻھو اھڙي طرح بلا شرڪت غيري صدق دل سان ايمان آڻيندا ۽ نيڪ اعمال ڪندا رھندا تہ ھنن جي اھڙي ايمان افروز ۽ صلاحيت بخش عمل جي ڪري ڪين معاشري جي انھن نيڪ بخت، خوش قسمت انسانن جي جماعت ۾ شامل ڪنداسون، جن جي نيڪ عملن جي ڪري اعلیٰ انسانن واري درجي جي لياقت پيدا ٿي ھجي. الله ذوالجلال جو اھو وعدو مسلمان مؤمنن سان سندن ھن دنياوي زندگي سان بہ لاڳو آھي ۽ آخرت جي خوشگوار، سدا بھار، حيات جاويد جي نويد بہ آھي، جنھن دين متين جي ڪري الله تعالیٰ ۽ الله جي رسول خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم جي اطاعت ۽

محبت جي ڪري هو پنهنجن پيارن کي الوداع ڪري رهيا آهن. والدين پنهنجن جگر گوشن کي ڇڏي رهيا آهن ۽ اولاد والدين جي شفقت کان محروم ٿي رهيا آهن. ياءُ ياءُ کان، زال مڙس کان جدا ٿي رهيا آهن. پنهنجي خاندان ۽ قبيلي جي فضيلتن ۽ مفاد کان محروم ٿي ويا آهن. ۽ مسلمان اهڙي سخت امتحان ۽ آزمائش مان بہ سرخرو ٿي نڪتا آهن. انهن جي زخمن تي مرحم پٽي رکڻ، ڪين تسلي، اطمينان دل جاءِ ڪرائڻ لاءِ ڇيو ٿو وڃي تہ رنجيده دل نہ ٿيو، جنهن الله جل شانه خاطر ايڏي وڏي قرباني واري آزمائش مان ڪامياب ٿي آيا آهيو تہ الله تعالىٰ وٽ اوهان جي لاءِ نئين محبتن ۽ رفاقتن جو انتظام ٿي ويو آهي.

هاڻي توهان هڪ مضبوط نظريي جي جماعت جا معزز فرد آهيو. هي الله تعالىٰ جي پيارن جي جماعت آهي، جن جي صفت "اَشِدَّآءُ عَلَى الْكُفَّارِ رُحَمَآءُ بَيْنَهُمْ" آهي. "كُنْتُمْ عَلٰى شَفَا حُفْرَةٍ مِّنَ النَّارِ فَاَنْقَذَكُمْ مِّنْهَا" واري ڪامياب محبتن، خلوص ۽ همدردي سان لبريز جماعت جا ساٿي ۽ رڪن آهيو. رحمت للعالمين اوهان کي پنهنجي سيني سان لڳايو آهي. اصحاب ڪبار اوهان تي جان نڇاور ڪرڻ لاءِ بي قرار آهن. خدا جي رسول خَاتَمُ النَّبِيِّين صَلَّى اللهُ تَعَالَى عَلَيْهِ وَآلِهِ وَسَلَّم کي توهان لاءِ خداوند جو فرمان آهي: "وَ اخْفِضْ جَنَاحَكَ لِلْمُؤْمِنِيْنَ" (الحجر: 88/15) "وَ اخْفِضْ جَنَاحَكَ لِمَنِ اتَّبَعَكَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ" (الشعراء: 245/26) "فَبِمَا رَحْمَةٍ مِّنَ اللّٰهِ لِنْتَ لَهُمْ ۚ وَ لَوْ كُنْتَ فَظًّا غَلِيْظَ الْقَلْبِ لَا نْفَضُّوْا مِنْ حَوْلِكَ ۖ فَاعْفُ عَنْهُمْ وَ اسْتَغْفِرْ لَهُمْ وَ شَاوِرْهُمْ فِي الْاَمْرِ" (ال عمران: 159/3) اي پيغمبر خَاتَمُ النَّبِيِّين صَلَّى اللهُ تَعَالَى عَلَيْهِ وَآلِهِ وَسَلَّم ! الله تعالىٰ جي رحمت سان تون انهن (صحابن) لاءِ نهايت نرم مزاج آهين، پر جيڪڏهن تون شوخ ۽ سخت دل هجين ها تہ هو ضرور تنهنجي پرپاسي کان ڀڄي وڃن ها. سندن ننڍيون وڏيون ڪوتاهيون معاف ڪري ڇڏ. هنن لاءِ بخشش ۽ حفاظت جو حصار ٿي ۽ هنن کي صلاح مشوري ۾ شريڪ رک. "وَمَآ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا رَحْمَةً لِّلْعٰلَمِيْنَ" (الانبياء: 107/17) تون سمورن جهانن لاءِ رحمت آهن. "لَقَدْ مَنَّ اللّٰهُ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ اِذْ بَعَثَ فِيْهِمْ رَسُوْلًا مِّنْ اَنْفُسِهِمْ" (آل عمران: 164/3) مؤمنن کي مسلمانن جي جماعت ۾ دخل ٿيڻ ۽ شموليت اختيار ڪرڻ جن الله تعالىٰ ۽ رسول الله خَاتَمُ النَّبِيِّين صَلَّى اللهُ تَعَالَى عَلَيْهِ وَآلِهِ وَسَلَّم جي اطاعت ڪئي تہ انهن ٿنهي کي صديقن

شهيدن ۽ صالحين جي جماعت ۾ شمار ڪيو ويندو. (النساء: 4) ۽ اهو مؤمنن تي الله تعالىٰ جو فضل آهي.

هاڻي هڪ ٻئي گروهه جو ذڪر اچي ٿو، جيڪي زبان سان ته اقرار ڪن ٿا ته اسان مسلمان آهيون ۽ مسلمان سان گڏ اٿن ويهن ٿا ۽ ان دوران ڪافرن طرفان مسلمانن ڪي تڪليف پهچي ٿي ته هو مخالفن طرفان آيل تڪليف ڪي الله تعالىٰ طرفان تڪليف سمجهن ۽ چون ٿا ته اهو عذاب الله تعالىٰ طرفان اسان تي آيو آهي. ان ڪري چون ٿا ته اسان ايمان قبول ڪري پاڻ لاءِ مصيبت پيدا ڪري ڇڏي آهي. هنن منافقن جو ذڪر سورة الحج: 8/22 ۽ سورة البقره جي شروعاتت وارين آيتن ۾ تفصيل سان بحث آيو آهي. (محمد: 31/47، آل عمران: 179/3، النساء: 141/4) مڪي زندگيءَ جو اهو دور آهي، جڏهن ڪلمهءِ توحيد چوڻ واري هر شخص تي زندگي تنگ ڪئي ويندي هئي. اهڙي مشڪل دور ۾ به سر تري تي رکي، جيڪو اسلام قبول ڪندو هيو، ان جي ايمان ۾ ڪو شڪ شبهو نه هيو. منافق مڪي جي نه پر مديني جي پيداوار آهن. هن آيت ۾ سورة الحج: 11/22) ۾ منافق يعني منافقانه ڪردار آيو آهي. مڪي جي اهڙي هيبت ناڪ دهشت واري ماحول ۾ هڪڙا مسلمان هئا ۽ ٻيا ڪافر هئا. انهن مسلمانن ۾ ڪي اهڙا هئا، جن موجوده حالتن باوجود به ايمان قبول ڪيو هيو. مسلمان ۽ مؤمن هئا، پر بلال ياسر رضي الله عنهما وغيره جهڙا مصيبتون برداشت ڪرڻ وارا نه، پر گهٽ حوصلو رکندا هئا. پروري جڏهن الله جل شانه جي طرفان مسلمانن ڪي فتح ۽ ڪامراني نصيب ٿيندي هئي ته اهي چوندا هئا ته اسان دل و جان سان مسلمانن جي حمايت ۾ آهيون ۽ مسلمانن ڪي ڪاميابي ۽ ڪامراني سبب ملندڙ مفادات ۽ ثمرات ۾ برابر جا شريڪ آهيون. ياد رهي ته اهڙا ڪمزور حوصلي وارا به هئا، پر مشڪلاتن مصيبتن ۽ آزمائشن ۾ مضبوط حوصلي وارا نه هئا. الله تعالىٰ اهڙن مسلمانن ۽ جان نثار صابرين جي همت ۽ جرئت واري امتيازي جماعت ۽ ڪمزور حوصلي وارن مسلمانن جو گڏ ذڪر ڪري ٻنهي گروهن ۾ فرق ٻڌايو آهي. الله جل شانه کي انهن سيني جي سينن جا راز ۽ ارادا به معلوم آهن. هنن ڪمزور حوصلي وارن جو هي به واٽو عقيدو ۽ ايمان جو حال الله عزو جل کان ڪٿي لڪي سگهندو. جڏهن جڏهن به آزمائش جو مرحلو ايندو ته هنن جو اهڙو

حال ظاهر ٿي پوندو ۽ معلوم ٿي ويندو تہ مضبوط پختہ ۽ پڪي ايمان وارا ڪير آهن ۽ مشڪلات ۾ گهڻ حوصلي ۽ ڪمزور اعتقاد وارا ڪير آهن. هي اوهان جو ابتدائي مرحلو آهي، اوهان جي آڏو راسخ ۽ مضبوط ايمان ۽ جرئت وارا ماڻهو بہ موجود آهن، جيڪي هر مصيبت کي منهن ڏين ٿا، هر طرح جي اذيت جا شڪار آهن، پر سندن ايمان ۾ تر برابر بہ خوف نہ آيو آهي. اوهان هنن جي صحبت ۾ اهڙي جرئت، همت، صبر ۽ استقلال کان ڪم وٺي پنهنجن ڪمزورين کي دور ڪريو. جيڪڏهن اوهان هن نصيحت ڏانهن ڌيان نہ ڏنو تہ شايد پوءِ اجان وڌيڪ ايماني حرج ٿي وڃي.

ڪافر مسلمانن کي خاص طرح گهڻ حوصلي وارن کي چون ٿا تہ نوجوانؤ! اسان جي ڳالهہ مڃو، اسان جا اڃا وار اُس ۾ نہ ٿيا آهن، پر زماني جا سڀ لاهہ چاڙها ڏٺا آهن. اسان بہ هن نئين دين کي ڀڙو ڏٺو آهي ۽ پرکيو بہ آهي، جيڪڏهن هن ۾ ڪو ڀلائي جو عنصر هجي ها تہ اسان اوهان کان بہ اڳ ان کي قبول ڪريون ها. هن نئين دين اوهان کي مشڪلاتن، مصيبتن ۽ تڪليفن ڪانسواءِ ڇا ڏنو آهي. توهان پنهنجي سڪون ۽ راحت واري زندگي کي پاڻ ڏکڻ ڏولاون، غمن ۽ مصيبتن ۾ وڌو آهي. هن کان اڳ اوهان ڪيترا نہ خوشحال هئا. خاندان ۽ قبيلي سان جڙيل هئا. هاڻي رشتيداري، عزازت، دوستي وغيره کي ڇڏي، يوسف بي ڪاروان ٿي ويا آهيو ۽ پاڻ تي پاڻ مصيبتن جي روايت کي زندهہ رکو. اوهان جي خيال ۾ جيڪو آخرت جي حساب جو ڊپ آهي، ان جو ذمو اسان کڻون ٿا. اتي اوهان خلاف ڪو فيصلو آيو تہ اها سزا اسان پوڳينداسون. اوهان جو وار بہ ونگو نہ ٿيندو. (بني اسرائيل: 15/17) ڪجهہ پنهنجي نفعي نقصان جو سوچيو، حقيقت اها آهي تہ هي هنن کي ڪوڙا دلاسا ڏئي رهيا آهن. هو هنن جي گناهن جو بار کڻي ڪو نہ سگهندا. يا سزا قبول ڪو نہ ڪندا. هي ڪوڙا ماڻهو دغا ۽ ڌوڪو ڏئي رهيا آهن. هو ٻين جو ڪهڙو بار کڻندا، جڏهن هنن جي مٿان يا پنن تي پنهنجن گناهن جو ڳورو بار موجود آهي ۽ جيڪي ماڻهن کي بهڪائي گمراهہ ڪري دين کان ٻي دين ڪن ٿا. ڪين انهن عملن جو بار بہ پنهنجي وزني بار کان واڌو بار آهي. (النحل: 25/16) ذرا انتظار ڪيو ۽ نتيجن اچڻ جو انتظار ڪريو. ان وقت هنن کان پڇيو ويندو تہ جن طريقن سان پنهنجي طرفان گهڙيون ڳالهيون ٺاهي هي ماڻهن کي گمراهہ ڪندا هئا، انهن جي

چا حقيقت آهي. "وَلَا تَزِرُ وَازِرَةٌ وِّزْرَ اُخْرٰی" کو قيامت ڏينهن ٻئي جو بوجهہ ۾ بار نہ
کڻندو. حديث مطابق کو ڪنهن ڪان برو ڪم ڪرائيندو تہ ان جي برائيءَ جو حصو بہ
هنن کي کٽڻو پوندو ۾ چڱائي ڪندو تہ چڱائي جي اجر جو حصو هن کي ملندو، سو هو
ائين ٻئي ڪنهن جو پيءُ پٽ يا ياءُ جو بار نہ کڻندو. برائيءَ تي آماده ڪندڙ ان برائي جي
عذاب جو بہ بار کڻندو.

---

وَ لَقَدْ اَرْسَلْنَا نُوْحًا اِلٰی قَوْمِهٖ فَلَبِثَ فِيْهِمْ اَلْفَ سَنَةٍ اِلَّا خَمْسِيْنَ
عَامًا ؕ فَاَخَذَهُمُ الطُّوْفَانُ وَ هُمْ ظٰلِمُوْنَ ﴿١٤﴾ فَاَنْجَيْنٰهُ وَ اَصْحٰبَ
السَّفِيْنَةِ وَ جَعَلْنٰهَاۤ اٰيَةً لِّلْعٰلَمِيْنَ ﴿١٥﴾ وَ اِبْرٰهِيْمَ اِذْ قَالَ لِقَوْمِهِ
اعْبُدُوا اللّٰهَ وَ اتَّقُوْهُ ؕ ذٰلِكُمْ خَيْرٌ لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿١٦﴾ اِنَّمَا
تَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ اَوْثَانًا وَّ تَخْلُقُوْنَ اِفْكًا ؕ اِنَّ الَّذِيْنَ تَعْبُدُوْنَ
مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ لَا يَمْلِكُوْنَ لَكُمْ رِزْقًا فَابْتَغُوْا عِنْدَ اللّٰهِ الرِّزْقَ وَ اعْبُدُوْهُ
وَ اشْكُرُوْا لَهٗ ؕ اِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ ﴿١٧﴾ وَ اِنْ تُكَذِّبُوْا فَقَدْ كَذَّبَ اُمَمٌ مِّنْ
قَبْلِكُمْ ؕ وَ مَا عَلَى الرَّسُوْلِ اِلَّا الْبَلٰغُ الْمُبِيْنُ ﴿١٨﴾ اَوَ لَمْ يَرَوْا كَيْفَ
يُبْدِئُ اللّٰهُ الْخَلْقَ ثُمَّ يُعِيْدُهٗ ؕ اِنَّ ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ يَسِيْرٌ ﴿١٩﴾ قُلْ سِيْرُوْا
فِي الْاَرْضِ فَانْظُرُوْا كَيْفَ بَدَاَ الْخَلْقَ ثُمَّ اللّٰهُ يُنْشِئُ النَّشْاَةَ الْاٰخِرَةَ ؕ
اِنَّ اللّٰهَ عَلٰی كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ۚ ﴿٢٠﴾ يُعَذِّبُ مَنْ يَّشَآءُ وَ يَرْحَمُ مَنْ يَّشَآءُ ۚ

وَ اِلَيْهِ تُقْلَبُوْنَ ﴿٢١﴾ وَ مَآ اَنْتُمْ بِمُعْجِزِيْنَ فِي الْاَرْضِ وَ لَا فِي السَّمَآءِ ۫ وَ
مَا لَكُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ مِنْ وَّلِيٍّ وَّ لَا نَصِيْرٍ ﴿٢٢﴾ ع ٢ ١٤

۽ اسان نوح عليه السلام کي سندن قوم ڏانهن موڪليو، هو انهن ۾ پنجاهہ گهٽ هڪ هزار سال (950 سال) رهيو پوءِ هنن کي طوفان (جي عذاب) پڪڙيو ۽ اهي ظالم هئا. (14) پوءِ اسان هن (نوح عليه السلام ) ۽ ٻيڙي وارن کي بچائي ورتو ۽ ان واقعي کي جهان وارن لاءِ نشاني بنايوسون.(15) ۽ ابراهيم عليه السلام کي بہ (رسول ڪري) موڪليو، جڏهن هن پنهنجي قوم کي چيو الله جي بندگي ڪريو ۽ ان جي تقويٰ اختيار ڪريو، اهو ئي اوهان لاءِ بهتر آهي، جيڪڏهن اوهان علم رکو ٿا. (16) الله کي ڇڏي اوهان جن جي پوڄا ڪيو ٿا، اهي بت آهن ۽ توهان هڪ هٿراڌو ڪوڙ گهڙي رهيا آهيو، الله ڪانسواءِ توهان جن جي پرستش ڪيو ٿا، اهي توهان کي رزق ڏيڻ جو ڪو اختيار نٿا رکن. ان ڪري توهان الله کان ئي رزق طلب ڪريو، انهيءَ جي بندگي ڪريو، انهيءَ جو شڪر ادا ڪريو، آخرڪار توهان کي ان ڏانهن واپس اچڻو آهي. (17) جيڪڏهن توهان (هن پيغام کي) ڪوڙو ڇئي رهيا آهيو تہ (ڪا نئين ڳالهہ ناهي) هن کان اڳ گهڻيون قومون ڪوڙو ڪوني چڪيون آهن. اسان جي رسول خاتم النبيين صلی اللہ علیہ وسلم تي (هي پيغام) پهچائڻ کان سواءِ وڌيڪ ڪا ذميداري نہ آهي.(18) ڇا هنن اهو ڏٺو ناهي تہ الله ڪهڙي طرح پهريون ڀيرو پيدا ڪري ٿو ۽ وري ان جو اعادو ڪري ٿو ۽ ائين ڪرڻ الله لاءِ آسان آهي.(19) هنن کي چئو تہ توهان زمين جو چڪر هڻي ڏسو تہ الله تعاليٰ ڪهڙي طرح (پهريون ڀيرو) خلق جي ابتدا ڪئي ۽ پوءِ اهو الله هنن کي وري ٻيهر اٿاري ڪڙو ڪندو،

بيشڪ الله هر شيءِ تي قادر آهي.(20) اهو صرف ان الله جو اختيار آهي تہ هو پنهنجي قانون جي روشنيءَ ۾ جنهن کي عذاب جو حقدار ڪري ۽ جنهن کي گهري تہ رحم ڪري (هڪ ڏينهن) اوهان کي ان جي آڏو پيش ٿيڻو آهي.(21) توهان نہ زمين تي هن جي قبضي ڪنٽرول کان ٻاهر آهيو نہ آسمان ۾ (هجو تہ عاجز ڪري ڇڏيو) الله تعالىٰ کانسواءِ نہ ڪو توهان جو ڪارساز آهي ۽ نہ مددگار.(22)

مڪي جي مشرڪن ۽ ڪافرن طرفان هي جو مخالفت جو طوفان برپا ڪيو ويو آهي ۽ حق جي دعوت کي روڪڻ لاءِ ان جي رستي ۾ ٽاندا ۽ ڪنڊا اڇلائي رهيا آهن ۽ طرح طرح جون رڪاوٽون وجهي رهيا آهن ۽ اهل اسلام لاءِ زندگي تنگ ڪري رهيا آهن تہ هي ڪا نئين ڳالهہ نہ آهي. هن کان اڳ نوح عليه السلام 950 سال پنهنجي قوم کي سڌارڻ ۽ سڌي رستي تي هلائڻ جي هر ڪوشش ۽ ايڏو وڏو عرصو نااميديءَ بنا، تبليغ جو سلسلو جاري رکيو ۽ الله جو پيغام پهچائيندو رهيو. ان زماني ۾ ماڻهن جون عمرون ايتريون يا ان جي لڳ ڀڳ رهيون آهن. نوح عليه السلام جي سالن جا سال قوم جي اصلاح لاءِ تبليغ سان جڙيل رهيو، ان کي مثال طور مڪي جي مسلمانن کي ٻڌايو ٿو وڃي تہ نوح عليه السلام ايڏو وڏو عرصو ڪشالا ڪڍيا اوهان تي تہ چند ڏينهن مس گذريا آهن، اوهان ان کي صبر استقامت جو دامن مضبوطي سان پڪڙي بلا خوف و خطر پيغام حق تمام ماڻهن تائين پهچائڻ ۾ ڪا هبڪ يا تشويش محسوس ٿيڻ نہ گهرجي ۽ هن ٿوري عرصي جي آزمائش ۾ گهٻرائڻ نہ گهرجي. (الانعام: 34/6) نوح عليه السلام جي قوم سڌرڻ کان نابري ڪئي ۽ الله جي قانونن جي نافرماني ڪئي تہ ڪين طوفان گهيري ورتو، ڇو تہ اهي حد کان گذري چڪا هئا ۽ ظالم هئا. اوهان وٽ بہ جيڪڏهن ظالم ماڻهو سرڪشي، ظلم، زيادتي ۽ خدائي حڪمن جي کلم کلا خلاف ورزي ڪندا تہ انهن جو بہ ساڳيو حشر نشر ٿيندو. ان ڪري حضور اڪرم خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم کي "سنة الله" يعني قانون خداوندي يا قانون مڪافات جو حوالو ڏنو ويو آهي تہ جن ماڻهن اڳين رسولن کي ڪوڙو ڪوٺيو، ايذاءَ ۽ آزار ڏنا، پر هنن صبر ڪيو، تان جو اسان جي مدد ڪين پهچي وئي. الله جو هي طريقو

”سنة الله“ موجود آهي، توهان کي گذريل رسولن جون خبرون ملي چڪيون آهن، سو گهبرائڻ جي ضرورت ناهي. (الانعام: 24/6) ۽ مڪي جي هنن منڪرن جو به جلد حساب ڪيو ويندو ۽ ڪين بدلو ڏنو ويندو. حضرت نوح ﷺ جي نافرمان قوم الله جل شانه جي عذاب واري طوفان ۾ غرق ٿي وئي، مگر نوح ﷺ ۽ سندس ٻيڙي ۾ سوار ساٿين کي غرق ٿيڻ کان بچائي ورتو سون ۽ ڪين هن تباهيءَ کان محفوظ رکيو. هن واقعي ۾ تمام جهان وارن جي لاءِ الله تعالىٰ جي قانون مڪافات جي صداقت جي نشاني موجود آهي ته ظالم ۽ سرڪش قوم جو ڪهڙو نه برو انجام ٿيندو. حضرت نوح ﷺ جي قصي جو تفصيل سورت هود 11 آيت 36 کان 49 ۽ سورت الاعراف 7 آيت 59 کان 64 ۾ آيل آهي. (القمر: 13/54 کان 15)

نبين ۽ رسولن جو هڪ ٻئي پٺيان اچڻ واري سلسلي جي هڪ اهم ڪڙي ۽ اهم داستان ابراهيم ﷺ جو به آهي، جنهن جي قوم ۾ بت پرستي هئي. خود ابراهيم ﷺ جي گهر سندس پيءُ وٽ نه رڳو بت موجود هئا، پر هو بت پاڻ ٺاهيندو به هيو. ابراهيم ﷺ جڏهن پنهنجي چؤطرف بت پرستيءَ جو زور ڏٺو ته هن پنهنجي قوم کي چيو ته هنن هٿ جي بنايل بتن کي معبود جو درجو ڏئي، هنن جي پوڄا پاٺ نه ڪريو، صرف هڪ الله تعالىٰ جي عبادت ڪريو. (البقره: 2/ رڪوع 15، 16 ۽ 35، آل عمران: 7/3، الانعام: 9/6، هود: 7/11 ابراهيم: 14/ 6، الحجر: 4/15، مريم: 3/19، الانبياء: 5/21، الشعراء: 5/26، الصَّافَّات: 3/37، الزخرف: 3/43، الذاريات: 2/51) ۽ پنهنجن هنن برن ڪمن کي ڇڏي ڏيو. هنن عملن جي ڪري خدا طرفان ايندڙ عذاب کان پاڻ بچايو. جيڪڏهن عقل، هوش، سمجهه، علم و بصيرت کان ڪم وٺندا ته توهان کي چڱيءَ طرح معلوم ٿي ويندو ته جنهن طريقي ڏانهن مان اوهان کي دعوت ڏئي رهيو آهيان، اوهان لاءِ تمام گهڻو سٺو آهي. هن ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته توهان الله جي عبادت، بندگي ۽ فرمانبرداريءَ کي ڇڏي، پنهنجي هٿ جي گهڙيل بي حس ۽ بي بس بتن کي معبود جو درجو ڏئي عبادت ۽ پوڄا جو لائق سمجهو ٿا، حالانڪ اهي هٿ جا گهڙيل بت نه توهان کي نقصان ڏئي سگهن ٿا ۽ نه نفعو ڏئي سگهن ٿا. پر توهان افتراء ڪري، ڪوڙ ۽ ٺڳي جو ناهه ٺاهي چئو ٿا ته هي خدا جا پيارا آهن. اسان جي خدا وٽ سفارش ڪندا. اهي بت اوهان جي مشڪل

ڪشائي ڪن ٿا. دعائون ۽ پڪارون قبول ڪن ٿا. حالانڪ هو نہ اوهان کي رزق ڏئي سگهن ٿا ۽ نہ وري سفارشي ٿي سگهن ٿا. اوهان کي تہ ان الله ڏانهن رجوع ٿيڻ گهرجي، جنهن جي دست قدرت ۾ رزق جا بيشمار خزانا آهن ۽ ان کان رزق حاصل ڪريو. (العنڪبوت: 62/29، هود 11/6) فقط انهيءَ هڪ الله جي عبادت ڪيو، ان جي آڏو عجز و نياز جي پيشاني زمين تي رکي پنهنجي لاءِ خير و عافيت جي درخواست ڪيو ۽ هن جي عطا ڪيل نعمتن جا شڪرگذار ٻانها ٿيو. ياد رکو تہ هڪ ڏينهن اوهان کي الله تعالىٰ جي حضور مجرم جي حيثيت ۾ ضرور پيش ٿيڻو آهي ۽ آخرڪار ان ڏانهن رجوع ڪرڻو آهي. حضرت ابراهيم عليه السلام جو بيان اڃان جاري رهندو، پر هتي درميان ۾ اچانڪ هڪ طويل جملو معترضو اچي ويو آهي، جنهن ۾ خطاب جو رخ هن ڪشمڪش ڏانهن موڙيو ٿو وڃي، جيڪا مڪه جي مشرڪن ۽ محمد مصطفىٰ خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم درميان هئي. ان ڪري هاڻي مڪه جي مشرڪن کي خطاب آهي.

اي رسول صلى الله عليه وسلم! توهان هنن کي چئو تہ اوهان تائين الله جو پيغام پوري طرح پهتو آهي، جيڪو دليلن ۽ ثبوتن جي روشني ۾ کولي کولي بيان ڪيو ويو آهي، پر جيڪڏهن توهان علم و بصيرت، فهم و فراست، سمجهہ ۽ سوچ بنا ان مُدَلّل صداقت کي مڃو نٿا ۽ ڪوڙو سمجهو ٿا تہ اهو ان ڪري آهي جو توهان پنهنجن ابن ڏاڏن جي انڌي تقليد تي عمل پيرا ٿي رهيا آهيو. حقيقت اها آهي تہ اوهان جا وڏڙا راهہ راست تي هئا ۽ نہ وري اوهين آهيو، مون پنهنجو فريضو پوري طرح ادا ڪيو آهي. ان کي قبولڻ نہ قبولڻ اوهان تي ڇڏيل آهي. مان تہ اوهان جو همدرد ۽ خيرخواهہ آهيان. اوهان جي بهتري ۽ ڀلائي جي دعوت ڏيان ٿو. مگر اوهان هٺ، هوڏ ۽ بي سبب غلط روش ڇڏڻ لاءِ تيار نہ آهيو. مان اوهان جي اهڙي روش کان خوف کائي حق جي دعوت ڏيڻ بند ڪو نہ ڪندس. رسول جي منصب جو اها تقاضا آهي تہ هو هر حال ۾ صحيح طريقي سان خدا جو پيغام ٻين تائين پهچائي. مان تہ توهان کي اهو ئي چئي رهيو آهيان تہ هن ڪائنات ۾ تمام اختيار ۽ اقتدار خدا تعالىٰ جو آهي. ڪو ڪٿ پن بہ هن جي قانون کان منهن موڙي نٿو سگهي، پر زمين ۽ آسمانن تي ان جي حڪمراني آهي. اوهان بہ جيڪڏهن انڌي تقليد جي پيروي ڇڏي، حق ۽ سچ جي صحيح تلاش ۾ عقل ۽ بصيرت کان ڪم وٺو تہ اوهان

تي هي حقيقت کلي پڌري پٽ تي پوندي تہ الله ڪهڙي طرح ڪنهن شيءِ جي تخليق جي ابتدا ڪري ٿو ۽ ان جي ابتدائي شڪل ڪهڙي هوندي. پوءِ الله تعالیٰ جي رحمت ۽ ربوبيت ڪيئن هن جي درجي بدرجي ارتقا ڪرائي ان حد ڪمال تي پهچي ٿو، جتي ڪيس الله تعالیٰ پهچائڻ گهري ٿو. وري زمين کي ڏسو تہ ڪهڙي نہ سرسبز ۽ شاداب آهي، پوءِ ان کي خشڪ ڪري ٿو ۽ آسمان کان رحمت وارو مينهن وسائي ان کي وري آباد ڪري ٿو ۽ الله جي حڪم ۽ حڪمت سان ڪائنات جي سيني شين جو اهو سرڪل، چڪر، ڦيرو جاري رهي ٿو ۽ اهو عمل الله تعالیٰ لاءِ آسان آهي. هنن کي چئو تہ اصل حقيقت کان آگاهہ ٿيڻ لاءِ زمين جو سير ڪيو ۽ پنهنجن اکين سان مشاهدو ڪريو تہ الله تعالیٰ ڪهڙي طرح هن مخلوق جي تخليق ڪئي آهي ۽ ڪجهہ عرصي بعد ان جو زوال يا موت ايندو ۽ پوءِ وري ان کي اٿاري کڙو ڪندو. يعني پهريان نيست مان هست ڪيو. وري هست کي نيست ڪري ۽ وري ان نيست کي هست ڪندو. اهو ڪارنامو رڳو الله تعالیٰ جي دست قدرت جو آهي. مطلب تہ هر شيءِ الله تعالیٰ جي اختيار ۽ اقتدار ۾ مطيع ۽ فرمانبردار آهي. زمين تي هلو چلو ڏسو تہ اشياءِ عالم ڪهڙي طرح وجود ۾ اچن ٿيون، فنا ٿين ٿيون ۽ وري عروج حاصل ڪن ٿيون. انسان بہ عدم (نيست) کان وجود (هست) ۾ آيو، وري وجود کان عدم ۾ يعني هست کان نيست ۾ ويندو ۽ هڪ دفعو ٻيهر نيست کان هست طرف رجوع ڪندو. بظاهر هي نهايت مشڪل ڪم نظر اچي ٿو پر الله هر شيءِ تي قدرت ۽ طاقت رکي ٿو ۽ اهو سڀ ڪجهہ سندس مشيت مطابق ظهور پذير ٿئي ٿو.

ڪنهن کي بہ اختيار ناهي تہ الله تعالیٰ جي فيصلي ۾ مداخلت ڪري. اهو رڳو الله جل شانه لاءِ مخصوص آهي تہ هو پنهنجي قانون جي مطابق ڪنهن کي ڏوهي قرارڏئي ان کي ان ڏوهہ جي پاداش ۾ سزا ڏئي ۽ جنهن کي گهري تہ هو سندس قانون جو پيرو ڪار ۽ فرمانبردار ڏسي ان کي پنهنجي رحمت سان نوازي. آخرڪار توهان کي الله جل شانه جي حضور ۾ حاضر ٿيڻو آهي ۽ ان ڏانهن واپس وري اچڻو آهي. اهو ممڪن ئي ناهي تہ اوهان پنهنجي طاقت جي بل بوتي الله تعالیٰ کي عاجز ڪري سگهو ۽ هن جي قبضي ۽ قانون کان پاڻ کي ٻاهر ڪري سگهو (الرحمٰن: 33/55) زمين ۽ آسمان ۾ الله تعالیٰ ڪانسواءِ نہ ڪو توهان جو ڪارساز آهي ۽ نہ وري مدد ڪرڻ وارو آهي. ڪائنات

جون سموريون شيون قانون فطرت موجب روان دوان آهن، مگر انسان کي ارادي ۽ اختيار جي اجازت آهي، پر ان لاءِ محدود ۽ قيود شرط ۽ ضابطا موجود آهن، جن اندر رهي الله جي رضا به حاصل ڪري سگهي ٿو ۽ الله تعالىٰ جي گرفت ۽ عذاب جو به مستحق ٿئي ٿو. اهو رب ئي ڪار ساز ۽ مددگار آهي.

ڪار سازِ ما بفکرِ کارِ ما
فکرِ ما در کارِ ما آزارِ ما

الله تعالىٰ ته اسان جي ڀلائيءَ جي فڪر ۾ آهي ۽ خير جو خواهان آهي، پر اسان جو فڪر انسان لاءِ آزار جو سبب آهي.

---

وَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِاٰيٰتِ اللّٰهِ وَ لِقَآىِٕهٖۤ اُولٰٓىِٕكَ يَىِٕسُوْا مِنْ رَّحْمَتِيْ وَ اُولٰٓىِٕكَ
لَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿۲۳﴾ فَمَا كَانَ جَوَابَ قَوْمِهٖۤ اِلَّاۤ اَنْ قَالُوا اقْتُلُوْهُ اَوْ
حَرِّقُوْهُ فَاَنْجٰىهُ اللّٰهُ مِنَ النَّارِ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ ﴿۲۴﴾
وَ قَالَ اِنَّمَا اتَّخَذْتُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ اَوْثَانًا ۙ مَّوَدَّةَ بَيْنِكُمْ فِي الْحَيٰوةِ
الدُّنْيَا ۚ ثُمَّ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ يَكْفُرُ بَعْضُكُمْ بِبَعْضٍ وَّ يَلْعَنُ بَعْضُكُمْ
بَعْضًا ۫ وَّ مَاْوٰىكُمُ النَّارُ وَ مَا لَكُمْ مِّنْ نّٰصِرِيْنَ ﴿۲۵﴾ فَاٰمَنَ لَهٗ لُوْطٌ ۘ وَ وقف لازم
قَالَ اِنِّيْ مُهَاجِرٌ اِلٰى رَبِّيْ ؕ اِنَّهٗ هُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿۲۶﴾ وَ وَهَبْنَا لَهٗۤ
اِسْحٰقَ وَ يَعْقُوْبَ وَ جَعَلْنَا فِيْ ذُرِّيَّتِهِ النُّبُوَّةَ وَ الْكِتٰبَ وَ اٰتَيْنٰهُ اَجْرَهٗ
فِي الدُّنْيَا ۚ وَ اِنَّهٗ فِي الْاٰخِرَةِ لَمِنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿۲۷﴾ وَ لُوْطًا اِذْ قَالَ لِقَوْمِهٖۤ

اِنَّكُمۡ لَتَاۡتُوۡنَ الۡفَاحِشَةَ مَا سَبَقَكُمۡ بِهَا مِنۡ اَحَدٍ مِّنَ الۡعٰلَمِيۡنَ ﴿۲۸﴾
اَئِنَّكُمۡ لَتَاۡتُوۡنَ الرِّجَالَ وَ تَقۡطَعُوۡنَ السَّبِيۡلَ ۙ وَ تَاۡتُوۡنَ فِيۡ نَادِيۡكُمُ
الۡمُنۡكَرَ ؕ فَمَا كَانَ جَوَابَ قَوۡمِهٖۤ اِلَّاۤ اَنۡ قَالُوا ائۡتِنَا بِعَذَابِ اللّٰهِ اِنۡ
كُنۡتَ مِنَ الصّٰدِقِيۡنَ ﴿۲۹﴾ قَالَ رَبِّ انۡصُرۡنِيۡ عَلَى الۡقَوۡمِ الۡمُفۡسِدِيۡنَ ﴿۳۰﴾ ع ۱۵/۳

۽ جن ماڻهن خدا جي آيتن جو ۽ ان سان (مون سان) ملاقات جو انڪار ڪيو آهي، اهي منهنجي رحمت کان نااميد ٿي چڪا آهن. انهن کي دردناڪ عذاب ملندو. (23) ابراهيم ؑ جي قوم جو سواءِ هن جي ٻيو ڪو جواب نہ هيو تہ هن کي قتل ڪريو يا ساڙي ڇڏيو. پر الله جل شانه هن کي باھ کان نجات ڏياري، جيڪي ايمان رکن ٿا يقينًا انهن ماڻهن لاءِ (سبق آموز) نشانيون آهن. (24) ۽ ابراهيم ؑ کين چيو تہ الله تعالىٰ کي ڇڏي (عبادت لاءِ) هي بت هن دنيا ۾ رڳو توهان پنهنجي پاڻ ۾ محبت سبب بنايا آهن، پر قيامت جي ڏينهن توهان هڪ ٻئي (جي دوستيءَ) کان انڪار ڪندا ۽ هڪ ٻئي کي لعنت ڪندا. اوهان سمورن جو ٺڪاڻو (جهنم جي) باھ هوندي ۽ اتي توهان جو ڪوبہ مددگار نہ هوندو.(25) پر لوط ؑ ايمان آندو، ابراهيم ؑ چيو تہ مان پنهنجي پروردگار لاءِ صرف هجرت ڪري رهيو آهيان. بيشڪ اهو (الله) زبردست غلبي ۽ قوت وارو آهي ۽ ڪمال حڪمت جو مالڪ آهي. (26) ۽ اسان هن کي اسحاق ؑ جهڙو فرزند ارجمند ۽ يعقوب ؑ جهڙو نيڪ صالح پوٽو ڏنوسون ۽ سندس نسل ۾ اسان نبوت ۽ ڪتاب عطا ڪرڻ فرمايا ۽ اسان هن کي دنيا ۾ بہ ان جو اجر عطا ڪيو ۽ آخرت ۾ بہ يقينًا هو اسان جي

نيڪ صالح ٻانهن ۾ هوندو.(27) ۽ جڏهن اسان لوط ؑ کي موڪليو ۽ لوط ؑ پنهنجي قوم کي چيو ته توهان اهڙي بيحيائي وارو ڪم ڪري رهيا آهيو، جيڪو هن کان اڳ هن جهان جي ڪنهن ماڻهوءَ نه ڪيو آهي. (28) توهان (زالن بدران) مردن ڏي (شهوت راني لاءِ) اچو ٿا ۽ ”السبيل“ يعني رستن تي ڌاڙا هڻو ٿا ۽ بي حيائي وارو ڪم اوهان پنهنجن مجلسن اندر ڪيو ٿا، جنهن تي هن جي قوم جو هن ڪانسواءِ ٻيو ڪو جواب ڪونه هيو ته تون اهو عذاب جنهن کان اسان کي ڊيڄارين ٿو، ڀلي اسان تي آڻ، جيڪڏهن تون سچو آهين. (29) هن دعا گهري ته اي منهنجا رب! منهنجي هن فاسد قوم کان مدد ڪرڻ فرمايو. (30)

---

هي نامراد ماڻهو ته منهنجي رحمت کان مايوس آهن، ان ڪري نه هو منهنجي قانون تي عمل پيرا آهن ۽ نه وري منهنجي رحمت حاصل ڪرڻ جا خواهشمند آهن (الاعراف: 156/7) پر اها رحمت مؤمنن لاءِ آهي ۽ نه وري ڪين اهو يقين آهي ته هنن کي پنهنجي اعمال جي مڪافات عمل کان گذرڻو آهي. هو پنهنجي مستيءَ ۾ مدهوش آهن، ان ڪري هر غلط ڪم ڪري پنهنجن صلاحيتن کي وڃائي ويهن ٿا. خير ۽ ڀلائي، فلاح ۽ تجارت ته اسان جي مقرر ڪيل قانون واري راهه تي هلڻ سان حاصل ٿيندو آهي، پر جڏهن هو غلط رستو اختيار ڪندا آهن ته انهن جي هدايت ۽ رهنمائي حاصل ڪرڻ واري صلاحيت ختم ٿي ويندي آهي ۽ ان جو انجام نهايت المناڪ هوندو آهي. آيت 18 کان شروع ٿيندڙ جمله معترضه هت ختم ٿيو، هاڻي ايندڙ آيت 24 کان وري ابراهيم ؑ جو رهيل ذڪر بيان ٿي رهيو آهي.

ابراهيم ؑ پنهنجي قوم کي نهايت دل نشين انداز واري پرتاثير حڪمت ڀري نصيحت سان ڪافي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر جيڪا قوم الله تعالیٰ جي قانون کي تسليم ڪرڻ کان انڪاري آهي ۽ پنهنجي هن رذيل روش جي ڪري خدا جي رحمت کان به مايوس ٿي چڪي آهي، ان پاران ابراهيم ؑ جي خيرخواهي جو جواب

رکو اهو هيو تہ هن شخص کي پڪڙي قتل ڪري ڇڏيو يا زنده باهہ ۾ ساڙي ڇڏيو. قوت ۽ طاقت جي نشي ۾ مدهوش ماڻهو دليل ۽ برهان جو مثبت جواب ڏيڻ بدران اهڙا نادري حڪم صادر ڪندا آهن. هو ابراهيم عليه السلام کي ديڄارڻ لاءِ اهڙي ڌمڪي ان اميد سان نہ ڏئي رهيا هئا تہ موت جي خوف کان ڊڄي هي حرڪت (تبليغ) ڇڏي ڏيندو، پر در حقيقت پوري طرح سوچيل سمجهيل غور و فڪر سان طئي ڪيل فيصلو هيو، پر اسان ابراهيم عليه السلام کي حفاظت ڏئي بچائي ورتو(الانبياء: 68/21 کان 70، الصّٰفٰت: 37/98-97) هن واقعي ۾ بہ انهن ماڻهن لاءِ بصيرت ۽ هدايت جو سامان موجود آهي، جيڪي اسان جي آيتن تي دل جي سچائيءَ سان ايمان رکن ٿا. ابراهيم عليه السلام جو وڌيڪ ذڪر سورة الانبياءِ 69/21 کان 70 ۾ آيو آهي تہ هن کي شعلا هڻندڙ باهہ ۾ اڇلايو ويو هو، مگر الله جل شانه باهہ کي حڪم ڪيو تہ تون ابراهيم عليه السلام لاءِ ٿڌي ۽ سلامتيءَ واري ٿي وڃ ۽ باهہ سلامتي واري ٿڌي ٿي وئي. هي سنة الاهي مطابق ٿيو، جيڪا رسول سڳورن لاءِ مقرر ڪيل آهي تہ دشمن انهن تي ڪڏهن بہ غالب نہ ٿي سگهندا ۽ تڪذيب تي رهڻ سبب سندن نالو نشان بہ مٽايو ويندو. نبي ڪريم خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم جن جو فرمان آهي: ”لَا تَزَالُ طَآئِفَةٌ مِّنْ اُمَّتِیْ قَآئِمَةٌ بِاَمْرِ اللّٰهِ لَا يَضُرُّهُمْ مَنْ خَذَلَهُمْ اَوْ خَالَفَهُمْ“ يعني منهجي امت مان الله تعالىٰ جي حڪم سان هميشہ هڪ جماعت قائم رهندي، جنهن کي ڪجهہ ماڻهو ڇڏي ويندا يا ان جي مخالفت ڪندا، پر اهي هن جو ڪجهہ بگاڙي نہ سگهندا. اهڙيءَ طرح هڪ ٻي حديث ۾ آهي تہ منهنجي امت ۾ سڀ کان سٺو منهنجو زمانو آهي، پوءِ ان کان پوءِ اچڻ وارا ۽ وري پوءِ ان کان پوءِ اچڻ وارا. يقينًا مضبوط ۽ سچو ايمان رکندڙ لاءِ هن ۾ هر طرح جون نشانيون موجود آهن، هڪ اها تہ الله تعالىٰ پنهنجي انبياء جي مدد لاءِ هڪدم پهچي وڃي ٿو ۽ ڪين دشمنن هٿان تڪليف ۽ ايذاءُ ڏيڻ کان بچائي وٺي ٿو. هٿان ٻيو اهو بہ سبق آهي تہ ايمان وارن کي ڪڏهن ڪڏهن تہ ٻرندڙ باهہ جي شعلن مان گذرڻو پوندو آهي.

عشق ناهي راند تہ ڪي ڪنس ڳيرو
سسي نيزي پاند، اڇل تہ بہ اڏ ٿئي.

———— ••• ————

پهريان ڪاتي پاءِ، پڇج پوءِ پريتڻو
ڏک پريان جوڏيل ۾ واڄٽ جيئن وڄاءِ
سيخن ماه پچاءِ جي نالو ڳيڙءِ نينهن جو

(شاهه لطيف رحمة الله عليه)

پر اهڙي ڳنڀير ۽ خطرناڪ حالت ۾ الله تعاليٰ پنهنجن رسولن کي ڪڏهن به اڪيلو نٿو ڇڏي، پر انهن سان حمايت ۾ هميشه گڏ آهي. ابراهيم عليه السلام هنن کي هي به چيو هيو ته مان توهان کي چڱي طرح آگاهه ڪري چڪو آهيان ته جن بتن جي اوهان پوڄا ڪريو ٿا، انهن جي حقيقت ڪجهه به ناهي. هو پاڻ بي بس ۽ بي اختيار آهن. اوهان منهنجي هن ڳالهه کي صحيح به سمجهي رهيا آهيو ۽ اوهان کي اصل حقيقت به معلوم ٿي وئي آهي ۽ توهان جون دليون به حق جي گواهي ڏئي رهيون آهن، پر ان هوندي به اوهان بتن سان چنبڙيا پيا آهيو. ان ڪري جو اوهان جي برادري جي اها روش آهي. اوهان پنهنجي برادري سان پاڻ کي ڳنڍيل رکڻ گهرو ٿا ۽ انهي برادريءَ جي مجبوري سبب اوهان حق قبول ڪرڻ ۽ بتن کي ڇڏڻ لاءِ تيار نه آهيو. هي دنيا جي رشتيداري، عزازت ۽ دوستي توهان جي هدايت واري راهه ۾ رڪاوٽ بڻيل آهي، پر جڏهن توهان جي غلط روش جا نتيجا نکري ظاهر ٿيندا ته ان وقت اوهان پنهنجا خوفناڪ نتيجا ڏسي، هڪ ٻئي جا مخالف ٿي ويندا. هڪ ٻئي تي لعنتون ڪندا. (الزخرف: 43/ 67، الاعراف: 7/ 38، الاحزاب: 33/ 68-67) هي اتحاد وارو رشتو ٽٽي ويندو ۽ توهان هڪٻئي کان ڌار ٿي ويندا. ان وقت اوهان جو حامي ۽ ناصر ڪير به نه هوندو، جو اوهان جي سفارش يا مدد ڪري سگهي. اڄ توهان مون کي جنهن باهه ۾ وجهڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيو، ان کان هزار بار وڌيڪ ساڙيندڙ شعلا هڻندڙ باهه اوهان کي هميشه هميشه لاءِ ساڙيندي رهندي، جنهن مان اوهان کي هڪ گهڙي به مهلت نه ملندي.

حضرت ابراهيم عليه السلام جي هن نصيحت آموز مشوري، عاقبت جي بري نتيجي کان خبردار ڪرڻ واري آگاهي، همدردي ۽ انسان دوستيءَ جي پر خلوص جذبي جو هنن تي ڪو اثر نه ٿيو. ان وقت فقط لوط عليه السلام جيڪو ابراهيم عليه السلام جو ڀائٽيو هيو، رڳو اهو ايمان تي آيو. ان وقت اجان ڪيس (لوط عليه السلام کي) نبوت نه ملي هئي. پوءِ جڏهن ابراهيم

عليه السلام کي يقين ٿي ويو تہ هي قوم صحيح ۽ سڌي رستي تي اچڻ لاءِ تيار نہ آهي تہ پوءِ هن اتان هجرت ڪري اهڙي فضا جي تلاش ۾ نڪتو، جتي الله جي دين جي قيام لاءِ سازگار ماحول هجي ۽ تبليغ ڪرڻ زياده آسان هجي. منهنجو مقصد تہ خدا جي دين جو قيام آهي، جيڪڏهن هن سر زمين تي اهو مشڪل ٿي ويو آهي تہ ڪنهن ٻئي خطہ ارض تي وڃڻ مناسب آهي. (الصّٰفٰت: 99/37) هاڻي الله تعالىٰ جي ان زمين ڏانهن وڃان ٿو، مون کي يقين آهي تہ الله تعالىٰ منهنجي رهنمائي ڪندو ۽ هو زبردست طاقت وارو غالب ۽ حڪمت وارو آهي. هتي اهل ايمان کي ٻڌايو ٿو وڃي تہ اوهان جي تبليغ دين ۾ جيڪو ڪافرن طرفان رد عمل آهي، حق جي طالب لاءِ اها صورتحال ڪا نئين ڳالهہ ناهي، حضرت ابراهيم عليه السلام جهڙي جليل القدر نبيءَ سان اهڙو سخت دؤر گذري چڪو آهي، جو سندس هڪ پائٽي ڪانسواءِ ڪو ايمان آڻڻ وارو ناهي ۽ پر ڪيس يقين هيو تہ اهو زبردست قوت ۽ غلبي جو مالڪ آهي، اهو جنهن راهہ جي رهنمائي ڪندو، ان ۾ ڪوبہ رڪاوٽ وجهي نٿو سگهي. اها رهنمائي واري راهہ ان وقت کوليندو، جڏهن هن جي حڪمت جو تقاضا هوندو، هو حڪمت وارو ۽ طاقت وارو آهي. ان ڪري هو پنهنجي قوم ۽ مَسڪَن کي الوداع ڪري ٻئي هنڌ هليو ويو، جتي هن معاشري جي دين اسلام مطابق تربيت ڪئي. اسان هن کي اسحاق عليه السلام جهڙو لائق ۽ نونهار فرزند ۽ حضرت يعقوب جهڙو موحد پوٽو عطا ڪيو ۽ انهن جي نسل مان نبوت ۽ قانون خداوندي جي نگهبانن سان ان سلسلي کي جاري رکيو. (النساء: 54/4، النحل: 122/16، البقره: 213/2، الحديد: 25/57) اسان هن کي سندس هن پرخلوص جدوجهد جو اجر هن دنيا ۾ بہ عنايت ڪيو ۽ آخرت جي زندگيءَ ۾ هن جو شمار صالح ماڻهن جي جماعت ۾ هوندو. اهڙي طرح ابراهيم عليه السلام جي هي دنياوي زندگي ۽ اخروي حيات خوشگوار ۽ سدا بهار ٿي وئي. هت حضرت ابراهيم عليه السلام جي پٽ اسحاق عليه السلام ۽ پوٽي جو ذڪر آهي جيڪو حضرت اسحاق عليه السلام جي نسل مان نبوت جو سلسلو اڍائي هزار سال ڪن هليو، جيڪو حضرت عيسىٰ عليه السلام تائين هليو ۽ آخري نبي آخري ڪتاب سان حضرت محمد خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم ۽ قرآن تي ختم ٿيو، جيڪو حضرت اسماعيل عليه السلام جي نسل مان هيو. حضرت اسماعيل عليه السلام کان آخري نبي خاتم النبيين صلى الله عليه وسلم درميان اسماعيل عليه السلام جي نسل مان

کو نبي نہ آيو هيو. حضرت ابراهيم ؑ جي امان هاجران امان سائره کان علاوه ٽين زال امان قطوره جو اولاد ۾ کيترائي فرزند آهن، پر نبوت جو سلسلو حضرت اسحاق ۽ ان جي نسل مان هليو ۽ آخري نبي حضرت اسماعيل ؑ جي نسل مان آهي. اهڙي طرح لوط ؑ جو داستانِ حيات آهي، جڏهن هن کي نبوت جو ذميداري ڏني وئي تہ هو خلق خدا جي اصلاح کري، کين گمراهيءَ جي انڌيرن مان ڪڍي سڌي رستي جي روشن راهہ تي وٺي اچي. هن ڏٺو تہ سندس قوم هر طرح جي گمراهي ۾ گهيريل آهي، پر انهن جي هم جنس سان خواهش سبب هنن مردن کي پنهنجي شهوت جو نشانو بنايو هو، (النساءِ: 15/4، البقره: 268/2) جيڪو بي حيائي جي ڪم ۾ تمام گهڻو اڳتي اچي ويا هئا. راهہ ويندڙ مسافرن تي ڌاڙا هڻڻ يا کليل محفلن ۾ زبردستي بي حيائي ۽ بدفعليءَ جا مرتڪب هوندا هئا. ان ڪري سڀ غلطين ۽ گناهن کان اڳ ۾ سندن هن فعل قبيح ڪرڻ کان کين روڪيو ويو. ”وَ تَقْطَعُوْنَ السَّبِيْلَ“ بابت ڪجهہ تفسيرن ۾ آيو آهي تہ توهان عورتن جي بجاءِ مردن سان برو ڪم ڪيو ٿا، گويا توهان ان رستي کي منقطع ڪيو ٿا، جيڪو فطرت نسل جي افزائش لاءِ تجويز ڪيل آهي. (الاعراف: 7/81-80، النمل: 55/27) لوط ؑ پنهنجي قوم کي چيو تہ اوهان کلم کلا بدڪاري ۽ بي حيائيءَ جا مرتڪب ٿي رهيا آهيو، توهان کان اڳ ڪنهن قوم بہ انهيءَ انداز ۾ قومي سطح تي يڪ آواز ٿي ڪڏهن بہ بي حيائيءَ جي عمل کي اهڙي طرح نہ ڪيو آهي، جهڙي طرح اوهان ان کي پنهنجو محبوب مشغلو سمجهي ڪري رهيا آهيو. هن ڪم لاءِ تہ الله تعالیٰ اوهان جي عورتن کي اوهان جو رفيق بنايو آهي، جنهن ڏانهن رجوع ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي، جيڪو عين فطرت مطابق آهي، جنهن سان نسل انساني جو سلسلو جاري ۽ باقي رهي ٿو. اوهان هن مڪروه ۽ حرام ڪم کي پنهنجو محبوب مشغلو بنائي عورتن سان همبستريءَ جو رستو رد ڪيو آهي ۽ نسل انساني کي وڌڻ کان روڪيو آهي. اوهان لاءِ جيڪا راهہ کليل آهي، ان کي پاڻ بند ڪري رهيا آهيو. اسلام عورت سان بہ جائز نڪاح ڪري پوءِ پنهنجي نفساني خواهش جائز طريقي سان پوري ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي. ”مَلْعُوْنٌ مَنْ اَتٰى اِمْرَاَتَهٗ فِيْ دُبُرِهَا“ (سنن ابي داؤد، سنن احمد) جيڪو عورت جي دبر ۾ شهوت راني ڪري ٿو، اهو لعنتي ماڻهو آهي. حديث ۾ آهي: ”مَنْ وَجَدْتُّمُوْهُ يَعْمَلُ عَمَلَ قَوْمِ لُوْطٍ

فَاقۡتُلُوا الۡفَاعِلَ وَالۡمَفۡعُوۡلَ” نکاح شده عورت سان مجامعت لاءِ وڏيک ڏسو: البقره: 2/223-222-187) “وَ الَّذٰنِ يَاۡتِيٰنِهَا مِنۡكُمۡ فَاٰذُوۡهُمَا” (النساءِ: 16/4) ۾ به جيڪڏهن “اَلَّذٰنِ مِنۡكُمۡ” مان مراد ٻه مرد آهن ته پوءِ انهن کي به ماحول مطابق سزا ڏني ويندي. هن اوباش ماڻهن وٽ لوط عليه السلام جي تنبيه جو ڪو جواب ڪو نه هيو، ان ڪري چوڻ لڳا جيڪڏهن تون پنهنجي قول تي سچو آهين ته پوءِ پنهنجي الله کان دعا گهر ته اسان تي عذاب اچي وڃي ۽ تون اهڙو عذاب اسان تي آڻي ڏيکار. جنهن تي لوط عليه السلام پنهنجي پروردگار کي عرضداشت پيش ڪئي يا الله! مان هن قوم کي گهڻو سمجهائي چڪو آهيان، پر هو پنهنجن هن برائي ۽ بي حيائي واري ڪم ۾ ڏيهنون ڏينهن وڌ آهن. خدايا! هنن فسادي ماڻهن جي مقابلي لاءِ تون منهنجي مدد ڪرڻ فرماءِ.

وَ لَمَّا جَآءَتۡ رُسُلُنَاۤ اِبۡرٰهِيۡمَ بِالۡبُشۡرٰى ۙ قَالُوۡۤا اِنَّا مُهۡلِكُوۡۤا اَهۡلِ هٰذِهِ
الۡقَرۡيَةِ ۚ اِنَّ اَهۡلَهَا كَانُوۡا ظٰلِمِيۡنَ ۚۖ ﴿۳۱﴾ قَالَ اِنَّ فِيۡهَا لُوۡطًا ؕ قَالُوۡا نَحۡنُ
اَعۡلَمُ بِمَنۡ فِيۡهَا ٞ لَنُنَجِّيَنَّهٗ وَ اَهۡلَهٗۤ اِلَّا امۡرَاَتَهٗ ٞ كَانَتۡ مِنَ
الۡغٰبِرِيۡنَ ﴿۳۲﴾ وَ لَمَّاۤ اَنۡ جَآءَتۡ رُسُلُنَا لُوۡطًا سِىۡٓءَ بِهِمۡ وَ ضَاقَ بِهِمۡ
ذَرۡعًا وَّ قَالُوۡا لَا تَخَفۡ وَ لَا تَحۡزَنۡ ۚ اِنَّا مُنَجُّوۡكَ وَ اَهۡلَكَ اِلَّا امۡرَاَتَكَ
كَانَتۡ مِنَ الۡغٰبِرِيۡنَ ﴿۳۳﴾ اِنَّا مُنۡزِلُوۡنَ عَلٰٓى اَهۡلِ هٰذِهِ الۡقَرۡيَةِ رِجۡزًا
مِّنَ السَّمَآءِ بِمَا كَانُوۡا يَفۡسُقُوۡنَ ﴿۳۴﴾ وَ لَقَدۡ تَّرَكۡنَا مِنۡهَاۤ اٰيَةًۢ بَيِّنَةً
لِّقَوۡمٍ يَّعۡقِلُوۡنَ ﴿۳۵﴾ وَ اِلٰى مَدۡيَنَ اَخَاهُمۡ شُعَيۡبًا ۙ فَقَالَ يٰقَوۡمِ اعۡبُدُوا
اللّٰهَ وَ ارۡجُوا الۡيَوۡمَ الۡاٰخِرَ وَ لَا تَعۡثَوۡا فِى الۡاَرۡضِ مُفۡسِدِيۡنَ ﴿۳۶﴾ فَكَذَّبُوۡهُ
فَاَخَذَتۡهُمُ الرَّجۡفَةُ فَاَصۡبَحُوۡا فِىۡ دَارِهِمۡ جٰثِمِيۡنَ ﴿۳۷﴾

جڏهن اسان جا فرشتا ابراهيم عليه السلام کي اسحاق ۽ يعقوب عليهما السلام جي بشارت ڏيڻ لاءِ هن وٽ آيا تہ انهن کيس ٻڌايو تہ اسان هن (لوط عليه السلام واري) بستيءَ کي هلاڪ ڪرڻ آيا آهيون، يقيناً هتان جا رهائشي ظالم آهن. (31) ابراهيم عليه السلام چيو تہ ان بستي ۾ تہ لوط بہ رهي ٿو. فرشتن چيو اسان کي معلوم آهي تہ اتي ڪير ڪير رهي ٿو، اسان لوط عليه السلام ۽ ان جي جماعت کي سواءِ سندس زال جي بچائي رکنداسون، البتہ اها عورت پٺتي رهجي ويندي. (32) ۽ جڏهن اسان جا فرشتا لوط عليه السلام وٽ آيا تہ هو پريشان ٿيو ۽ دل ۾ گهٽڻ محسوس ڪئي، فرشتن کيس چيو تہ تون ڪو خوف نہ ڪر ۽ دل ڏکي نہ ڪر (حزن ۽ غم نہ ڪر) اسان توکي ۽ تنهنجي اهل خانہ کي نجات ڏيڻ وارا آهيون، سواءِ تنهنجي زال جي، جيڪا (پاڻ) پٺتي رهڻ وارن مان هوندي.(33) اسان هن بستيءَ جي باشندن تي سندس بدڪرداري سبب آسمان طرفان عذاب نازل ڪرڻ وارا آهيون. (34) (اهڙي طرح هي قوم تباهہ ٿي وئي) اسان هنن جي هن داستان ۾ عقل ۽ فڪر کان ڪم وٺندڙن جي لاءِ قانون مڪافات (خدا جي پڪڙ) جي صداقت جي چٽي نشاني رکي آهي.(35) اهڙي طرح اسان شعيب عليه السلام کي سندس برادريءَ ڏانهن (رسول ڪري) موڪليو تہ هن چيو اي منهنجي قوم جا ماڻهو! الله عزو جل جي بندگي ڪريو ۽ آخرت جي ڏينهن جو (نجات) فڪر ڪريو.(36) تہ انهن هن کي ڪوڙو ڪوٺيو (جنهن جي نتيجي ۾) هنن کي زلزلي پڪڙي ورتو ۽ هو پنهنجن گهرن ۾ اونڌا ڪري پيا. (37)

الله تعالیٰ سندس دعا قبول ڪرڻ فرمائي ۽ فرشتن کي قوم لوط جي هلاڪ ڪرڻ لاءِ موڪلي ڏنو. اهي پهريان ابراهيم عليه السلام وٽ آيا، کيس اسحاق ۽ يعقوب عليهما السلام جي خوشخبري ڏني، جنهن جو آيت 27 ۾ ذڪر ٿي چڪو آهي ۽ ان وقت اهو بہ ٻڌايو تہ اسان لوط عليه السلام جي پوري بستيءَ کي هلاڪ ڪرڻ آيا آهيون. هن بستيءَ جا رهائشي ظالم ٿي ويا آهن. ابراهيم عليه السلام اهو ٻڌي قوم لوط عليه السلام لاءِ درخواست گذار ٿيو تہ هنن

کي بخش کيو، مگر فرشتن کيس چيو تہ هي فيصلو ٿي چڪو آهي. ابراهيم عليه السلام هاڻي انهن لاءِ دعا نہ گهرو. الله جل شانه جي فيصلي ۽ حڪم موجب هنن تي عذاب اچڻو آهي، سو ضرور ايندو. (هود: 74/11 کان 76) حضرت ابراهيم عليه السلام کين چيو تہ ان بستيءَ ۾ لوط عليه السلام بہ رهائش پذير آهي. فرشتن جواب ڏنو تہ اسان کي پوري خبر آهي تہ نيڪ ۽ صالح مؤمن ڪير آهن ۽ اوباش، شرير ۽ منڪر ڪير آهن. لوط عليه السلام ۽ سندس جماعت محفوظ رهندا. مگر لوط عليه السلام جي زوجہ (زال) عذاب جو نشانو بڻبي، ڇو تہ هن جون سموريون همدرديون انهيءَ فاسق ۽ فاجر فسادي قوم سان آهن. هو عصبيت جو شڪار هئي. ڪيس نبيءَ جي زال هجڻ بہ ڪنهن ڪم نہ آيو. الله تعاليٰ وٽ "اِنَّ اَكْرَمَكُمْ عِنْدَ اللّٰهِ اَتْقٰىكُمْ" جو معيار آهي، جنهن تي هو پوري نہ هئي. "مَنْ بَطَّأَ بِهٖ عَمَلُهٗ، لَمْ يُسْرِعْ بِهٖ نَسَبُهٗ" (صحيح مسلم) جنهن کي عمل پٺتي ڌڪيندو تہ ان کي نسب اڳتي نہ آڻيندو. جڏهن خدا تعاليٰ جا حسين جميل خوبصورت ڳڀرو نوجوانن جي شڪل ۾ حضرت لوط عليه السلام وٽ آيا تہ هو پنهنجي بستيءَ جي بدڪردار ۽ اوباش ماڻهن جي زيادتي ۽ سرڪشي جو سوچي ۽ پاڻ کي انهن جي مقابلي ۾ بي بس ۽ ڪمزور محسوس ڪري ڏاڍو پريشان ۽ دل ۾ غمزده ٿي ويو تہ هڪ طرف هي معزز مهمان تشريف آور ٿيا آهن ۽ ٻئي طرف قوم جا لچا لوفر ماڻهو پنهنجي بداخلاقي ۽ بدڪرداري واري تقاضا لاءِ ڊوڙندا ايندا تہ گهر ويٺي دل پسند شڪار هٿ اچي ويو آهي. حضرت لوط عليه السلام انهيءَ سوچ ۽ فڪر ۾ هيو تہ فرشتن سندس گهٻراهٽ کي محسوس ڪري ورتو ۽ ڪيس چيو تہ تون ڪو خوف محسوس نہ ڪر ۽ نہ وري ڪنهن غم ۽ حزن ۾ مبتلا ٿي. اسان توکي ۽ تنهنجي اهل کي هن گندي ماحول مان ڇوٽڪارو ڏيارڻ لاءِ آيا آهيون، سواءِ تنهنجي زال جي، هن جون همديون بستيءَ وارن سان آهن ۽ هو اوهان سان گڏ هلڻ بدران بستيءَ وارن سان پٺتي رهندي. اهڙي طرح اها قوم تباهہ ٿي وئي، جيڪا عقل ۽ شعور رکندڙن جي لاءِ هن داستان کي ۽ انهن کنڊرات ۽ آثار کي جيڪي اڄ بہ موجود آهن، عبرت جو نشان بنائي وئي، جيڪو مڪافات عمل جي صداقت جي واضح نشاني آهي. اهو رڳو انهن کي معلوم ٿيندو جيڪي هن واقعي ۽ واقعي جي موجوده آثار ۽ برباد دڙن تي غور ڪندا ۽ ان جي تہ تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪندا، پر جيڪي ماڻهو عقل و شعور کان وانجها

آهن، اهي تہ جانورن مثال آهن، جن کي اهڙن سبق آموز واقعن جي پرکڻ ۽ پروڙڻ جي صلاحيت ئي نہ آهي.

اهڙي طرح مدين وارن لاءِ سندن برادريءَ مان شعيب ﷺ کي سندن هدايت ۽ رهنمائيءَ لاءِ رسول ڪري موڪليو. هن پنهنجي قوم کي غلط رستن ۽ روين تي هلندو ڏسي کين مخاطب ٿي چيو تہ اي منهنجي قوم جا افراد! الله جل شانه جي عبادت ڪريو ۽ ان جي حڪمن جي روشنيءَ ۾ زندگي گذاريو. دنيا جي هن مال متاع، دولت ۽ خوشحاليءَ کي مقصودِ حيات نہ سمجهو. هي هن دنيا جا عارضي ۽ وقتي مفاد آهن. اصل زندگي آخرت جي حيات آهي، جنهن کي خوشگوار سڪون ۽ راحت وارو هنڌ ناهڻ ۾ آخرت جو اونو ڪريو. دنياوي ضرورتن ۽ لذتن کان آشنائيءَ بعد آخرت جي زندگي خوشگوار ۽ سدابهار بنائڻ وارا نيڪ عمل ڪريو ۽ هميشہ انهيءَ آرزو جي تڪميل لاءِ جدوجهد ڪندا رهو ۽ ان جي حاصل ڪرڻ جو اهو طريقو آهي تہ ملڪ جي معاشي، معاشرتي ۽ سماجي ماحول کي بگاڙڻ ۽ فساد برپا ڪرڻ کان پرهيز ڪريو. ناپ تول ۾ ڪمي ۽ ٺڳي نہ ڪريو. وٺڻ وقت وڌائي وٺو ۽ ڏيڻ وقت ڪٽائي ڏيو. انصاف جو رستو مضبوط رکو ۽ ميزان کي ڏيڻ توڙي وٺڻ وقت برابر رکو. هن ۾ پاڻ کي اهڙو خودمختيار نہ سمجهو تہ اوهان کان ڪير پڇڻ وارو بہ ناهي ۽ نہ وري ڪو احتساب ٿيندو. ياد رکو الله جي حڪمن جي قانون شڪني نہ ڪريو. ان جي حڪمن کي پوري طرح ادا ڪيو. خيال رکو تہ آخرت اچڻ واري آهي. ان ڏينهن اوهان جي زندگيءَ جو سمورو رڪارڊ پيش ٿيندو ۽ توهان الله جي حضور مجرم جي حيثيت ۾ پيش ڪيا ويندا. ان ڪري فساد، فتني، ظلم، ناانصافيءَ کان پاڻ کي بچايو ۽ اهڙا برا ڪم ڪري فسادي نہ بڻجي وڃو. هنن شعيب ﷺ جهڙي همدرد خير خواہ شخص جي نصيحت تي بلڪل غور ڪو نہ ڪيو ۽ هن جي پرخلوص دعوت کي ڪوڙو سڏيو ۽ پنهنجي ظالمانا ۽ غير منصفانا فعل کي جاري رکيو، جڏهن هنن جي سڌرڻ جي ڪا اميد باقي نہ رهي تہ آخرڪار هڪ سخت رڙ سان گڏ زمين ۾ زلزلو آيو، جنهن جي ڪري هنن جو ساهہ نڙيءَ تي اٽڪي پيو ۽ گوڏن تي اونڌا ڪريل بي جان بوتا ٿي ويا ۽ اهو آهي انجام ان نامراد نااهل قوم جو، جيڪي نبين، ڪتابن جي تعليم ۽ هدايت جو صريحًا انڪار ڪري پنهنجي بداعمالي جو نتيجو ڏسن ٿا.

وَ عَادًا وَّ ثَمُوْدَاْ وَ قَدْ تَّبَيَّنَ لَكُمْ مِّنْ مَّسٰكِنِهِمْ قف وَ زَيَّنَ لَهُمُ الشَّيْطٰنُ
اَعْمَالَهُمْ فَصَدَّهُمْ عَنِ السَّبِيْلِ وَ كَانُوْا مُسْتَبْصِرِيْنَ ﴿٣٨﴾ وَ قَارُوْنَ وَ
فِرْعَوْنَ وَ هَامٰنَ قف وَ لَقَدْ جَآءَهُمْ مُّوْسٰى بِالْبَيِّنٰتِ فَاسْتَكْبَرُوْا فِى
الْاَرْضِ وَ مَا كَانُوْا سٰبِقِيْنَ ﴿٣٩﴾ فَكُلًّا اَخَذْنَا بِذَنْۢبِهٖ ج فَمِنْهُمْ مَّنْ
اَرْسَلْنَا عَلَيْهِ حَاصِبًا ج وَ مِنْهُمْ مَّنْ اَخَذَتْهُ الصَّيْحَةُ ج وَ مِنْهُمْ مَّنْ
خَسَفْنَا بِهِ الْاَرْضَ ج وَ مِنْهُمْ مَّنْ اَغْرَقْنَا ج وَ مَا كَانَ اللّٰهُ لِيَظْلِمَهُمْ وَ
لٰكِنْ كَانُوْٓا اَنْفُسَهُمْ يَظْلِمُوْنَ ﴿٤٠﴾ مَثَلُ الَّذِيْنَ اتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ
اَوْلِيَآءَ كَمَثَلِ الْعَنْكَبُوْتِ ۚ اِتَّخَذَتْ بَيْتًا ط وَ اِنَّ اَوْهَنَ الْبُيُوْتِ
لَبَيْتُ الْعَنْكَبُوْتِ م لَوْ كَانُوْا يَعْلَمُوْنَ ﴿٤١﴾ اِنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ مَا يَدْعُوْنَ مِنْ وقف لازم
دُوْنِهٖ مِنْ شَيْءٍ ط وَ هُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿٤٢﴾ وَ تِلْكَ الْاَمْثَالُ نَضْرِبُهَا
لِلنَّاسِ ج وَ مَا يَعْقِلُهَآ اِلَّا الْعٰلِمُوْنَ ﴿٤٣﴾ خَلَقَ اللّٰهُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضَ
بِالْحَقِّ ط اِنَّ فِىْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لِّلْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٤٤﴾ ع ٤

۽ عاد ۽ ثمود قومن کي بہ اسان اهڙي طرح هلاڪ ڪري ڇڏيو، انهن جي بستين جا آثار (ڦٽل مڪان) بہ ڇٽا آهن ۽ شيطان سندن برن عملن کي خوش نما ۽ خوبصورت ڪري ڏيکاريو هيو ۽ ان شيطان هنن کي سڌي راهہ کان روڪي ڇڏيو هيو، حالانڪ هو (پنهنجي معاملن ۾) نهايت هوشيار ۽ چالاڪ

هئا.(38) ۽ اهڙي طرح اسان قارون، فرعون ۽ هامان کي هلاڪ ڪيو، انهن
ڏانهن موسیٰ ﷺ نهايت واضح نشانيون کڻي آيو هيو، پر هنن زمين تي
تڪبر ڪيو، پر اسان جي پڪڙ کان بچي نڪرڻ وارا نہ هئا. (39) پوءِ اسان
انهن مان هر هڪ کي سندس گناهہ جي پاداش ۾ پڪڙي ورتو. انهن ۾ اهي
(ماڻهو) بہ هئا جن تي اسان پٿرن واري زوردار آنڌي موڪلي، انهن مان ڪن
کي ڪڙڪيدار چيخ (رڙ) پڪڙيو ۽ انهن مان ڪجهہ کي زمين ۾ دبائي ڇڏيو
۽ انهن مان ڪن کي غرق ڪيو. هنن سان الله جل شانہ ڪا بي انصافي يا
ظلم زيادتي نہ ڪئي، پر هو پاڻ تي پاڻ ظلم ڪري رهيا هئا. (40) جن ماڻهن
الله کانسواءِ ٻين کي پنهنجو ڪار ساز بنايو آهي، انهن جو مثال ان مڪڙيءَ
جهڙو آهي، جنهن هڪ گهر بنايو، بيشڪ سمورن گهرن ۾ سڀ کان ڪمزور
گهر مڪڙيءَ جو گهر آهي، ڪاش ڪہ هو ان جي ڄاڻ رکندا هجن ها. (41)
يقينًا الله جل شانہ ان شيءِ کي خوب ڄاڻي ٿو، جن کي هو الله کي ڇڏي
پڪارين ٿا ۽ هو زبردست طاقت ۽ غلبي وارو ۽ حڪمت وارو آهي. (42) اسان
هي مثال (عقل وارن) انسانن لاءِ بيان ڪيون ٿا، مگر اهي نٿا سمجهن سواءِ
انهن جي جيڪي علم وارا آهن. (43) الله تعالیٰ آسمانن ۽ زمين کي برحق
پيدا ڪيو. يقينًا ايمان وارن لاءِ ان ۾ عظيم نشانيون آهن. (44)

---

عاد ۽ ثمود جيڪي پنهنجي وقت جون نهايت طاقتور قومون هيون، جيڪي پنهنجي شان شوڪت ۾ تاريخ جي صفحن تي نهايت شاندار نمونني سان بيان ٿيل آهن، هنن جي شهرت، قوت ۽ دٻدٻي کان عرب جا ماڻهو پوريءَ طرح واقف هئا، جن جي تباهي جون نشانيون ۽ داستان هنن جي اجڙيل مڪانات (گهرن) ۾ موجود آهن، جيڪي هن وقت آثار قديمہ طور کنڊرات جي صورت ۾ نظر اچن ٿا. انهن جون شيطاني حرفتون، حرڪتون ۽ چالبازيون سندن برن عملن کي هنن لاءِ خوشنما ڪري پيش ڪنديون هيون، يعني هي شيطان جي گمراهين ۾ غرق هئا، جنهن سبب هو پيغمبرن جي ٻڌايل سڌي ۽

صحيح رستي تي هلڻ لاءِ آماده نہ هئا. انهن کان اهي غلطيون اڻ ڄاڻائي ۽ بي خبري ۾ سرزد نہ ٿينديون هيون، پر هو هر شيءِ کي چڱي طرح سوچيندا ۽ سمجهندا هئا ۽ ڪين انهن جي نفعي نقصان جي بہ خبر هئي، پر هنن تي شيطان ۽ شيطاني قوتون ايتريون تہ غالب هونديون هيون جو سندن غور فڪر نہ ڪرڻ سبب ماؤف (چٽ يا محڪوم) ٿي وينديون هيون. اڪثر اهو ڏٺو ويو آهي تہ انسان جي عقل تي ڪڏهن حق بيني ۽ حق شناسي مٿان پردا پئجي ويندا آهن ۽ هو پنهنجي مهارت ۽ قابليت جي باوجود اصل منزل حاصل ڪرڻ کان محروم رهجي ويندا آهن.

ڈھونڈنے والا ستاروں کی گذرگاہوں کا
اپنے افکار کی دنیا میں سفر کر نہ سکا

———— ••• ————

گہے بر عرش اعلیٰ می نشینم
گہے بر پشت پائے خود نہ بینم

(اقبال رحمة الله عليه)

ڪڏهن تہ اسان (انسان) عرش اعلىٰ جو سير ڪري ٿو، پر ڪڏهن هن کي پنهنجي پير جي پُٺي جي خبر ناهي.

انهيءَ قانون مڪافات موجب مهلت جي وقت ختم ٿيڻ ۽ اتمام حجت ٿي وڃڻ بعد حق جي انڪاري ظالم جابر ۽ سرڪش قومن کي هلاڪ ڪيو ويندو آهي. سو انهيءَ قانون مڪافات موجب اسان قارون، فرعون ۽ هارون هامان کي بہ تباهہ ڪيو. هنن آيتن ۾ متڪبر سرڪش ظالم جابر ۽ زوردار ماڻهن ۽ قومن جو ذڪر ڪري قريش جي ابوجهل ۽ ابولهب کي ٻڌايو ٿو وڃي تہ اوهان بہ پنهنجن شڪلن کي آئيني ۾ ڏسو ۽ پنهنجن عملن جو هنن تباهہ ٿيل افراد، اشخاص ۽ اقوام جي حال سان مقابلو ڪريو تہ توهان کي معلوم ٿي ويندو تہ اوهان جو ڪهڙو انجام ٿيڻ وارو آهي ۽ چڱي طرح ڏسي سمجهي وٺو تہ نبي سڳورن جي مخالفت ۽ عداوت سبب هنن جو ڪهڙو حشر نشر ٿيو. قارون، فرعون ۽ هامان ڏانهن موسىٰ عليه السلام الله جل شانه طرفان ڪليل نشانيون ۽ چٽا

معجزا ڪڍي آيو، پر انهن تي غور ڪرڻ بدران غرور ۽ گهمنڊ ڪيو، جنهن جي نتيجي ۾ هنن تي عذاب الاهي اچي ڪڙڪيو، جنهن کان هو پاڻ بچائڻ لاءِ ڪاڏي پڄي به نه سگهيا. هو پنهنجن سرمايه پرستي، ملڪيت ۽ مذهبي پيشوائيت جي ڪري انسانيت ۽ سماج جي تباهيءَ جا نمائندا هئا. پنهنجي دولت، حڪومت، لشڪر ۽ قوت باوجود اسان جي قانون جي گرفت کان پاڻ بچائي نه سگهيا. اهڙي طرح اسان ماضي جي ڪيترين ئي طاقتور قومن ۽ سرڪش حڪمرانن کي زندگي جي غلط راهه روي ۽ روش تي ڪين پڪڙ ۾ ورتو، انهن مان قوم لوط کي پٿرن واري سخت هوا سان نيست و نابود ڪيو ۽ عاد، ثمود ۽ مدين وارن کي بجليءَ جي زوردار ڪڙڪ تباهه ڪيو. (الحاقه: 7/69) قارون جهڙن کي سندن گهرن ۾ دولت سميت زمين ۾ دبائي پوري ڇڏيو. قارون جو ذڪر سورة القصص: 68 ۾ آيو آهي ۽ فرعون ۽ هامان کي درياهه ۾ غرق آب ڪري ڇڏيو ۽ اهو سڀ ڪجهه سندن اعمال جي نتيجي ۾ ٿيو. ائين ڪڏهن نه ٿيو آهي جو الله عزو جل ڪنهن سان ظلم زيادتي ڪئي هجي. دراصل اهي بدبخت ماڻهو سمجهندا هئا ته هو ٻين کي ظلم جو نشانو بنائي رهيا آهن، پر حقيقت ۾ هو پاڻ سان ظلم ڪري رهيا هئا. ان ڪري سندن اعمال عذاب جي صورت اختيار ڪري انهن جو استقبال ڪندا هئا. قوم ثمود حضرت صالح عليه السلام جي قوم هئي، جن معجزاتي طور آيل ڏاچيءَ جون ٽنگون ڪپي ماري ڇڏيو. قارون پنهنجي حرفت جي ڪمائي سمجهي، ماڻهن جا معاشي رستا تنگ ڪندو هو. اهو پاڻ دولت ۽ گهرسميت زمين ۾ دبجي هلاڪ ٿيو. فرعون مصر جون بادشاهه هيو ۽ پاڻ کي الله سڏائيندو هو غرق آب ٿي ويو. اهڙي طرح هر ماڻهو هر قوم پنهنجي تباهي جو پاڻ سامان تيار ڪيو ۽ اها راهه اختيار ڪئي، جيڪا تباهيءَ جي واٽ هئي.

رب رسي مت ڪسي هٽي ڪو نه هٽيار
ڏسي اهڙي ڪار جنهن ۾ جوکو جان جو

(شاهه لطيف رحمة الله عليه)

جن ماڻهن الله ڪانسواءِ غيرالله کي پنهنجو ڪارساز، حمايتي ۽ مددگار ٺاهيو آهي، ان جو مثال ان مڪڙي وارو آهي، جيئن هن گهر ٺاهيو ۽ ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته

سيني کان ڪمزور ترين گهر مڪڙيءَ جو گهر آهي. ڪاش هو انهيءَ حقيقت کي سمجهي سگهن ها. (الروم: 9/30) اهي سهارا ۽ عناصر مڪڙي جي ڄار وانگر ڪمزور آهن ۽ خدا کانسواءِ ٻيا سمورا سهارا ڪوڙا ۽ بي بقا آهن. جن جي ڪا وقعت ۽ حيثيت ناهي. جيڪي ماڻهو الله کان سواءِ ٻين کي پڪارين ٿا ۽ پنهنجن ٺتن تي اعتماد ڪن ٿا، انهن جو مثال مڪڙيءَ جي ڄار کان به وڌيڪ ڪمزور آهي. الله تعالىٰ انهن جي حقيقت ۽ حيثيت کان پوري طرح باخبر آهي. خدا جي قوت سان يا الله جي حڪمت سان پوءِ جڏهن ماڻهن جا خود ساخته قانون ۽ عقيدا الله ذوالجلال جي قانون ۽ الوهيت جي مقابلي ۾ اچن ٿا ته تباهه ۽ برباد ٿي وڃن ٿا ۽ الله جا قانون هميشه غلبو حاصل ڪن ٿا، جو ته الله ذوالجلال وڏي قوت وارو ۽ حڪمت جو مالڪ آهي. اسان اهڙن پردليل مثالن سان ماڻهن کي سمجهائي رهيا آهيون. انهن مان فائدو رڳو اهي حاصل ڪري سگهن ٿا، جيڪي ابن ڏاڏن جي غلط تقليد ۽ پيروي ڇڏي، حق ۽ سچ جا متلاشي آهن (البقره: 256/2) ۽ علم جي دولت سان ڪري ڪوٽي جي پرک ڪن ٿا. اهو علم آهي، جيڪو الله جي آيتن ۽ دليلن کي پروڙڻ ۽ سمجهڻ وارو علم آهي، جنهن سان الله عزو جل جي معرفت حاصل ٿئي ٿي ۽ هدايت جون راهون کلن ٿيون. جيڪو شخص حق جي تلاش لاءِ غور و فڪر کان ڪم وٺندو ۽ ڪائنات تي بصيرت واري نگاهه سان ڏسندو ته ان تي اها حقيقت واضح ٿي ويندي ته الله تعالىٰ آسمانن ۽ زمين کي برحق پيدا ڪيو آهي، خدا جي هر شيءِ حڪمت سان لبريز آهي. ڪائنات جي ڪا به اهڙي شيءِ ناهي، جنهن تي غور ڪرڻ سان انسان خالق تائين پهچي نه سگهي. هي تخليق هڪ اهڙي حقيقت آهي، جيڪا بامقصد ۽ ڪارآمد آهي. هن ڪائنات کي بنا مقصد کيل تماشي طور پيدا نه ڪيو آهي. "مَا خَلَقْتَ هٰذَا بَاطِلًا" (آل عمران: 191/3) هن ڪائنات کي بنامقصد پيدا نه ڪيو آهي. جيڪي ماڻهو حق ۽ حقيقت تي يقين رکن ٿا، انهن لاءِ حقيقي زندگي جي پرکڻ ۽ معلوم ڪرڻ جو ذريعو ۽ وڏي نشاني آهي. جڏهن ماڻهو ڪائنات جي شين کي پرکي ڏسندو ته اهي بي مقصد نه آهن ته پوءِ انسان جهڙي عظيم مخلوق بي مقصد ٿي نٿي سگهي. ڪاروان انسانيت جي آڏو هڪ منزل آهي ۽ هن دنيا جي زندگي ان طويل سفر جو پهريون مرحلو آهي.